ويڙهه جو فن

سن زو

عطا محمد ڀنڀرو

ويڙهه جو فن

سن زو
عطا محمد ڀنڀرو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2004ع

Roshni Book No. 253

كتاب جو نالو: ويڙهه جو فن
ليکڪ: سن زو
ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو

ڇاپو پهريون: © روشني 2004ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

WERH JO FUN

Translation by: **Atta Mouhammad Bhanbhro**
Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composers, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition © Roshni 2004

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب، رابعه اسڪوائر - حيدرآباد
ڪانياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر - بندراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
مولانا عطاءُ الله ٽونيه مدرسه، سراج العلوم پير شريف
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو

وطن جي چوٽڪاري لاءِ وڙهندڙ
سنڌ جي سپوتن جي نالي!

فهرست

مهاڳ	9
مترجم جا ٻه اکر	14
تعارف	17
مارشل ليو جو سن زوءَ بابت نقطهٔ نظر	19
سن زوءَ جي جنگي اصولن جي صحت يا سچائي	21
سن زو: ”ويڙهه جو فن“ ڪتاب جو ليکڪ	22
ڀاڱو پهريون	
باب پهريون: دفاعي حڪمت عملي	25
سن زوءَ جي نظر ۾ جنگي حڪمت عمليءَ جو فن	27
مارشل ليو جا جنگ کان پرهيز لاءِ مشورا	28
چيني تاريخ ۾ ”ويڙهه جي فن“ جي اهميت	30
لانگ زونگ ۾ ڏرين وچ ۾ ٿيل گفتگو	31
ڪنائلن واري جنگ	33
منگ تيانو واري جنگ	34
سفارتڪاري	35
ڪي ۽ چو وچ ۾ ٿيل اتحاد جو خاتمو	36
جن ۽ ڪن وارو اتحاد	37
جنگي ميدان ۾ ڏاهپ جو استعمال	38
فشوئي درياهه وارو محاذ	39
گائڪسيا وارو محاذ	40
• نتيجو	41
باب ٻيون: فوجي جوڙجڪ يا بيهڪ	44
ڪاروائيءَ ۾ تحقيق جي ضرورت	46
اوچتي حملي جا عنصر	47
• نتيجو	48

باب ٽيون: غير معمولي ۽ روايتي فوجون	51
تاريخ ۾ غير معمولي فوج	52
ڍڳن کي باهه ڏيڻ واري فوجي ترتيب	53
شو کي فتح ڪرڻ واري جنگي مهم	53
گنان دو واري جنگ	54
• نتيجو	57
باب چوٿون: دوکو ۽ حقيقت	59
جنگ ۾ دوکي ۽ حقيقت جو استعمال	61
خالي شهر واري قلعي جو منصوبو	61
شيجنا زنان واري جنگ	62
مالن لڪ واري جنگ	64
• نتيجو	66
باب پنجون: جنگ ۾ پهلڪاري ۽ لڪ	67
جنگ ۾ تيزفهمي، شدت ۽ تيز رفتاري	70
چيشوني نديءَ واري جنگ	71
جُنگ چو واري جنگ	73
لياؤگزي ۽ شينيانگ واري جنگي مهم	74
• نتيجو	76
باب ڇهون: جاسوسن جو استعمال	78
جاسوسيءَ جي تاريخ	80
چو ۽ هن ۾ لڳل جنگ	81
هٽلر طرفان روسي جاسوس جو ڪوڙو افواهه ڦهلائڻ	82
باب ستون: جاگرافي	84
فوجي مقصدن لاءِ موزون هنڌ	84
مرڪزي جنگي ميدان	86
آمريڪا ۽ سوويت يونين وچ ۾ رقابت	88
خلائي دؤر ۾ جاگرافي جي اهميت	89
• نتيجو	90

ڀاڱو ٻيو

باب ائٺون: سن زوءِ جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" جو تاريخي پس منظر 91
صورتحال جو اندازو ڪرڻ 92
چينگ پو واري جنگ 93
جنگ ڪرڻ کان سواءِ دشمن کي آڻ مڃائڻ 94
ڪي ۽ چو جي وچ ۾ جنگ 95
ڳالهه ٻولهه وسيلي دوستاڻا ناتا جوڙڻ 97
• نتيجو 98

باب نائون: ساديماديت ۽ قديم جدليات 99
دهريت ۽ خدا 100
سن زوءِ جو قديم جدليات بابت نظريو 101

باب ڏهون: جنگ جا عالمگير قانون 104
جديد جاسوسي معلومات 105
سياسي پهلو 106
اقتصادي پهلو 108
جنگ لاءِ حڪمت ڏيڻ جو فن 111
پهلڪاري 112
روس ۽ جپان واري جنگ 113
لڪ 114
"هن" ۽ "چو" تي حملو 117
ماؤزي تونگ وٽ پهلڪاريءَ ۽ لڪ جي اهميت 118

باب يارهون: "ويڙهه جو فن" ۾ موجود ڪي متروڪ خيال 119
سن زوءَ جون متضاد ڳالهيون 122

ڀاڱو ٽيون

باب ٻارهون: انداز 124
باب تيرهون: جنگ جوٽڻ 127
باب چوڏهون: اڳرائيءَ واري حڪمت عملي 130
باب پندرهون: فوجي جوڙجڪ ۽ ڦهلاءَ 133

باب پنجون: دشمن جي فوجي بيهڪ ۽ ترتيب 135
باب ڇهون: دوکو ۽ حقيقت 138
باب ستون: فوجي چرپر، جنگي سٽاءُ ۽ چال 142
باب اٺون: نوَ مختلف ڳالهيون 146
باب ناٺون: پيش قدمي 148
باب ڏهون: فوجي مقصدن لاءِ مناسب هنڌ 153
باب يارهون: جنگ واري علائقي جون نوَ خاصيتون 157
باب ٻارهون: باهه سان حملو 164
باب تيرهون: جاسوسن جو استعمال 166

مهاڳ

عام طور تي ائين چيو ويندو آهي تہ تاريخ اندر اقتصادي معاملن جي تاريخ کان سواءِ، ڪي بہ قانون نظر ڪونہ ٿا اچن. ساڳي ڳالهہ جنگي تاريخ لاءِ پڻ چئي سگهجي ٿي. فن ۽ علم ۾ ڪٿي ڪيتريون بہ تبديليون يا ماڻهن ۽ وسيلن ۾ ڪٿي ڪيترو بہ فرق اچي ويو هجي، پر پوءِ بہ جنگ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن قانون ڏانهن سچيٽائيءَ سان ڌيان ضرور ڏريو ويندو آهي. اڄ کان 2400 سؤ سال اڳ "سن زوءَ" نالي هڪ ماڻهو چين جو حڪمران هوندو هو. هڪ اندازي موجب اهو زمانو ڪنفيوشس وارو هو. هي اهو ماڻهو هو، جنهن سڪندراعظم کان بہ گهڻو اڳ جنگ جا ڪي قانون ۽ ضابطا مقرر ڪيا هئا. معلوم ٿئي ٿو تہ "سن زوءَ" جي جنگي ضابطن ۽ اصولن جي مطالعي کان پوءِ ڪيترائي فوجي مهندار غلط اندازن ۽ غلط ڳالهين کان بچي پيا هوندا. سن زوءَ جي جنگ جي فن بابت تحرير ذات ۾ ڏانوَ وارو قيمتي ڪتاب آهي، جيڪو پنهنجي وقت کان گهڻو اڳ لکيو ويو. جيڪڏهن ائين چئجي تہ اهو چيني بوليءَ، لينن جي اصولن ۽ چين جي قديم فطري ۽ نج سڀيتا جو اظهار آهي تہ غلط نہ ٿيندو.

ٻن ٽن نسلن کان ڪجهہ وڌيڪ عرصو ٿيندو، جو مغرب وارا چين کي هڪ طاقتور ملڪ طور ڏسڻ لاءِ راضي ٿيا آهن. ڪو زمانو هو جو هن ڏيهہ ۾ رڳو ڏاڍ ۽ ڏچو هو ۽ ڪيترا تند ۽ تيز طوفان بہ آيا. چيني سڀيتا جا ڪي ايڏا چاڻو ڪونہ هئا، جو هن ملڪ جي فطري خامين ۽ اوڻاين کان باخبر هجن. پر چين جا ماڻهو اهڙين ڳالهين کان پوريءَ ريت باخبر هئا. ڪين اها بہ چڱيءَ ريت ڄاڻ هئي تہ چين جي ثقافتي انقلاب دؤران اهي افواهہ ڪيئن هليا هئا تہ هزارن دانشورن کي ثقافت جي وزارت واري عمارت جي تهخانن هيٺان اذيتن جو شڪار بنايو ويو هو. ان هوندي بہ مغرب کي هاڻي چين ملڪ ڏانهن خاص ڌيان ڏرڻو ٿو پوي، جيڪو ٻاهرينءَ دنيا سان مطابقت پيدا ڪري رهيو آهي ۽ ماحول مطابق هلي رهيو آهي؛ آءٌ پنهنجيءَ ٻانجنيءَ ۾

ريڊئي تان خبرون ٻڌندو هئس تہ 1950-57ع واري ڪوريا جنگ ۾ چين جون فوجون ٿپي پيون آهن، جنهن ڪري آمريڪي فوجون پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿي پيون آهن، اهو ڪنهن نواڻ جو اهڃاڻ هو. اڄ ڪلهه ڪي ماهر هيءَ اڳڪٿي ڪري رهيا آهن تہ 2007ع ڌاري چين اقتصادي طرح دنيا جي اهم ملڪن مان هڪ هوندو. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هن مغرب جو نقل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي ۽ اسان کي انهن سيني ڳالهين جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪرڻ کپي. چين جي گهرو ويڙهہ ۾ تائيوان سڀ ڪجهہ هارائي وينو هو. هي نهايت ڪنگال ۽ ڏتڙيل بيٺ هو. پر هن ٿيهن سالن ۾ گهڻو ڪجهہ ڪري ڏيکاريو آهي. هي ملڪ ڪنهن بين الاقوامي اداري جهڙوڪ آءِ. ايم. ايف جو رڪن بہ نہ آهي، پر پوءِ بہ اتان جي ڪن جهونن سياسي اڳواڻن کي تائيوان جي ترقيءَ جو راز سمجهہ ۾ اچي ويو تہ وچ پاڻيءَ واري هن ملڪ جو نقل ڪرڻ گهرجي.

سن زوءَ ۾ دلچسپي جي نواڻ انهيءَ ڪري آئي آهي، جو هو پاڻ تاريخي واقعن جو ڄڻ هڪ تسلسل آهي. ان کان سواءِ هو قديم چين جي ڪلائوزٽز (Clausewitz) جو پيش رو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو اتساهہ ۽ آتم بہ هو. هي مختصر ڪتاب تيرهن بابن تي مشتمل آهي، جيڪو جنگ جي فن جي مختلف رخن تي روشني وجهي ٿو ۽ هن ڪتاب جو اهم بنياد عقل سليم، عمل جوڳن ۽ درست فيصلن تي رکيل آهي. هن ڪتاب ۾ رتوڇاڻ کان سواءِ جنگي سوڀ تي زور ڏنو ويو آهي. ڪنهن جنگ ۾ جنبيل هڪ فوجي ڪمانڊر کي سفارش ڪئي ويندي تہ هو سن زوءَ جي مرتب ڪيل اصولن جو وچور پاڻ وٽ رکي، جيڪو ڇپيل صورت ۾ سدائين سندس ميز تي رکيل هجي.

هن ڪتاب کي چيني ٻوليءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ هڪ ڏکيو عمل هو، ڇاڪاڻ تہ چيني لپيءَ جا قاعدا ۽ ضابطا انگريزي لفظن کان وڌيڪ سهڻا ۽ سيبتا آهن. نتيجي طور چيني ٻوليءَ ۾ جيڪي طاقتور ۽ اثر پذير لفظ آهن، تن مغربي ٻولين ۾ چوٽين جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي، جن جي اهميت کان انڪار ڪرڻ ممڪن ئي نہ آهي. مثال طور مائوزي تونگ جو لنڊڙو ڪتاب Red Book (انقلابي ڪتاب) آهي، جنهن وسيلي توهان ڏسي سگهو ٿا تہ ثقافتي انقلاب واري زماني ۾ لکين چيني

ماڻهو جوش، جذبي ۽ هيجاني ڪيفيت ۾ هٿ هٿ ۾ ڏئي اوچتو ٻاهر نڪري اچن ٿا. مذڪوره ڪتاب ۾ هن طرح جا جملا نظر ايندا ته، ”جڏهن مينهن وسي نه ٿو، پر پلٽجي پوي ٿو،“ يا ”ترجي گڏي سؤ چوٽون کائي“ (وغيره) سن زوءَ اسان کي پليءَ پٽ ٻڌائي ٿو ته فوجي ڪمانڊر آڏو کهڙا اهم مسئلا ايندا آهن، ۽ جن جي حل وارين ڳالهين جي فهرست سدائين سندس ميز تي موجود هجي. سندس قول آهي ته، ”ٻهريائين دشمن کي ننهن کان چوٽيءَ تائين عقابي نظر مان ڪڍيو، پوءِ پنهنجي وٽ ۽ طاقت کي پرکي ڏسو. ايئن ڪرڻ سان اوهان سوين جنگين مان هڪ به نه هارائيندؤ.“

هن ڪتاب يعني ”ويڙهه جو فن“ ۾ هن قسم جي ڏاهپ جا ڳُر سمايل آهن. انهن مان هڪ ڳالهه نه متروڪ ٿي چڪي آهي ته ”ڪلراڻي ۽ لوٽياڻي جوءِ ۾ جتي پاڻيءَ جا انچر هجن، جنگ نه ڪرڻ گهرجي.“ هن هڪ ڳالهه ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنو، جنهن ڏانهن عام طور تي نه ڏنو ويندو آهي. سن زوءَ هن حقيقت کي وڌيڪ اهم سمجهي ٿو ته، ”هٿيارن تي وڌيڪ توجهه ۽ وڌيڪ خرچ ڪيو وڃي.“ سندس قول آهي ته: ”هٿيارن جي مرمت ۽ بحاليءَ تي خرچ ڪرڻ کان هرگز نه لنوائجي.“ سن زوءَ جي دؤر ۾ اهڙي رقم جو سڄ سيڪڙو جنگي رٿن جي قيٽن، لاڪ وسيلي ڳنڍڻ ۽ ٻين اهڙين ڳالهين تي خرچ ڪيو ويندو هو. اسان جي موجوده دؤر ۾ اسان جا ملڪ پڻ بچاءَ سان لاڳاپيل رقم جو وڏو حصو ساڳين اصولن تحت خرچ ڪندا آهن ۽ ان جي ڀيٽ ۾ نون هٿيارن تي ايندڙ خرچ نه برابر هوندو آهي. سن زوءَ جو هي ڪتاب هڪ ڳالهه ڪري ته تمام گهڻو دلچسپ آهي. ان ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن جو لاڳاپو لينن جي فلسفي سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن جنگي ماهر وٽ هڪ انوکو داءُ اهو به آهي ته دشمن فوج جي مختلف حصن کي کهڙي نموني سان ورهائي استعمال ڪجي ۽ سندس اوڻاين مان ڪهڙيءَ ريت فائدو وٺي، يعني ڳڻ ڳوت ڪري دشمن جي سموري فوج جي غلطين مان فائدو ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو.

لينن جو قول آهي ته، ”سرمائيدار ملڪ اسان کي پئسن سان رسيون ڏيندا، جن سان اسان کين ڦاهيون ڏينداسون.“ پر ڪيس اڄا هيئن چوڻ گهرجي ها ته، ”مغرب کي اهڙا بئنڪر پيدا ڪندو، جيڪي فلابرٽس ٻي

ايڊيوڪيشن سينٽيمينٽل (Flauberts L-education Sentimentale) جي ڊائمبريوس (Dambreuse) وانگر هر حڪومت سان لهه وچڙ ۾ ايندا. ۽ خاص طور تي ڪاپيءَ ذر سان. سرمائيدار ملڪ ڪميونسٽ ذر کي جڻ تہ هن مقصد سان قرض ڏئي رهيا آهن تہ جيئن اها ذر ورتل پئسن سان قرض ڏيندڙ ساڳين سرمائيدار ملڪن کي خريد ڪري سگهي. 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ڊيٽنٽ (Detente) ۽ اسٽپولٽڪ (Ostpolitik) ان جا جيئرا مثال آهن."

مغرب کي خوشفهمي هئي تہ وڏن قرضن وسيلي ڪميونسٽ ملڪن کي قابو ڪري سگهجي ٿو. لينن جي نظريي جا حامي چڱيءَ طرح سمجهي رهيا هئا تہ دشمن جي بي پناهہ طاقت کي سنڊس ئي خلاف ڪم آڻي سگهجي ٿو. چيني ڪميونسٽ. لينن کان چڱيءَ ريت واقف هئا. جن پڻ مغرب جي طاقت کي ڪتب آندو. جنهن ۾ پهريائين جپان واري ڳڻتي ۽ پوءِ روس جو خوف شامل هو ۽ اهو ڏکهي عرصي واريءَ راند جو هڪڙو ننڍڙو حصو هو. سن زوءَ کي اڄ کان پورا بہ هزار سال اڳ اهڙيءَ ڏکهي عرصي واري حڪمت عمليءَ بابت خبر هئي. تنهن ڪري هو ڏاڍو مشهور هو ۽ سنڊس پوئلڳ بہ تمام گهڻا هوندا هئا. جنگ جي هن جهونجهار ۽ ڏاهي ماڻهوءَ جنگي فن بابت پنهنجي راءِ ظاهر ڪندي لکيو آهي تہ، "اوهان کي دشمن ذر سان ڳالهين جي باريڪ بينين ۽ نازڪ نڪتن جي پيچيدگين تي عقابي نظر رکڻ گهرجي." سنڊس قول آهي تہ، "جيڪي ماڻهو جنگ ۾ ذانءَ ۽ ذات جا ڏٺي هوندا آهن، سي ئي سياست کي سنواريندا ۽ سينگاريندا آهن. تنهن ڪري اوهان اتحادن جي همت افزائي ڪريو. دشمنن کي ڌوڪو ڏيو. دشمن جو چڱيءَ ريت اڀياس ڪيو. اُن تي ڪاڏي خوراڪ مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ پروسو ڪري سگهو ٿا. اوهان ڪيس انهن معمولي شين تي ٽڪائي واڙو ڪريو. جن بابت اوهان جا جاسوس ڪيس عجيب و غريب انداز ۾ اتساهي ۽ اياري سگهن ٿا." ڪميونسٽ محاورن ۾ هن جنگي فن جي ماهر کي ڪليءَ دل سان دادُ ڏنو ويو آهي ۽ سنڊس هن سکيا کي "قديم جدليات" جي نالي سان سڏيو ويو آهي.

هاڻي شايد چين. اولهہ وارن ملڪن سان پراڻو رويو ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو ڪنهن زماني ۾ لينني سوچ وارن ملڪن جو پڻ هو تہ دشمن

کي ورهايو ۽ ان کي استعمال ڪريو. پر سن زوءَ جي مطالعي ڪان پوءِ مون کي حيرت ٿئي ٿي. هو هڪ اهم نظرئي جو خالق هو ۽ فوجي تاريخ ۾ هن جو پنهنجو هڪ الڳ مقام آهي. هي جهونجهار باشعور ڏاهو ۽ ذات ڏٺي هو، جنهن سان مقابلو ڪرڻ ۽ جنگ وڙهڻ به اعزاز هو.

نارمن اسٽون
پروفيسر ماڊرن هسٽري، آڪسفورڊ يونيورسٽي

مترجم جا ٻه اکر

سن زوءَ جو هيءُ ڪتاب فوجي معاملن جي لحاظ کان مستند ۽ اعليٰ ترين معيار رکي ٿو، جيڪو اڄ کان اٽڪل ڇوويهه سئو سال اڳ لکيو ويو هو. جيتوڻيڪ هن تصنيف جو لاڳاپو فوجي نوعيت جي معاملن سان آهي، پر ان جو نج پڄ واسطو ڪو فوجي مامرن سان به نه آهي. هن تصنيف جي متن جو وڏو حصو جنگ ۽ سياست، اقتصاديات، سفارتڪاريءَ، جاگرافيءَ ۽ علم نجوم جي وچ ۾ موجود لاڳاپن تي مشتمل آهي. تنهن ڪري ائين چوڻ ۾ عجب نه ٿيندو ته جنگي فن تي لکيل دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ڪتابن کان سن زوءَ جو جنگي فن سان واسطو رکندڙ هي ڪتاب وڌيڪ اهم آهي، جيڪو چين سان گڏ ساري دنيا ۾ مشهور آهي.

سن زوءَ جي جنگي فن تي لکيل هن ڪتاب کي جديد چيني ٻوليءَ ۾ جنرل تائو هئن زئنگ (Tao Han Zhang) لکيو آهي، جيڪو چين جي لبريشن آرميءَ جو هڪ اهم فوجي عملدار هو. هن 1917ع ۾ چين جي جيانگزي علائقي ۾ جنم ورتو هو ۽ 1933ع ۾ ريڊ آرميءَ ۾ داخل ٿيو. هو 35-1934ع واري جڳ مشهور لانگ مارچ ۾ پڻ شريڪ ٿيو هو. هن ريجمينٽ جي ڪمانڊر ۽ برگيڊ جي چيف آف اسٽاف واري حيثيت ۾ چين - جپان جنگين ۾ نمايان حصو ورتو هو. چين جي آزادي واريءَ جنگ ۾ هو فوج جي هڪ حصي جو چيف آف اسٽاف هو. ان کان پوءِ هن اتر چين جي فوجي ۽ سياسي ڪاليج جي پرووسٽ (Provost) طور به خدمتون سرانجام ڏنيون. آزاديءَ کان پوءِ پيپلز ريپبلڪ آف چائنا جي فوج ۾ به اهم عهدن تي رهيو. جهڙوڪ چين جي ڪوانگ زو واري فوجي حصي جو چيف آف اسٽاف به رهيو. جنرل تائو فوجي تعليم جو ماهر هو. هو پي.ايل. اي ۾ ڪيترن ئي سالن تائين پڙهائيندو رهيو ۽ مناسب موقعن تي هن موضوع تي ليڪچر به ڏيندو رهيو. انهيءَ عرصي دوران چين جي فوجي درسگاهه "چائنيز ملٽري اڪيڊمي" ۾ وڏن عهدن تي رهيو.

هو 68 سالن جي ڄمار ۾ رٽائر ٿيو. هاڻي هو بيجنگ جي انٽرنيشنل اسٽريٽجڪ اسٽيڊيز نالي هڪ اهم اداري ۾ صلاحڪار طور ڪم ڪري رهيو آهي. هو متحده (آمريڪا) برطانيه، فرانس ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ چين جي فوجي نظريي ۽ حڪمت عمليءَ بابت مسئلن تي ليڪچر ڏئي چڪو آهي. ڪيس وسيع فوجي تجربو حاصل آهي. هن نظريي ۽ عمل تي ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن: جهڙوڪ ملٽري آپريشن ان ٽراپيڪل جنگلز (Military Operation in tropical Jungles)، دي ورڪ آف اسٽاف آفيسر(The work of staff officer) دي ورڪ آف هيڊ ڪوارٽرس ان ماڊرن وارز (The work of Head Quarters in modern wars) وغيره.

جنرل تائوءَ پنهنجي پڇاڙيءَ واري هن ڪتاب ۾ نه صرف سن زوءَ جي جنگي فن جي نظريي کي صاف، واضح ۽ چٽو ڪري لکيو آهي، پر ان جو نهايت خوبصورت ۽ ماهرانه انداز ۾ تجزيو به ڪيو آهي. گڏوگڏ گهرائيءَ سان هن ڪتاب جي خوبين ۽ خامين تي دل کولي تبصرو پڻ ڪيو آهي. هن تاريخي پس منظر ۾ جديد هٿيارن ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي پڻ پنهنجا ويچار ونڊيا آهن. هي ماڻهو چيني فوجي هو، انهيءَ ڪري هن ڪتاب کي انهيءَ پس منظر ۾ لکيو آهي. هن جي ساري زندگي جنگي ميدان تي وڙهندي، گهائيندي ۽ گهاءُ کائيندي گذري. هي ڪتاب مختصر مگر جامع آهي، جنهن مان چين جو جديد ۽ قديم فوجي نظريو جهاتيون پائيندو نظر اچي ٿو. جنرل تائو، سن زوءَ جي جنگي فن ۽ موجوده دؤر جي جديد جنگي اصولن کي گڏائي پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن چين جي موجوده جنگي نظريي تي سوچيو ۽ ويچاريو ته اسان کي هن ڪتاب ۾ ڪنهن تبديليءَ جي اهڃاڻ ۽ مخصوص ڪيفيت جو هڪ تسلسل ڏسڻ ۾ ايندو. جنرل تائو هن ڪتاب ۾ فوجي قانونن ۽ ضابطن جي ڏکئي موضوع کي نهايت سوليءَ ٻوليءَ ۾ لکيو ۽ سمجهايو آهي. تنهنڪري هن ڪتاب کي غير فوجي ماڻهو به سولائيءَ سان سمجهي سگهندا. مون کي پوري پڪ آهي ته هيءَ تصنيف نه رڳو انهن ماڻهن لاءِ دلچسپ ۽ اهم معلومات آهي، جيڪي فوجي، سياسي ۽ بين الاقوامي معاملن سان واسطو رکن ٿا، پر انهن ماڻهن لاءِ به مددگار ثابت ٿيندي، جيڪي پنهنجي فيصلي جي قوت کي سگهارو بنائڻ ۽ مختلف جزن کي ملائي هڪ شڪل ڏيڻ چاهين ٿا.

سن زوءَ جي ڪتاب ”ويڙهہ جو فن“ جي ترجمي ۾ ڪي متضاد ڳالهيون نظر اچن ٿيون. ڪي ڳالهيون اهڙيون بہ ڏسڻ ۾ اينديون جيڪي هن ڪتاب ”ويڙهہ جو فن“ ۾ تہ آهن، پر ترجمي مان حذف ڪيون ويون آهن، جن جو تعلق سن زوءَ جي قولن سان آهي، جن ڪي ضميمي ۾ يا جنرل تائوءَ جي ڪتاب ياڱي پهرئين ۽ ٻئين ۾ ڏسي سگهجي ٿو. اهو هن جي جاکوڙ جو نتيجو آهي، جو هن قديم چيني ٻوليءَ جي اصلي اصطلاحن کي ڳولي لڌو آهي، پر اهڙيون متضاد ڳالهيون ڪي خاص اهم ڪونہ آهن. انهن ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي، جيڪا متن جي اصلي مفهوم کي تبديل ڪري سگهي.

آءٌ ڊاڪٽر ڊيريڪ وائيلڊ (Dereck Wilde) جو ٿورائتو آهيان، جنهن مهرباني ڪري منهنجي قلمي نسخي جي هڪ ياڱي کي پڙهيو ۽ ٻوليءَ جي ڪن اهم نڪتن تي مفيد مشورا ڏنا.

يوئان شينگ
ائسوسيئيٽ پروفيسر،
فارين افيئرس ڪاليج بيجنگ، چين.

تعارف

سن زوءَ جو ڪتاب ”ويڙهہ جو فن“ سندس طبعزاد ڪتاب آهي. هو قديم چين جو هڪ فوجي سائنسدان ۽ ماهر فوجي اڳواڻ هو. سندس جنم ۽ وفات جي صحيح تاريخ معلوم نہ آهي، پر هو 500 ق.م واري دؤر سان واسطو رکي ٿو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هي سچاڻ ماڻهو ڪنفيوشس جو همعصر هوندو تہ ڪو شڪ نہ آهي. شي جي (Shi Ji)، وو زگزو (Wu Zixu) جي سوانح عمريءَ ۾ لکي ٿو تہ، ”وو (Wu) ملڪ جي حڪمران هي لو (He Lu) ، جنرل زگزو جي سفارش تي سن زوءَ کي فوج ۾ اعليٰ عملدار مقرر ڪيو هو. جنهن ”ويڙهہ جو فن“ نالي تيرهن بابن تي مشتمل هڪ ڪتاب لکيو هو. وو زگزو کي چڱيءَ ريت ڄاڻ هئي تہ سن زوءَ جنگي معاملن ۾ ماهر ۽ سچاڻ آهي. تنهن ڪري حڪمران ”هي لو“ کيس پنهنجي ملڪ ۾ هڪ فوجي جنرل طور مقرر ڪيو هو.“

”ويڙهہ جو فن“ ، جنگ جي حڪمت عملين جي اهم موضوع تي لکيل چين ولايت جو نهايت ئي قديم ڪتاب آهي. هن ملڪ جي تاريخ اندر اهڙو ڪو جنرل يا چيف آف اسٽاف ڪونہ رهيو آهي، جنهن سن زوءَ جي هن ڪتاب جي مطالعي مان فائدو نہ ورتو هجي ۽ هن جي مرتب ڪيل اصولن کي ڪم نہ آندو هجي. ماضيءَ جي مشهور معروف جنرلن سن بن (Sun, Bin)، زنگ ليانگ (Zhang Liang) ، يو في (Yue Fei) ، ڪي جگئانگ (Qi Jiguang) ، ۽ زين گئونگ پڻ هن ڏاهي ماڻهوءَ جا تمام گهڻا حوالا ڏنا آهن. ويهين صديءَ جي جنگي ماهر مائوزي تونگ بہ سن زوءَ جي هن مشهور ڪتاب کي تمام گهڻو ساراهيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ، ”سن زوءَ جو قول تہ، ”پهريائين دشمن جو اندازو لڳايو، پوءِ پنهنجي وت ۽ سگهہ کي پرکي ڏسو، پوءِ اوهان بنا ڪنهن شڪست جي سئو جنگيون وڙهي سگهو ٿا.“ بلڪل سچو ۽ کرو آهي.“ هن پنهنجي تصنيفن ۾ سن زوءَ جا تمام گهڻا قول نقل ڪيا آهن. چين جي لبريشن آرميءَ جي جنگي ماهرن ۽ فوجي ڪماندرن سن زوءَ جي مرتب ڪيل اصولن ۽ نظرين کي رهبر بنائي مائوزي

تونگ جي فوجي حڪمت عمليءَ هيٺ ڪيتريون ئي جنگي سوڀون ماڻيون هيون. سن زوءَ جي هيءَ تصنيف "ويڙهه جو فن" دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مشهور ۽ مقبول آهي، جنهن جو انگريزي، جپاني، فرينچ ۽ روسي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. هي ڪتاب ڪيترن ئي ملڪن جي اڪيڊمين ۽ تحقيقي ادارن ۾ نصاب طور پڙهايو ۽ حوالن طور ڪتب آندو ويندو آهي.

1960ع جي ابتدا ۾ برطانيا جي فيلڊ مارشل برنارڊ ايل منٽگمريءَ چين جو دؤرو ڪيو هو ۽ چيو هو ته، "سن زوءَ جي هن ڪتاب "ويڙهه جو فن" کي دنيا جي سڀني فوجي اڪيڊمين ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو وڃي ته بهتر ٿيندو."

جان ڪولنس پنهنجي مشهور ڪتاب "گرانڊ اسٽرٽيجي پرئڪٽس ائنڊ پرنسپلس" ۾ لکيو آهي ته "دنيا جو پهريون ماهر ۽ سڄاڻ ماڻهو سن زوءَ آهي، جنهن فوجي حڪمت عمليءَ جي موضوع تي پهريون تصور ڏنو آهي." جنگي فن" سان لاڳاپيل هي ڪتاب 400 ق.م ۽ 300 ق.م جي وچ ڌاري لکيو ويو هو، جنهن ۾ هن اهم موضوع جي ضابطن ۽ اصولن تي بحث ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ دنيا جا بهترين 13 مضمون آهن، جن ۾ ڪلائوز وز (Claus-witz) جا مضمون به شامل آهن. يوئين نالي وارو ماڻهو سن زوءَ کان پاويهه سئو سال پوءِ پيدا ٿيو آهي. اڄ تائين اهڙو ڪوبه جنگي فن سان لاڳاپيل ڏاهو ماڻهو پيدا نه ٿيو آهي، جنهن جنگي حڪمت عمليءَ ۾ موجود ڪن لاڳاپن ۽ انهن جي اهميت ۽ جبلت تي ضابطي رکڻ واري عمل تي ڳوڙهو ويچاريو هجي. سندس گهڻا خيال اڄ جي ماحول سان به ائين نهڪي بيهن ٿا، جيئن سن زوءَ جي پنهنجي دؤر ۾ هئا."

سن زوءَ جي "ويڙهه جو فن" واري ڪتاب ۾ مختلف موضوع آهن، جن ۾ جنگي قانون، جنگ جو فلسفو، جنگي حڪمت عمليءَ سان واسطيدار ڳالهيون: سياست، اقتصاديات، سفارتڪاري، علم نجوم ۽ جاگرافي جا موضوع به شامل آهن. هن ڪتاب جو موجوده نقطه نظر کان به مطالعو لازمي آهي، جنهن وسيلي اهم ڳالهين کي چونڊي ۽ غير اهم ڳالهين کي ڇنڊ ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت حال جي ترقيءَ ۽ سڌاري لاءِ ماضيءَ جي مفيد ڳالهين کي ڪتب آڻي سگهجي ٿو. هن ڪتاب جو مطالعو جنگ دؤران جنگ جي ترتيب ۽ جنگي سوچ ۽ فڪر وڌائڻ ۾ هر طبقي جي ڪمانڊر کي تمام گهڻي مدد ڏئي سگهندو.

مارشل ليو بوچينگ جو سن زوءَ بابت نقطئہ نظر

مارشل ليو بوچينگ 1950ع واري ڏهاڪي ۾ چين جي ملٽري اڪيڊميءَ جو صدر هو. هن هڪ پيري چيو هو تہ سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" ۾ ڪيئي اهڙيون اڻلڀ شيون آهن، جيڪي جنگ جي موضوع تي لکيل ٻين ڪتابن ۾ نظر ئي ڪونہ اينديون:

(1) هي عالمگير جنگي قانونن تي مشتمل هڪ قديم ڪتاب آهي، جيڪو جنگ جي فتح ۽ شڪست سان واسطو رکندڙ حقيقتن جي نهايت گهرائيءَ سان وضاحت ڪري ٿو ۽ اندازي ڪرڻ جي اهميت تي پڻ وڌيڪ زور ڏئي ٿو، جنهن جو تعلق جنگ کان اڳ وارن فوجي فيصلن سان هوندو آهي.

(2) هي ڪتاب جنگ ۽ سياست، اقتصاديات، سفارتڪاري، علم نجوم ۽ جاگرافيءَ جي وچ ۾ موجود تعلق تي تمام گهڻو زور ڏئي ٿو. جنهن مطابق فوجي ڪمانڊر تي اهو فرض ٿئي ٿو تہ هو جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ مناسب وقت ۽ صحيح ماحول جي جاچ ڪري ۽ اندازو لڳائي تہ دشمن جو ڪهڙو فيصلو ۽ منصوبو آهي.

(3) هي ڪتاب هن ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو تہ دشمن کي فوجي سگهہ سان نہ، پر پنهنجي خاص فوجي حڪمت عمليءَ سان شڪست ڏجي.

(4) هي ڪتاب هن ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو تہ فوج کي دشمن جي جنگي ترتيب، پنهنجي فوج جي جنگي نقشي ۽ مقامي جاگرافيائي صورتحال موجب لچڪيدار رکڻ گهرجي، جنهن کي سولائيءَ سان ضرورت مطابق تبديل ڪري گهيري سگهجي.

(5) هي هن ڳالهہ جي اهميت تي زور ڏئي ٿو تہ، "جيڪڏهن اوهان جنگ ۾ فتح چاهيو ٿا تہ دشمن کي ٽڪيو ۽ توڙيو. پنهنجي وت ۽ سگهہ جي چڱيءَ ريت پرک ڪريو."

(6) موجوده دؤر جي ٻوليءَ ۾ هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ فوجي ڪمانڊر کي جنگ شروع ڪرڻ جي حتمي فيصلي ڪرڻ کان اڳ حقيقت پسند ۽ قابل عمل حقيقتن تي سوچڻ کپي. هن کي اها بہ پڪ هئڻ گهرجي تہ جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ نئين صورتحال ۽ نيون حالتون پيدا ٿي سگهن ٿيون. جيڪڏهن ٻاهرين صورتحال کي نظرانداز ڪري،

پنهنجي خيالي ڳالهين موجب اندازا ڪبا ۽ جنگي عمل ۾ ابهرائيءَ کان ڪم وٺبو تہ پوءِ شڪست يقيني ٿيندي.

(7) هي سڄاڻ ماڻهو هن ڳالهہ جو حامي هو تہ فوج کي اهڙيءَ ترتيب سان بيهارجي، جو دشمن ان جي بيهڪ بابت ڪابہ اڳڪٿي ڪري نہ سگهي ۽ دشمن تي اوچتو وجي راتاهو هڻجي. هن جو ان ڳالهہ تي پڻ زور آهي تہ پنهنجيءَ پوري سگهہ سان دشمن تي خونخوار چيتي وانگر زوردار ڇال ڏئي وجي ڪڙڪو. اوهان جنگ ۾ بہ دشمن سان ائين ڪريو جهڙيءَ ريت وڄ جو وراڪو ڪن ۾ ختم ٿي ويندو آهي.

مارشل ليو بوچينگ جڏهن 1950ع واري ڏهاڪي ۾ ملٽري اڪيڊميءَ جو پريزيڊنٽ هو تہ هن پنهنجو خيال ظاهر ڪيو هو تہ سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" کي "سائنس آف ڪمپيئنس" (Science of Campaigns) جي نالي سان لازمي فوجي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي. اهو مضمون هو خود پڙهائيندو هو. ان کان سواءِ هن ملٽري اڪيڊميءَ ۾ هن ڪتاب تي سمپوزيم پڻ ڪرايو هو. سندس ڏنل ليڪچر فقط هن ڪتاب تائين محدود ڪونہ هوندا هئا. هو چا ڪندو هو، جو ڪتاب جو تت ڪڍي اُن کي هيٺين ڇهہ نڪتن ۾ ورهائيندو هو:

(1) جنگ جي حڪمت عمليءَ جي فن بابت سوچ ويچار.

(2) دشمن جي جنگي نقشي ۽ مقامي جاگرافيءَ کي نظر ۾ رکي فوجي بيهڪ جي ترتيب.

(3) خاص ۽ عام قسم جا فوجي يونٽ.

(4) دوکو ۽ حقيقت، يعني غير حقيقي ۽ حقيقي فوج.

(5) فوجي يونٽن جي ترتيب ۾ نڇڪ ۽ ڪمانڊر جي حالتن تي ضابطي رکڻ جي سگهہ.

(6) جاسوسن جو استعمال.

مارشل ليو حوالي طور مختلف جنگين جا حال احوال ۽ ڳالهيون ٻڌائي ۽ مثال ڏئي، جنگي فن جي پيچيده ڳالهين کي ڏاڍي سهڻي ۽ سولي نموني سان سمجهائي سگهندو هو.

مون هي ڪتاب، سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" جي شخصي اپياس، سمپوزيم جي فائيل ۽ "پوسچر آف آرمي" نالي ڪتاب کي سامهون

رکي مرتب ڪيو آهي، جنهن جو مارشل ليو ترجمو ڪيو ۽ چين جي قديم ۽ اعليٰ قسم جي فوجي ادب مان چونڊ ڪئي. جنهن جي نظرثاني پڻ مارشل ليو ڪئي هئي.

سن زوءَ جي جنگي اصولن جي صحت يا سچائي

قديم دؤر جي ڪيترن ئي چيني جنرلن جنگ جي فن تي لکيو آهي. سنگ (Sung) گهراڻي جي راڄ دؤران سن زوءَ جي "ويڙهه جو فن" کان سواءِ وو زو (Wu Tzu) به "ويڙهه جو فن" نالي هڪ ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ هن فوج جي فني حڪمت عمليءَ بابت ڇهه نڪتا بيان ڪيا هئا. "هائنگ شي گونگ وي ليائو زي" به جنگي حڪمت عمليءَ جي فن جون تي اهم ڳالهيون ٻڌايون آهن. سيما جو "قانون" ۽ "شهنشاهه تنگ تائي زونگ ۽ لي وي گونگ ۽ ٻين وچ ۾ ٿيل گفتگو" نالي به هڪ ڪتاب آهي، جنهن جو تعلق پڻ جنگ جي فن سان آهي. انهن مان ڪجهه ڪتاب هاڻي ناياب ٿي چڪا آهن ۽ جيڪي موجود آهن، سي وري سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" جهڙا مشهور نه آهن. ان مان سولائيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سن زوءَ جي وضع ڪيل جنگي اصولن جي اڄ به ڪيڏي نه اهميت آهي!

ينڪ (Yinque) جبل جي کوٽائيءَ مان بانس جي پترن (Slips) تي لکيل سن زوءَ جو ڪتاب "ويڙهه جو فن" عام مشهور ڪتاب کان گهڻو مختلف ۽ نرالو آهي. بانس جا مٿيان پترا اولهه واري هن (Hun) گهراڻي سان تعلق رکن ٿا جيڪو (Spring) ۽ خزان (Autumn) جي ڏي زي واري دؤر کان 350 سال پوءِ جو دور رهيو آهي. هن مان گهڻن ۾ گهڻن به ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون: هڪ ته ڪتاب "ويڙهه جو فن" سن زوءَ جي هٿن جو لکيل ڪتاب آهي. ۽ اهو خيال صحيح نه آهي ته هي ڪتاب سن زوءَ جي نالي ڪنهن ٻئي ماڻهو لکيو آهي. ٻيو ته سن زوءَ نالي مشهور عام ڪتاب جو مواد کوٽائيءَ مان لڌل بانس جي پترن تي موجود لکت کان مختلف آهي. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي ته چين جي تاريخ ۾ ڪيترن فوجي جنرلن سن زوءَ جي ڪتاب ۾ ڪيترا واڌارا ڪيا آهن. موجوده دؤر جي جديد طرز واري جنگ لاءِ هدايتن ڏيڻ يا جنگ لاءِ حتمي فيصلي ڪرڻ کان اڳ سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" جو اپياس اٽل آهي.

سن زو: ”ويڙهه جو فن“ ڪتاب جو ليکڪ

چين جي تاريخ ۾ بهار ۽ خزان جو دؤر ”چيت ۽ سرءُ“ نالي هڪ ڪتاب تان پيو آهي. اهو زمانو ”لو“ (Lu) گهراڻي سان واسطو رکي ٿو. چيو ويندو آهي تہ هن خاندان جي حڪومت 246 سال هلي، جيڪا بادشاهہ زائوپنگ ڪان پوءِ 49 سال ۽ بادشاهہ زائوجنگ ڪان پوءِ 39 سال هلي هئي. مورخن هن دؤر کي پنهنجي سهوليت ڪري تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هي زمانو پهرئين حڪمران زائوپنگ (770 قبل مسيح) کان شروع ٿئي ٿو ۽ بادشاهہ زائو جنگ جي حڪمرانيءَ جي چوئيناليهين سال (477 ق.م) تائين هلي توڙ ڪري ٿو. هنن انگن اکرن موجب هن گهراڻي جي راڄ جو ڪل عرصو 265 سال بيهي ٿو

”شي جي“ (Shi Ji) ۽ ”هنشو“ (Hanshu) نالي ڪتابن مطابق سن زوءَ جو ڪتاب ”ويڙهہ جو فن“ سن وو (سن زوءَ جي گهراڻي جو نالو) جو لکيل آهي، جيڪو ”چيت ۽ سرءُ“ واري دؤر جي پڇاڙيءَ سان تعلق رکي ٿو. سن زو، ڪي (Qi) نالي هڪ رياست جي ليئان (Lean) شهر ۾ ڄائو هو. (ڪي وارو علائقو هاڻي هيومنگ (Huiming) جي انتظامي وحدت ۽ شنگ دونگ صوبي ۾ آهي. هي جنگي فلاسفر، 500 ق.م سان لاڳاپو رکي ٿو. سندس ڏاڏو چين وان، چين (Chen) نالي ملڪ ۾ رهندو هو، جنهن کي هاڻ هينان (Henan) صوبو سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ زماني ۾ چين ۾ وڳوڙي وايومنڊل هو. تنهنڪري هو لڏي اچي ”ڪي“ ۾ وڃي ۽ پنهنجي اصليت بدلائي تيان (Tien) سڏائڻ لڳو هو. ڪيس ڪي هينگ گونگ (Qi Heng Gong) تمام گهڻو پائيندو هو، اِن ڪري جو هو ملڪ تي ڌارين جي ڪاهہ دؤران سر ترِيءَ تي رکي وڙهيو هو، جنهن ڪري ڪيس سن (Sun) جو خطاب ڏنو ويو هو، جيڪا پوءِ سندس ذات بڻجي وئي.

سن زوءَ جي پيءُ جو نالو سن پنگ هو، جيڪو ”ڪي“ (Qi) ملڪ جو

اعليٰ عملدار هو. سن زوءَ هڪ فوجي گهراڻي ۾ اکيون کوليون هيون. تنهنڪري ان جي فوجي ماهر هئڻ هڪ فطري ڳالهہ هئي، تن ڏينهن واري اتان جي سماج ۾ فوجي خدمت کي مان شان سان ڏٺو ويندو هو. "ڪي" ملڪ "جٿنگ زيا" نالي هڪ حڪمران جو ملڪ هو، جيڪو چين جو هڪ مشهور فوجي ذهن هو. هن ملڪ کي اهو بہ اعزاز حاصل هو تہ ملڪ جو وڏو سياستدان ۽ فوجي سائنسدان ڳئانگ زونگ (Quang Zhoung) بہ هتان جو هو. تنهنڪري هن علائقي ۾ هڪ اعليٰ فوجي ورثو موجود هو. ڪي (Qi) ملڪ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ هي علائقو، سياست، اقتصاديات، ثقافت، سفارتڪاري ۽ فوج جو اهم مرڪز بڻجي ويو هو، جتي ملڪ جا جنگي جوان ۽ ڏاها ڏات ڏٺي ماڻهو رهندا هئا. سن زوءَ هڪ اهڙي بهترين وايو منڊل ۾ جنم ورتو هو، ان ڪري کيس فوجي معاملن جي اڀياس ڪرڻ جو هڪ سونهري وجهہ ملي ويو هو. تنهنڪري هو ڀوهہ جوانيءَ ۾ ئي فوجي مامرن جو وڏو ڄاڻو بڻجي ويو.

جڏهن ڪي (Qi) ملڪ وڳوڙن جي ور چڙهي ويو تہ سن زوءَ لڏي اچي وو (Wu) علائقي ۾ رهيو، جنهن کي هاڻي سوزائو جيانگ (Suzhou Jiang) صوبو سڏيو ويندو آهي. "شي جي" جي بيان مطابق "وو" علائقي جي فوجي جنرل ووزگزو، سن زوءَ کي ملڪ جي حڪمران "هي لو" وٽ پيش ڪيو ۽ سندس لکيل ڪتاب "ويڙهہ جو فن" بابت بہ بادشاهہ کي ٻڌايو. جنرل ووزگزو جون ڳالهيون ٻڌي بادشاهہ، سن زوءَ کي جنرل وو جي فوج جي هڪ جنرل طور مقرر ڪيو، ڇاڪاڻ تہ هن ڄاتو ٿي تہ سن زوءَ فوجي معاملن جو ماهر ۽ جنگي حڪمت عمليءَ جي فن جو وڏي ڄاڻو آهي. اهڙيءَ ريت سن زوءَ، وو ملڪ ۾ پنهنجي فوجي زندگيءَ جي شروعات ڪئي.

"وو" جي حڪمران جڏهن چو (Chu) نالي ملڪ تي حملو ڪيو تہ هن سان جنرل ووزگزو ۽ سن زوءَ بہ گڏ هئا. هن حڪمران جي مسلسل حملن يو (Yue) کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ملڪ جون حدون سوچينگ (Sucheng)، لوئان (Luian)، ڪئنشان ۽ ڇائو جي وڏي انتظامي وحدت تائين پکيڙي ڇڏيون، جنهن کي هاڻي انهوئي (Anhui) صوبو سڏيو ويندو آهي. ٽن سالن جي آرام کان پوءِ، فوج جي نئين سر تنظيم ڪاري

ڪرڻ بعد پوجو (Poju) جي جنگ کٽي وئي، ۽ ان کان پوءِ "چو" جي راڄڌانيءَ ينگ (Ying) تي قبضو ڪيو ويو.

آڳاٽي ڪتاب ۾ سن زوءَ جو ڪاٿ تي اڪريل خاڪو

تاريخ ۾ ڪٿي به سن زوءَ جي جنم ۽ وفات بابت ڪنهن به قسم ذڪر موجود نه آهي. پر اها هڪ مستند حقيقت آهي ته هن مٿي ذڪر ڪيل سيني جنگين ۾ حصو ورتو هو. "Shi" جي ڪتاب ۾ جنرل وو زگزو جي سوانح عمري موجود آهي، جنهن ۾ سن زوءَ جي ڪارڪردگيءَ جو ذڪر نظر اچي ٿو. سندس بيان آهي ته هن اولهه ۾ "وو" ملڪ جي چو جهڙي وڏي طاقتور ۽ سگهاري علائقي فتح ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي هئي. اتر طرف "ڪي" (Qi) ۽ "جن" (Jin) علائقن کي ڪنبائي ڇڏيو هو ۽ ڏکڻ طرف "شي" "واري" "يو" (Yue) علائقي کي فتح ڪيو هو. تنهن ڪري "وو" پنهنجي دؤر جو هڪ نهايت طاقتور ملڪ ٿي پيو هو. اسان بنا ڪنهن شڪ شبهي جي چئي سگهون ٿا ته سن زوءَ نه رڳو فوجي اصولن ۽ نظرين جو خالق هو. پر عظيم فوجي ڪمانڊر پڻ هو. جنهن کي فوجي مهمن کي خاص ترتيب ڏيڻ ۾ مهارت حاصل هئي.

پاڱو پهريون

باب پهريون
دفائي حڪمت عملي

جنگ جي حڪمت عمليءَ جي فن بابت سوچ ويچار سن زوءَ جو بنيادي نظريو آهي، جنهن موجب دشمن کي فقط فوجي سگهہ سان نہ پر سرت، سچيتائيءَ ۽ ڏاهپ سان بہ شڪست ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سندس انهيءَ ڳالهہ ۾ يقين هو تہ ٻن فوجي لشڪرن جي وچ ۾ مقابلو فقط فوجي ڪارڪردگيءَ جو نہ هوندو آهي، پر ان تضاد سان گڏ ٻيون ڳالهيون، جهڙوڪ سياست، اقتصاديات، فوجي سگهہ ۽ سفارتڪاري بہ پنهنجو نمايان ڪردار ادا ڪنديون آهن.

سن زوءَ جو جنگ دوران ٽن ڳالهين، جهڙوڪ: نيڪ نيتيءَ سان جاڪوڙڻ، معاملن تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ انتظام ۾ تدبر کان ڪم وٺڻ تي زور هوندو هو. سندس چوڻ هو تہ، ”جنگ ڪنهن بہ رياست لاءِ نهايت اهم معاملو آهي، چو تہ اُن ۾ زندگيءَ ۽ موت جو سوال آهي. جيڪڏهن فتح حاصل ٿي تہ بقا آهي ۽ شڪست حاصل ٿي تہ تباهي، ان ڪري ضروري آهي تہ جنگ سان لاڳاپيل ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي پڻ بہ پيرا سوچجي ۽ ويچارجي.“

جنگ سان لاڳاپيل پنج اهم ڳالهيون

سن زوءَ جو چوڻ آهي تہ ”جنگ بابت ڪاٿو لڳائڻ لاءِ پنجن ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي، جنهن کان پوءِ دشمن ڌر ۽ پنهنجين حالتن جو تقابلي اڀياس ڪرڻو پوندو. تہ جيئن انهن ڳالهين مان صحيح اندازو ڪري سگهجي تہ جنگ جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ اهي بيان ڪيل ڳالهيون هي آهن:

(1) ”سياست، (2) موسم، (3) مقامي جاگرافيائي صورتحال، (4) فوجي مهندار، ۽ (5) اصول“ .

ٿورن لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته سن زوءِ جو ايمان هو ته انهن ڳالهين تي ڳوڙهو سوچ ويچار ڪجي، جيڪي جنگ جي فتح ۽ شڪست جو فيصلو ڪنديون آهن. انهن مان پنج اهم ۽ ست گهٽ اهم ڳالهيون آهن، جيڪي جنگ جي معاملي ۾ نهايت ضروري سمجهيون وينديون آهن.

"سياست" لفظ مان سن زوءِ جو مطلب آهي ته حڪمران ڪي اهڙي سياسي حڪمت عملي يا انهن مان اهڙيون ڳالهيون اختيار ڪرڻ گهرجن، جو هن جي رعيت ساڻس هر عمل ۽ حصي ۾ هم آهنگ ٿي وڃي.

"موسم" مان سندس مراد ڪي فطرتي ڳالهيون ۽ انهن جو اثر هو، جهڙوڪ: رات ۽ ڏينهن، مينهن ۽ چٽو ڏينهن، خوشگوار موسم، سردي، گرمي ۽ مناسب موسم مان دنگهريو ڪم وٺڻ ۽ بيڪار عنصرن کان بچي وڃڻ. مقامي جاگرافيائي صورتحال (Terrian) مان سن زوءِ جو مفهوم آهي: فاصلو يا ڌرتيءَ جو گهربل متاچرو سفر ڪرڻ ۾ سولو آهي يا ڏکيو، يا اُها جوءِ اڳتي وڌي حملي ڪرڻ لاءِ مناسب آهي يا بچاءَ لاءِ (defensive tactics)، يا ان جوءِ ۾ فوج جي صفبندي ڪري سگهجي ٿي يا نه، جيتري قدر "فوجي ڪماندر" يا مهندار جو تعلق آهي ته ان ۾ هڪ جنرل جيتري ڏاهپ، نيڪ نيتي، خلوص، دلي وسعت، بهادري، احتياط ۽ سختگيريءَ واريون خاصيتون هئڻ گهرجن. هن وٽ اصول (doctrine) جي معنيٰ آهي فوجي ترتيب ۽ ضابطو (discipline)، تنظيم (organation) ۽ فوجي عملدارن کي مناسب ذميواريون سونپڻ. هر ڪم جي اصول ۽ ضابطي ۾ باقاعدگي (Regulation) ۽ فوجي نقل حرڪت جو انتظام (Management of logistics) ڪرڻ وغيره.

سن زوءَ جي نقطءِ نظر موجب مٿي بيان ڪيل ڳالهين جي تجربي وسيلي جنگ ۾ فتح يا شڪست جو سولائيءَ سان اندازو ڪري سگهجي ٿو. هنن ڳالهين جي وڌيڪ چنڊڇاڻ لاءِ هيٺين ستن سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا، جيڪي اهميت جي لحاظ کان ثانوي درجي جون ڳالهيون آهن.

(1) جنگ ڪندڙ ٻنهي حڪمرانن مان وڌيڪ ڏاهو ۽ معاملا فهم ڪير آهي؟

(2) ٻنهي فوجن جي ڪماندرن مان وڌيڪ عقلمند ۽ قابل ڪير آهي؟

(3) ٻنهي فوجن مان ڪنهن کي وڌيڪ فطري ۽ مقامي جاگرافيائي سهوليتون ميسر آهن؟

(4) ٻنهي مان ڪهڙيءَ فوج ۾ ضابطو ۽ ترتيب وڌيڪ آهي؟
(5) ٻنهي مان ڪهڙي فوج وڌيڪ طاقتور آهي؟
(6) ڪهڙي فوج ۾ تربيت يافته عملدار ۽ سپاهي وڌيڪ آهن؟
(7) ڪهڙيءَ فوج ۾ انعام، سزا جو نظام ۽ روشن خيالي وڌيڪ آهي؟

جيڪڏهن ڪو ماڻهو مٿي ڄاڻايل سمورين ڳالهين جي جامع نموني ڇنڊڇاڻ ڪندو ته ڪيس سموري ڄاڻ پئجي ويندي ته ٻنهي ڌرين مان ڪنهن جي سوڀ ٿيندي. پر جيتري قدر موجوده دؤر جي جديد هٿيارن واري جنگ جو تعلق آهي ته مٿي ذڪر ڪيل نڪتا اڻپورا آهن. باقي ٻه هزار سال اڳ سن زوءَ واري دؤر ۾، اهي ڳالهيون اهم سمجهيون وينديون هيون. چين ۽ جپان واري جنگ دؤران ڪامريڊ مائوزي تنگ فوجي نقطه نگاهه کان شاندار مقالو لکيو هو، جنهن جو عنوان هو: ”ڊگهي جنگ“ (On the protracted war) جنهن ۾ به هن سياسي، اقتصادي، فوجي، سفارتڪاري ۽ جاگرافيائي نُڪتن جي ڇڳيءَ ريت ڇنڊڇاڻ ڪئي هئي. اهڙيءَ ريت هو هن نتيجي تي پهتو هو ته چين حملي آور جپان کي شڪست ڏيندو. تاريخ سندس اُن اڳڪٿيءَ کي سچو ثابت ڪيو. چين جو اينڊڙ دؤر حملي آور جپان کان مختلف هوندو ۽ چين ۾ ان وقت تائين گهڻي تبديلي ٿي چڪي هوندي، پر سن زوءَ واري جنگ جو تجزيو ۽ چين جي جنگي حڪمت عملين جي فن جي اهميت پوءِ به اهائي ساڳي رهي ٿي.

سن زوءَ جي نظر ۾ جنگي حڪمت عمليءَ جو فن

جيتري قدر جنگي حڪمت عمليءَ جي فن جو تعلق آهي ته سن زوءَ ان معاملي ۾ ڏاڍو سُرت ۽ سڄيت هو. هو هن ڳالهه جو شدت سان قائل هو ته دشمن کي جنگ کان سواءِ شڪست ڏجي. هن هڪ اهم نڪتي ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته ”جيڪڏهن هڪ سئو جنگين دؤران هڪ سئو سوڀون ماڻيون وڃن ته اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي، پر تلوار ڪڍڻ کان سواءِ دشمن کي مڃائڻ هڪ وڏو ڪارنامو آهي.“ هن گذريل جنگين جي وسيع تجربي کي آڏو رکي، نهايت سڄيتائيءَ سان سوچي ويچاري اهو نتيجو ڪڍيو هو.

سن زوءَ جو جنگ جي ميدان ۾ فوجي ڪارروائيءَ لاءِ اهم نڪتو هو: ”اڳوات سوچ ويچار“ ۽ ”ترت ۽ تکڙو فيصلو“. هن اهو نڪتو ان دؤر

جي تاريخ ۽ سماجي حالتن کي نظر ۾ رکي سوچي ورتو هو. هن پنهنجي ڪتاب جي ”جنگ جوتڻ“ واري باب ۾ لکيو آهي ته جيڪڏهن فوج ”ڊگهي جنگ“ جاري رکندي ته ملڪ جي آمدنيءَ جا ذريعا پورا پئجي نه سگهندا ۽ بيو ته ان طويل عرصي واري جنگ سبب فوج ٿڪجي بيزار ٿي پوندي ۽ حوصلا هاري ويهندي، ملڪي خزانو خالي ٿي ويندو ۽ توهان جي هن تباهيءَ مان ڌاريو ملڪ فائدي وٺڻ جا جتن ڪندو. اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن اوهان وٽ ڪيڏا به ڏاها صلاحڪار ۽ مشير هوندا، پر اُهي مستقبل لاءِ ڪا رٿابندي نه ڪري سگهندا. اسان اهو ٻڌو ضرور آهي ته جنگ دوران تمام گهٽي ابهرائيءَ کان ڪم ورتو ويندو آهي، پر اسان اهو ڪڏهن نه ڏٺو آهي ته ڏاهپ سان جوڙيل رٿابندي واري جنگ ڪڏهن طويل عرصي تائين جاري رهي هجي.“

اڳتي هلي ساڳئي باب ۾ وري به چوي ٿو ته، ”جيڪي ڪمانڊر جنگ جاري رکڻ جا ماهر هوندا آهن، تن کي فوج جي ٻيءَ ڀرتي جي ضرورت نه پوندي آهي. کاڌخوراڪ يا ضرورت جون ٻيون شيون وڏ ۾ وڏ به ٻيرا گهرايون وينديون آهن. فوجي ضرورت واريون شيون پنهنجي ملڪ مان باقي کاڌخوراڪ لاءِ دشمن ملڪ مان کنيون وينديون آهي.“

سوال اهو آهي ته جنگ ۾ ترت ۽ تڪڙن فيصلن جي ضرورت ڇو پوندي آهي يا اڳواٽ سوچ ويچار (Pre-emptive measures) ڪري ڪي قدم ڇو کنيا ويندا آهن؟ اهڙو تعين وقت جي سماجي حالتن تي مدار رکي ٿو؛ خاص ڪري جنگ وقت اقتصادي حالتن کي نظر ۾ رکي ڪن ڳالهين جو اڳواٽ فڪر ڪيو ويندو آهي. سن زوءَ واري دؤر ۾ ملڪ موجوده دؤر جي صوبي کان ننڍو هوندو هو، جنهن ۾ ماڻهن جو تعداد ٿورو ۽ هر شيءِ جي موجودگي مختصر هوندي هئي ان ڪري طويل عرصي واري جنگ کي جاري رکڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو.

مارشل ليو بوچينگ جا جنگ کان پرهيز لاءِ مشورا

مارشل ليو بوچينگ جو نقطهءِ نظر آهي ته جنگي حڪمت عمليءَ جي فيصلن ڪرڻ مهل هيٺين پنجن ڳالهين کان پاسو ڪيو وڃي:

(1) جڏهن ملڪ پاڻيرو ۽ سگهارو نه هجي ته جنگ شروع نه ڪجي، يعني انفرادي، اقتصادي ۽ فوجي قوت کي نظر ۾ رکڻ لازمي آهي.

(2) جيڪڏهن ماحول سازگار نہ هجي تہ جنگ شروع نہ ڪجي. (هتي ماحول مان مراد بين الاقوامي صورتحال ۽ پاڙيسري ملڪن جو رويو آهي)

(3) جيڪڏهن ملڪ اندر وڳوڙي حالتون هجن تہ جنگ شروع نہ ڪجي.

(4) جيڪڏهن ملڪ جا رهواسي جنگ جي حمايت نہ ڪندا هجن تہ جنگ شروع نہ ڪئي وڃي.

(5) جيڪڏهن ملڪ ڪي ٻن يا وڌيڪ محاذن تي وڙهڻو هجي تہ جنگ شروع نہ ڪجي.

اها نهايت ضروري ڳالهہ آهي تہ جڏهن جنگي حڪمت عمليءَ بابت ڪي فيصلا ڪرڻا آهن تہ مٿين پنجن ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ لازمي آهي، پر اهو هرويرو ضروري بہ نہ آهي، تہ انهن سمورن نڪتن تي جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ سوچيو ويچاريو وڃي. انهن مان پهرين ۽ پنجين ڳالهہ نهايت اهم آهي. پر مفتوح ملڪ حملي آور ملڪ کي مهاڏي ڏيڻ وقت هنن پنجن ممنوع ٽيل ڳالهين سان بڏل نہ هوندو آهي. هنن ڳالهين مان هي نُڪتو بہ نروار ٿي وڃي ٿو تہ جڏهن بين الاقوامي صورتحال صحيح نہ آهي ۽ سرحدن تي جنگ جا ڪارا ڪکر موجود آهن ۽ چين اڃا پنهنجي اقتصادي تعمير ۾ لڳو پيو آهي تہ ان کي پنهنجي موثر بچاءَ تي جوڳو ڌيان ڌرڻ گهرجي.

مارشل ليو، جنگ جي هنن پنجن ممنوع ڳالهين کي وڌيڪ سمجهائڻ لاءِ ڪيترا ئي مثال پيش ڪيا آهن. سندس چوڻ آهي تہ، "جپان جي جنرل 'توجو' جي اها چريائي هئي، جو هن 1941ع ۾ پئسفڪ جنگ جي شروعات ڪئي هئي. جڏهن تہ سندس هڪ جنگ چين جي ڌرتي ۾ گتل هئي تہ ٻي وري ڏکڻ اوڀر ايشيا جي گچڻ ۾ ڦاٿل هئي. اهڙيءَ طرح هو هڪ پاسي دنيا جي ٻن وڏن ملڪن آمريڪا(گڏيل رياستن) ۽ چين سان، تہ ٻئي طرف وري هن ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ بہ جنگ جي شروعات ڪئي هئي."

اسٽالن سياڻو هو جو هن نازي جرمنيءَ سان برسر جنگ دؤران جپان سان دوستاڻا تعلقات قائم ڪري ورتا هئا. هو جپان جي سفير سان شخصي طور ملندو هو ۽ روس جپان جي دوستاڻن ناتن کي ورجائيندو رهندو هو ۽ روس توڙي جپان جي هڪ ٻئي خلاف اڳرائي نہ ڪرڻ واري ٺهراءُ تي سختيءَ سان پابندي لاءِ تاڪيد ڪندو رهندو هو. هن فقط تڏهن جپان خلاف جنگ جو اعلان ڪيو هو جڏهن جرمني هار کائي چڪو هو. پر اهڙا

مثال ٿورا آهن، جو گهٽڻ محاذن تي وڙهندڙ فوج هارايو هجي. اسان جي آڏو هٽلر ۽ نيپولين بہ مثال آهن، جن گهٽڻ محاذن تي جنگ ڪري شڪست کاڌي آهي.

اهو هر ملڪ جي پنهنجي مفادن ۽ پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ ۽ تياريءَ تي مدار رکي ٿو تہ سوچ ويچار کان پوءِ ڪهڙن ملڪن سان ڪهڙا اتحاد، عهدناما، اقرارناما ۽ رسمي ناهہ ڪري. جيڪڏهن صحيح نوعيت جو عهدنامو هڪ پيرو طئي ٿي وڃي تہ مقرر مدت تائين لاڳاپيل ڌرين کي ان جو سختيءَ سان پابند رهڻ گهرجي. جيڪڏهن ايئن نہ ڪيو ويندو تہ پوءِ ملڪ يا ملڪ جو اڳواڻ ساري دنيا جي اکين ۾ پنهنجي آبرو ۽ وقار وڃائي ويهندو. هٽلر بہ اهڙو ئي فريبي ۽ دوکي باز هو جيڪو پنهنجي ڪيل عهدنامن تان جلد ئي ڦري ويندو هو.

چيني تاريخ ۾ ”ويڙهو فن جي اهميت“

سن زوءِ پنهنجي ڪتاب ”ويڙهہ جو فن“ ۾ هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ جنگ ۾ وڏيڪ اهم ڪم دشمن جي حڪمت عملين جي رٿابنديءَ کي ڊانوانڊول ڪرڻ آهي. ٻي اهم ڳالهہ اها آهي تہ مضبوط سفارتڪاريءَ وسيلي ڪيس پنهنجن اتحادين کان ڇني اڪيلو ڪري ڇڏجي ۽ ٽين ڳالهہ ان جي فوج مٿان حملو ڪرڻ آهي. وڏ ۾ وڏ خراب حڪمت عملي شهرن تي حملو ڪرڻ آهي. سن زوءِ جو هي اصول فوجي حڪمت عمليءَ جي فن جو جوهر يا روح آهي، جنهن کي تاريخ اندر سيني فوجي سائنسدانن اهميت جي نگاهہ سان ڏٺو آهي. ان سان گڏ اڳرائي خلاف جنگين ۾ بہ هن ڳالهہ کي هڪ بهتر اصول طور مڃيو ويو آهي.

سن زوءِ دشمن جي جوڙيل فوجي حڪمت عمليءَ کي ڊانوانڊول ڪرڻ واري خيال بابت وضاحت ۽ ان تي روشني نہ وڌي آهي، ان ڪري هن جي نقطہ نظر کي سولي نموني سمجهائڻ لاءِ ڪجهہ مثال ڏيڻ ضروري آهن. منهنجي خيال ۾، ”فوجي حڪمت عمليءَ دؤران سوچي ويچاري فيصلا ڪرڻ ۽ دشمن کي حڪمت عمليءَ جي فن سان شڪست ڏيڻ جا سن زوءِ وٽ بہ مفهوم آهن. چين جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترا ئي مثال موجود آهن، جن وسيلي سندس هن اصول کي چڱيءَ ريت سمجهائي سگهجي ٿو.

لانگ زونگ (Longzhong) ۾ ڏرين وچ ۾ ٿيل گفتگو

ٽن گهراڻن جي حڪمرانيءَ واري زماني (265-220 ق. م) ۾، ليو بي (Liu Bei) پورا ٽي ڀيرا زوگ ليانگ جي ڪڪائين گهر ۾ لنگهي ويو هو ته، هو چين جي فتح لاءِ ليو (Lui) جي واهر ڪري. لانگ زونگ (شنگ ينگ واري وڏي انتظامي وحدت county ۽ هوبي Hubei وارو صوبو) واري ڳالهه ٻولهه ۾ زوگ ليانگ (Zhuge Liang) سندس آڏو ٽي اصول رکيا هئا، جن جو تعلق خاص حڪمت عمليءَ سان هو.

(1) اولهه طرف پيش قدمي ڪري سچوئان (Sichuan) تي قبضو ڪرڻ ۽ ان کي فوجي مرڪز بڻائڻ گهرجي. ان ڪان پوءِ مناسب موقعو ڏسي وچ وارن ميداني علائقن ڏانهن وڌجي، جيڪي پيلي ندي (Yellow River) جي وچئين ۽ هيٺئين پاسي واقع آهن.

(2) ان کان پوءِ وو (Wu) ملڪ سان اتحاد ڪرڻ کپي، جاڪاڻ ته شوهان (Shuhan) ملڪ جا فوجي هڪ هڪ ڪري ماري ڪونه ٿا سگهجن.

(3) اتر پاسي واري ملڪ چائو چائو (Cao Cao) سان اتحاد ختم ڪيو وڃي. ان سان اُنهن ماڻهن لاءِ سياسي ماحول صاف ۽ چٽو ٿي پوندو، جيڪي سرڪي اچي ليو (Lui) جو پاسو کڻندا.

ليو بيءَ، زوگ ليانگ کي پنهنجيءَ فوج جي چيف آف اسٽاف ٿيڻ لاءِ چيو هو، پر ان کان اڳ هن يوئان شائو (Yuan Shao) کي مدد ڪرڻ لاءِ پڻ گذارش ڪئي هُئي. ان کان پوءِ "ليو بي" مدد لاءِ ليو بيائو (Lui Biao) ڏانهن به ويو هو. پر انهيءَ زماني ۾ وٽس فوج لاءِ ڪو مرڪز ڪونه هو، ان جو ڪارڻ اهو ته ليو بي ان وقت پنهنجيءَ قوم بابت ڪو تجزيو ڪري نه سگهيو هو ۽ صحيح حڪمت عملي اختيار ڪرڻ لاءِ هن سوچيو ويچاريو ئي نه هو. ٽن ڏينهين وچ وارن ميداني علائقن ۾ مختلف حڪمرانن جي جاڪوڙ جاري هئي، ان ڪري اتي "ليو بي" لاءِ "چائو چائو" سان وڙهي پنهنجيءَ فوج لاءِ مرڪز بڻائڻ ممڪن نه هو. ان کان سواءِ وچ وارن ميداني علائقن ۾ وڙهندڙ حڪمرانن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ مان به ڪيس فائدو ڪونه ٿي ٿيو. "زوگ ليانگ"، "ونگ زونگ" سان گفتگو دوران "سچوئان" جي اهم جاگرافيائي بيهڪ کي محسوس ڪري ورتو هو ۽ سوچي ويچاري هن نتيجي تي پهتو هو ته ليو بيءَ کي ان علائقي ۾ ضرور پنهنجو فوجي مرڪز

قائم ڪرڻ گهرجي. هاڻي اچو تہ لانگ زونگ ۾ بحث ٿيل ٽن نڪتن جي اهميت جي ڇنڊڇاڻ ڪريون.

پهريون نڪتو اهو هو تہ سچوئان علائقي کي فوجي مرڪز بنائجي، "ليو بي" جي فوج ڊگهي سفر کان پوءِ ٿڪ پئي، تازي تواني ٿي ويندي. تنهن کان پوءِ هن فوج لاءِ اتان مرڪزي ميداني علائقن ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ سولو ٿي پوندو. ان علائقي ۾ انساني آباديءَ سان گڏوگڏ کاڌ خووراڪ هر شيءِ جي گهڻائي هئي. ان ڪري ليو بي واسطي هڪ اهم اقتصادي مرڪز بہ ثابت ٿي سگهيو ٿي. ٻي ڳالهہ تہ ليو بيٰ هڪ ئي وقت چائو چائو ۽ سن ڪئا (Sun Qua) سان جهيڙي نہ ٿي سگهيو. ٽين ڳالهہ اها هئي تہ "ليو بي" جي فوج حملي ڪرڻ جي ارادي سان سولائيءَ سان اڳتي وڌي ٿي سگهي، گڏوگڏ پوئتي موٽڻ وقت بہ هن کي وڏو بچاءُ موجود هو.

"ليو بي"، "وو" جي حڪمران سان اتحاد بہ ڪري ٿي سگهيو، ڇاڪاڻ تہ ان زماني ۾ اتر واري وي (Wei) ملڪ جو حڪمران ۽ اوڀر - ڏکڻ واري "وو" ملڪ جا بادشاهہ طاقتور بہ هئا ۽ جنگ واري پنڌ کان بہ آجا هئا. هو "وو" سان اتحاد ڪري "وي" کان الڳ ٿي ويو هو ۽ ٻين محاذن تي وڙهڻ واري ڏچي کان پڻ بچي ويو هو. ان ڪري ڪيس امن امان واري ماحول ملڻ ڪري فوج کي وڌيڪ سگهاري بنائڻ جو سونهري وجهہ ملي ويو هو. هن قسم جي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ڪري سندس ملڪن جي صاف حدبندي واهرو ٿي وئي هئي.

ليو بي، چائو چائو سان اتحاد نہ ڪري ها، پر هو هَن (Han) گهراڻي جو ويجهو مائٽ هو. هن گهراڻي جا حڪمران سموري چين جا شهنشاهہ هئا، جيڪي سندس چوڻ آڪڻ ۾ هئا. هو چين کي پنهنجي هٺ هيٺ رکڻ جي ارادي سان شهنشاهہ جي نالي سان پاڻ فرمان جاري پيو ڪندو هو. ان ڪري سياسي سوچ جي گهرج اها هئي تہ چائو چائو کي نظرانداز نہ ڪيو وڃي. "ليو بي" فيصلو ڪيو تہ هن گهراڻي جي ذڪر ڪيل حڪمران جو آشيرواد هر صورت ۾ حاصل ڪري. جو تہ اهو شهنشاهہ سندس هڏ رت آهي. هن جو سچوئان وارو علائقو اتر طرف ۽ جابلو هو. ان ڪري هن لاءِ وڏو بچاءُ هو. چائو چائو کي سچوئان تي حملي ڪرڻ کان اڳ "وو" کي ماري مچائڻو هو، جيڪو سندس ملڪ کان اوڀر طرف هو.

”لون لونگ“ ۾ ”زوگ ليانگ“ جنهن حڪمت عمليءَ جو ذڪر ڪيو هو، اُها دشمن طرفان اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ تي حملي ڪرڻ جي هڪ اهم ثابتي هئي.

ڪُئانلن (Kuanlin) واري جنگ

دشمن کي ڏاهپ سان آڻ مجرائڻ جو هڪ اهم واقعو بيو به آهي، جيڪو 354 ق. م ۾ رونما ٿيو هو، انهن ڏينهن ۾ زائو (Zhao) جي راڄڌاني هندن (Handan) هئي، جيڪا هاڻي هيبي (Hebei) صوبي ۾ واقع آهي. وي (Wei) ملڪ جي راڄڌاني، داليانگ (Daliang) ۾ هئي، جنهن کي هاڻي ڪيفان (Keifan) سڏيو وڃي ٿو ۽ هينان (Henan) صوبي ۾ آهي. ڪي (Qi) ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ لينزي (Lenzi) هو، جنهن کي هاڻي زيبو (Zibo) سڏجي ٿو ۽ شن دونگ (Shandong) صوبي ۾ آهي.

”وي“ جو فوجي جنرل پنگ جئان (Pang Juan) هڪ لک فوج وٺي زائو (Zhao) جي راڄگديءَ واري شهر ”هندن“ تي ڪاهي ويو. زائون مدد لاءِ پنهنجو نمائندو ”ڪي“ ڏانهن موڪليو. ”ڪي“ جي حڪمران، زائو جي قاصد جون خبرون بڌي صلاح مشوري لاءِ فوجي جنرلن ۽ بين مکيه ڪامورن کي پاڻ وٽ سڏايو ته جيئن سوچي سگهجي ته زائو کي ڪهڙي نموني بچائجي. ان تي جنرل تين جي (Tie Ji) چيو ته ڪيس هڪ لک فوج ڏني وڃي ته هو زائو کي بچائي سگهي ٿو، جنهن کي پنگ جئان ڪڙو چاڙهيو وينو هو. ان ڳالهه تي ”ڪي“ جي فوجي صلاحڪار پنگ بن (Ping Bin) اعتراض واريو ۽ چيائين ته زائو کي بچائڻ جو صحيح طريقو ”وي“ جي راڄڌانيءَ تي حملو ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ”وي“ جي اهم فوج هندن (Hundan) کي ڪڙو چاڙهيو ويٺي آهي ۽ سندس راڄگديءَ واري شهر کي بچائڻ لاءِ پويان ڪا پهرئي ڪانه آهي. جيڪڏهن سندس مشوري مطابق ”دليانگ“ تي حملو ڪيو ويندو ته وي جي حڪمران لاءِ دليانگ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي جنرل پنگ جئان کي پوئتي سڏائڻو پوندو ۽ بنا ڪنهن رتوڇاڻ جي پنگ جئان، هندن تان گهيرو ختم ڪري پوئتي موٽي ويندو. ان صورت ۾ ڪي جي فوج خاص گهٽ تاڙي پنگ جئان جي پوئتي هٽندڙ فوج کي سولائيءَ سان شڪست ڏئي سگهي ٿي. هن جنگ کي ڪئانلن جي جنگ سڏيو ويندو آهي. هن واقعي مان معلوم ٿيندو ته جنرل

تين جيءَ پنهنجي فوجي سگهه وسيلي زائو جي جند ڇڏائڻ لاءِ ويچاريو هو، پر سن بن جو منصوبو کيس ڏاهپ سان شڪست ڏيڻ هو.

منگ تيائو واري جنگ

1763 قبل مسيح ۾ يي ينگ (Yi Ying) نفعي نقصان جو چڱيءَ ريت اندازو لڳائي پنهنجي خاص جنگي حڪمت عمليءَ جي فن سان دشمن کي شڪست ڏني هئي. هي شخص سنگ تنگ (Sung Tung) جو اهم فوجي عملدار هو، جنهن کي "اهه هينگ" (Ah hang) جو خطاب ڏنو ويو هو. هي لقب وزيراعظم ۽ فوج جي چيف آف اسٽاف جي عهدي جي برابر آهي. يي ينگ، سنگ تنگ کي مشورو ڏنو هو تہ زيا جيءَ (Xia Jie) کي خراج نہ ڏئي. ان جي مراد اها هئي ان حڪمران کي طاقت جي خبر پئجي وڃي تہ هو ماڻهن ۾ ڪيترو مقبول آهي. سنگ تنگ، يي ينگ جي صلاح تي لڳي، ان سال زيا جيءَ کي خراج نہ ڏنو. سنگ تنگ جي خراج نہ ڏيڻ ڪري هي حڪمران ڪاوڙجي پيو ۽ مٿس ڪٽڪ چاڙهي روانو ڪيائين، جيڪو نون قبيلن تي مشتمل هو. يي ينگ ڏٺو تہ "زيا جي" ماڻهن ۾ مقبول آهي، ان ڪري سنگ تنگ کي خراج ڏيڻ ۽ ڪانئس معافي وٺڻ جو بہ مشورو ڏنائين.

ٻئي سال بہ سنگ تنگ، زيا جيءَ کي خراج ڏيڻ کان انڪار ڪيو. زيا جيءَ، سنگ تنگ طرفان خراج ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ تي نون قبيلن تي مشتمل فوج مٿس چاڙهي موڪلڻ گهري، پر ان موقعي تي نون ئي قبيلن کيس انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ اسان غريب آهيون. زياجي جيئن تہ هنن قبيلن کي هر سال حملي لاءِ موڪليندو هو، ان ڪري فوجي ٽڪجي پيا هئا، فقط ٽي قبيلا حملي لاءِ تيار هئا. اُن تي يي ينگ، سنگ تنگ کي چيو تہ هاڻي "زياجي" مقبوليت ۽ فوجي سگهه وڃائي ويٺو آهي. سندس ان مختصر فوج جا حوصلا بہ هاريل هئا ۽ زياجي جي فوج کي مهاڏي ڏيڻ جو اهو سنو موقعو هو. سنگ تنگ، يي ينگ جي صلاح تي لڳي، ٻين حڪمرانن طرفان موڪليل فوج کي ساڻ ڪري، انيي (Anyi) واري منگ تيائو وٽ زيا جيءَ مٿان اوچتو حملو ڪيو ۽ کيس شڪست ڏنائين. ان کان پوءِ سنگ تنگ، شنگ واري حڪمراني قائم ڪري ورتي. تاريخ ۾ هن کي "منگ تيائو واري جنگ" ڪري سڏيو ويندو آهي. هيءَ جنگ سونهري وجهہ تاڙڻ جو هڪ انوکو مثال آهي.

سفارتڪاري

سن زوءَ سفارتڪاريءَ کي ڏاڍي اهميت ڏني آهي. هو مختلف حڪمرانن سان اتحاد ڪري، گڏيل دشمن سان مقابلا ڪندو هو. تن ڏينهن "وو" ملڪ موجوده دؤر جي سوزوئو (Suzhou) ۽ ووسي (Wusi) وارن علائقن تي مشتمل هوندو هو. ان جي اولهہ پاسي چو (Cu) نالي ملڪ هو، (هاڻي اهو هوبي Hobei، انهوئي Anhui ۽ هونن Hunan علائقن تي مشتمل آهي) اهي ٻہ ملڪ پاڻ ۾ دنگئي هوندا هئا، آن ڪري سدائين منجهن سرحدي تڪرار پيو هلندو هو. سن زوءَ جي هر وقت ڪي (Qi) سان اتحاد ڪرڻ جي مرضي هوندي هئي، جيڪو وو (Wu) ملڪ کان اتر پاسي هو، ڇاڪاڻ تہ ايئن ڪرڻ سان ان پاسي کان ڪو ڪتڪو نہ رهندو ۽ هڪ منو تي، "چو" (Cu) سان جهيڙي ڳنڍڻ ۾ آساني هئي. سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" ۾ دشمنن جي جوڙيل اتحاد کي ڊاهڻ ۽ ختم ڪرڻ کي وڏي اهميت ڏني وئي آهي، جيڪا جنگي حڪمت عمليءَ جي فن ۾ عملي طور وڏو مقام رکي ٿي. ان جو مطلب آهي تہ سفارتڪاريءَ وسيلي دشمن جي جنگي نقشي ۾ مقامي جاگرافيءَ کي نظر ۾ رکي. پنهنجي فوجي بيهڪ جوڙي (خاص حڪمت عملي اختيار ڪرڻ وسيلي) دشمن کي شڪست ڏجي. هن نڪتي کي چٽي ڪرڻ لاءِ هيٺ تي مثال ڏنا ويا آهن:

اسٽالن جو هٽلر سان عدم جارحيت جو ناهہ

ٻي مهاڀاري کان اڳ سوويت يونين هڪ ٻئي جي مدد لاءِ برطانيا ۽ فرانس سان هڪ معاهدي لاءِ ڪوشش ڪئي هئي، تہ جيئن نازي جرمنيءَ جي حملن کان بچي سگهجي. انهيءَ زماني ۾ هنن ٻنهي ملڪن جي ڪوشش اها هئي تہ جرمني جو منهن اوير يا روس طرف ڦيرائجي. ان ڪري روس ويهن ٽي ننهن جا زور لاتا تہ مذڪوره ٽنهي ملڪن وچ ۾ هڪ ٻئي جي لاءِ ڪو معاهدو ٿي وڃي. پر برطانيا ۽ فرانس ان کي ٽي تريون هٽي ڇڏيون. ان ڪري اسٽالن کا ٻي واهہ نہ ڏسي وڃي جرمنيءَ سان عدم جارحيت جو ناهہ ڪيو. اهڙي ناهہ کان پوءِ جرمنيءَ ٿوري وقت لاءِ روس ڏانهن وڌڻ ڇڏي ڏنو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو روس کي فوجي تيارين جو سونهري موقعو ملي ويو. انهن ڏينهن ۾ برطانيا ۽ فرانس جا

حڪمران روس جي حڪمرانن جيترا باخبر ڪونہ هئا. جلد ئي ڪين هٽلر ڏينهن جا تارا ڏيکارڻ لڳو هو ۽ هن پنهنجي تيز رفتاريءَ واريءَ جنگي حڪمت عمليءَ ذريعي سنڌن وايون ولڙيون ڪري ڇڏيون هيون. ڪامريڊ مائو زي تونگ چوائي، "هنن پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو هو." اسٽالن تدبر کان ڪم وٺي هٽلر سان عدم جارحيت جو معاهدو ڪيو ۽ کيس جنگي تيارين ڪرڻ جي مهلت ملي وئي. هيءَ ڳالهہ فوجي حڪمت عمليءَ جي نقطہ نظر کان ڏاڍي اهم آهي.

ڪي (Qi) ۽ چو (Cu) وچ ۾ ٽيل اتحاد جو خاتمو

جنگين واري دؤر (1475-221 ق م) ۾ ڪن (Qin) جي حڪمران جي "ڪي" (Qi) تي ڪاهڻ جي مرضي هئي، پر انهيءَ زماني ۾ ڪي ۽ چو جي وچ ۾ اتحاد جو معاهدو موجود هو، ان ڪري مٿس ڪاهڻ کان لهرائي رهيو هو. جنهن ڪري، ڪن جي حڪمران، "زينگ يي" چو پهچڻ سان راڻيءَ نن (Nan) سان وجي ملاقات ڪئي ۽ سوکڙيءَ طور کيس مائٽڪ موتي ۽ سنگ شيشم جا پٿر پيش ڪيا ۽ کيس عرض ڪيائين تہ چو حڪمران ڏانهن هي پيغام موڪليو وڃي تہ، "ڪن" جي حڪمران، زنگ يي کي "چو" ملڪ جي حڪمران ڏانهن سفير ڪري موڪليو آهي تہ بادشاهہ پنهنجي ملڪ جو ڇهہ سو "لي" علائقو هن شرط سان "چو" جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهي تہ هو ساڻس عدم جارحيت ۽ اتحاد جو معاهدو ڪندو." چو بادشاهہ، زنگ يي سان ملاقات ڪئي. ڪن ملڪ جي سفير زنگ يي کيس گذارش ڪئي تہ جيڪڏهن هو "ڪن" جي حڪمران سان دوستي رکي تہ اُن مان کيس گهڻو فائدو پهچندو. حڪمران چو، علائقي جي آڇ تي هرکجي پيو (جيڪو ڇهہ سو لي يا ٻن سون ميلن جي برابر هو) ۽ "ڪن" جي حڪمران سان اتحاد ڪرڻ جو واعدو ڪيائين. "ڪي" جي حڪمران کي جڏهن "چو" ۽ "زنگ يي" جي ڳالهين جي ڪڙڪ پئي تہ هو ڏاڍو ڏمريو ۽ سمجهيائين تہ اها هن خلاف سازش آهي، ان کان پوءِ "ڪي" ۽ "ڪن" دوست مان ڦري هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پيا.

حقيقت اها هئي تہ ٻہ سو ميل علائقي ڏيڻ واري آڇ دوکو هو، جڏهن "چو" بادشاهہ جو سفير آچيل علائقي وٺڻ لاءِ ڪن پهتو تہ "زنگ يي"

ڪيس چيو تہ، مون "ڪن" جي بہ سئو ميل علائقن ڏيڻ لاءِ ڪونہ چيو هو. پر مان تہ رڳو بہ ميل چيا ها، جيڪي ڪن جا نہ پر منهنجي علائقي سان واسطو رکن ٿا." جڏهن "چو" بادشاهہ کي هن ٺڳيءَ جو پتو پيو تہ ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ "ڪن" تي حملي لاءِ فوج موڪلي ڏنائين، پر ڪيس شڪست ملي. ان زماني کان "چو" وارو ملڪ اڪيلو ٿي ويو ۽ "ڪي اڇو اتحاد" ٽٽڻ ڪري "ڪن" ٻئي ملڪ فتح ڪري ورتا.

جن (Jin) ۽ ڪن (Qin) وارو اتحاد

بهار ۽ خزان واري دؤر (770-476 قبل مسيح) ۾ زينگ (Zheng) ملڪ جي حڪمران ڪوشش ڪري، "جن" ۽ "ڪن" ملڪن وچ ۾ ٿيل اتحاد کي ختم ڪرائي ڇڏيو هو. انهيءَ زماني ۾ مٿيان ٻئي حڪمران زينگ تي ڪاهي آيا هئا. هيءُ ملڪ ننڍڙو هو ۽ ٻنهي طاقتور رياستن "جن" ۽ "ڪن" وچ ۾ پيسجي رهيو هو. زينگ، چو سان اتحاد ڪيو هو. ڪيس اوسيئڙو هو تہ آئيءَ ويل هو سندس ضرور مدد ڪندو. پر هو "جن" ۽ "ڪن" جي سگهہ کان دهلجي ويو هو. تنهنڪري هن ڏانهن پنهنجي فوج موڪلي ڪونہ سگهيو. زينگ تڏهن ڏاڍي خراب صورتحال ۾ سوگهو هو.

ان منجهيل صورتحال ۾ "زينگ" پنهنجي هڪ فصيح بليغ ۽ ڏاهي عملدار زُو زيوو (Shu Zhewu) کي "ڪن" بادشاهہ ڏانهن روانو ڪيو. هن ڪن حڪمران کان پڇيو تہ اوهان "جن" جو ڀاسو وٺي زينگ تي ڪاهي رهيا آهيو، تنهن جو ڪارڻ ڇا آهي. ڪن ڪيس وراڻيو تہ، "انهيءَ جو ڪارڻ اهو آهي تہ زينگ، جن سان دوکو ڪيو هو."

تنهن تي زُو زيوو ڪيس گذارش ڪئي تہ اهو تہ برابر صحيح آهي تہ زينگ، "جن" سان دغا ڪئي هئي. پر اهو تہ هميشہ راڄا، "ڪن" جي بي انتها عزت ڪندو آهي ۽ ان کي تمام وڏو حڪمران سمجهندو آهي. سائين اوهان ڏاها ۽ ڏاتار آهيو، اوهان "جن" کي مضبوط ڪيو آهي ۽ هاڻي بہ ڪيس مضبوط ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهيو ۽ زينگ تي حملي ڪرڻ لاءِ سوچي رهيا آهيو. سندس ملڪ تمام پري آهي. توهان جو لشڪر ان ملڪ تائين پنڌ ڪندي ٿڪجي پوندو. زينگ جي ملڪ فتح ٿي وڃڻ کان پوءِ "جن" تہ نهايت ئي طاقتور ٿي ويندو. توهان ۽ "جن" پاڻ ۾ دنگئي آهيو. جيڪڏهن

اجا به ڪجهه وڌيڪ سگهارو ٿي ويو ته اهو وري به "ڪن" ملڪ لاءِ خطري جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. مون کي "ڪن" ملڪ جي مستقبل بابت ڳڻتي ٿي پئي آهي. "جن" جو ملڪ وفادار ۽ مخلص نه آهي. هن ڪنهن زماني ۾ "ڪن" جي حڪمران سان وعدو ڪيو هو ته هو هئانگ (Huang) درياهه جي الهندي ڪناري وارو علائقو ڪيس ڏيندو. پر هن پنهنجو اهو وعدو ڪڏهن به نه پاڙيو. اُٽلندو هن پنهنجون فوجون موڪلي "ڪن" ملڪ جي سرحدن وٽ خوف ۽ خطري واريون حالتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. ڇا توهان پنهنجي پاڙيسري حڪمران کي مختلف قسمن جا طعام ڪارائڻ پسند ڪندو، جنهن جي نيت ڇيتي جهڙي خونخوار آهي؟ ان ڪري "ڪن" جي حڪمران کي منهنجي صلاح ته اها آهي ته هيڏيءَ وڏيءَ مهم تان هٿ ڪڍي واپس هليو وڃي. ائين ڪرڻ "ڪن" ملڪ جي فائدي ۾ آهي. جيڪڏهن "ڪن" جو بادشاهه منهنجو مشورو مڃيندو ۽ هتان ئي پنهنجون فوجون واپس ڪندو ته زينگ اوهان کي خراج ڏيڻ لاءِ تيار آهي. جيڪڏهن "ڪن" جو حڪمران وچين ميداني علائقن ڏانهن فوج وٺي ويندو ته زينگ وارو ملڪ اوهان جي فوجي مددگار بڻجڻ لاءِ به تيار آهي. ان ڪان "جن" جي ڪنهن امڪاني خطري دؤران زينگ ملڪ جو اوپر ۽ اولهه وارو پاسو "ڪن" بادشاهه لاءِ بچاءَ جي ديوار بڻجي سگهي ٿو."

هن ڪريءَ ۽ سچيءَ راءِ جي اظهار تي ڪن بادشاهه ڪوبه جواب ڏئي نه سگهيو. سندس ماٺ مان معلوم ٿي رهيو هو ته هو هر ڳالهه سمجهي چڪو آهي. ان ڪان پوءِ "ڪن" جي بادشاهه پنهنجي فوج واپس ڪئي. هن بادشاهه جي فوج موٽڻ ڪان پوءِ "جن" بادشاهه سمجهيو ته "چو" حڪمران زينگ جو اتحادي آهي. جيڪڏهن هو زينگ تي لشڪر ڪشي ڪندو ته "چو" هن جي ضرور مدد ڪندو. ان ڪري "جن" به پنهنجي فوج واپس ڪئي ۽ بنا ڪنهن رتوڇاڻ جي زينگ تي چاڙهيل ڪڙو ٽوڙيو ويو. چين جي جنگي تاريخ جو هيءَ انوکو مثال آهي، جو سفارتڪاريءَ جي طاقت وسيلي ڪنهن ملڪ تان گهيرو ختم ڪيو ويو هجي. . . .

جنگي ميدان ۾ ڏاهپ جو استعمال

هي اصول ته: "ان ڪان پوءِ بيو بهتر طريقو دشمن فوج تي حملو ڪرڻ آهي." اُن جو اهو هرگز مطلب نه آهي ته دشمن کي فقط فوج سان شڪست

ڏيڻ گهرجي. پر حقيقت اها آهي تہ جنگ جي ميدان تي ڏاهپ کي استعمال ڪرڻ تمام ضروري هوندو آهي. چين جي جنگي تاريخ ۾ فوجي حڪمت عمليءَ جي فن ۾ ڏاهپ جو استعمال تمام گهڻو نظر ايندو.

فشوئي (Feishui) دريا وارو محاذ

383 قبل مسيح ۾ جنرل فوجيان (Fu Jian) اوير "جن" تي ڪاهي ويو. اهو قديم "ڪن" گهراڻي جو دؤر هو. "جن" جا "اڪسوئان" (Xuan) ۽ "اڪسي شي" (Xie Shi) نالي بہ جنرل هئا، جن فوجيان کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ پنهنجين فوجن کي فشوئي درياهہ جي ڏاکڻينءَ ڪنڌيءَ ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڏنو. جنرل فوجيان سان گڏ لشڪر جو تعداد تي لک هو، جيڪو "جن" جي فوج کان تمام گهڻو هو ۽ اهو فقط اسي هزار هو. تنهنڪري "اڪسوئان" ۽ "اڪلسي شي" کي فقط پنهنجي ڏاهپ وسيلي دشمن کي شڪست ڏيڻي هئي. ٻئي دشمن ڌريون فشوئي درياهہ جي ڪنار سان منزل ڪيون ويٺيون هيون. جنرل اڪسي، اڪسوئان درياهہ جي ٻيءَ ڪنڌيءَ تي بيٺل دشمن فوج جو اندازو ڪري ورتو هو تہ اها تعداد ۾ تمام گهڻي آهي، پر ان جي فوجي نظم ۽ ضبط ۾ تمام گهڻي کوٽ آهي. پيادل ۽ گهڙيسوار دستا پاڻ ۾ گڏ وچڙ آهن، ان کان سواءِ هراول يا مهاڙي دستو ۽ فوج جو پويون دستو هڪ ٻئي کان تمام گهڻو پري آهن. ان کان سواءِ فوجيان جي لشڪر جي جنرلن کي جنگي حڪمت عمليءَ جي فن بابت ڪا ڄاڻ ئي ڪانہ آهي. جيڪڏهن سندس هر اول دستي کي شڪست ڏني وئي تہ ٻي ساري فوج جا پير اکڙي ويندا ۽ پاڻ جهلي ڪانہ سگهندي. اهڙيءَ طرح "اوير جن" جي سوپ اٽر بڻجي پوندي. جنرل اڪسي اڪسوئان اهو بہ اندازو ڪري ورتو هو تہ "ڪن" جي فوج جي موجودہ بدنظميءَ دؤران جيڪڏهن مٿن هلان ڪئي وئي تہ سوپ اوس بہ هن جي آهي. اها ڳالهہ سوچي ويچاري هن پنهنجو قاصد فوجيان ڏانهن موڪليو تہ هو پنهنجي لشڪر کي ٿوري عرصي لاءِ درياهہ کان ٿورو پنڌ پوئتي هٽائي تہ جيئن اڪسي اڪسوئان جي فوج پار اکري ۽ سائس مهاڏو ڏئي. هن جي فوجي ڪمانڊر اها ڳالهہ قبول ڪري پنهنجي فوج کي پوئتي هٽڻ جو حڪم ڏنو. هن فوج ۾ بدنظمي تہ اڳي ئي هئي، پر پوئتي هٽڻ ڪري ان ۾

وڏيڪ بدنظمي اچي وئي. ان کان سواءِ بي ڳالهہ اها ٿي جو "ڪن" جي فوج ۾ هڪ عملدار هو، جنهن فوجيان آڏو اُن مجي ورتي، ان کي جڻ هڪ سونهري موقعو ملي ويو جو اهڙي بدنظميءَ دؤران زور سان نعرا هڻڻ لڳو تہ، "ڪن جي فوج کي شڪست اچي وئي." ڪن جي پنهنجي فوج هن غلط ڳالهہ کي سچ سمجهي ويٺي. پيادل ۽ گهوڙيسوارن بہ پوئتي هٽڻ دؤران هڪ ٻئي کان اڳتي نڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪري فوج جي ساري ترتيب بگڙي ۽ مونجهاري جو شڪار ٿي وئي. "جن" فوج جو ڪماندر درياهہ اُڪرندي تير سان گهائجي پيو، تنهن ڪري هن اڪيلي سر وني اتر پاسي هوئي (Hui) درياهہ ڏانهن پنهنجي گهوڙي کي ڀڄايو. هن جنگ کي "فشوئي درياهہ وارو محاذ" ڪري سڏيو ويندو آهي.

گائسڪيا (Gaixia) وارو محاذ

جنگي حڪمت عمليءَ ۾ ڏاهپ جي استعمال جو هڪ مثال 202 قبل مسيح ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. الهندي هن (Han) جي حڪمران، مارشل هن اڪسن (Han Xin) کي حڪم ڪيو تہ هو گائڪسيا وجي "چوجي" فوج کي مهاڏو ڏئي، جنهن جي مهنداري جنرل اڪسيانگ يو (Xiang Yu) ڪري رهيو هو. "چو" جي فوج طاقتور هئي، جنهن جو انگ نوي هزار هو. ان کان سواءِ جنرل اڪسيانگ يو بہ هڪ مشهور ۽ نالبرو بهادر انسان هو، جنهن سان ڪوبہ اڪيلو جنرل مقابلي جو سَٽُ ساري نہ سگهندو هو. "هن اڪسن" سوچي ويچاري هڪ اهم فيصلو ڪري ورتو. هن جي فوجن جيولشن (Jiulishan) واري جابلو علائقي ۾ هڪ گهٽُ تاڙي ويهي رهي. تنهن کان پوءِ هن ذهين فوجي مهندار "لي زئائو چي" نالي هڪ فوجي عملدار کي چيو تہ جنرل "اڪسيانگ يو" کي دوکو ڏئي ان گهَٽ تائين وٺي اچي. "اڪسيانگ يو" کي وڌيڪ پريشان ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوجي يونٽن کي واري واري سان هن سان وڙهڻ لاءِ موڪليندو رهيو. "چو" واري فوجن کي نہ آرام ملي ٿي سگهيو، ۽ نہ وري ڪجهہ کائي پي ٿي سگهيا. ان کان پوءِ "هن اڪسن" هن مٿان ڀرپور حملو ڪيو ۽ زبردست جنگ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو.

جنگ دؤران "اڪسيانگ يو" تي ٽي ڀيرا گهات هنيو ويو ۽ هن فرار ٿيڻ

دوران ذاتي طور تي پنهنجي فوج جي ٻارهن ڪان وڌيڪ پيرا ڪمان ڪئي هئي. هو مخالف فوج جي حملن کان بچڻ لاءِ پڇڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجا ڏهاڪو کن جنرل بہ مارائي چڪو هو. آخرڪار کيس پنهنجيءَ فوج کي پوئتي هٽڻ جو حڪم ڏيڻو پيو، ڇاڪاڻ تہ سندس لشڪر کي نہ آرام ميسر هو، نہ کاڌخوراڪ جي رسد هئي، ۽ نہ ئي وري ڪنهن تازه دم فوج اچڻ جو آسرو هو. جنرل "هن اڪسين" فتح ڪان پوءِ اڪسيانگ يو جي پويان لڳي پيو ۽ کين ڪٽي بہ ساهي پٽڻ جي ويساند نہ ڏنائين. "اڪسيانگ يو" اهڙي شڪست جو صدمو سهي ڪونہ سگهيو ۽ پنهنجو ڪنڌ ڪپي آپگهات ڪري ڇڏيائين ۽ "چو" جي رهيل باغي فوج آڻ مڃي ورتي.

هن مان اسان اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ مارشل "هن اڪسن" گائڪسيا واري هيءَ جنگ صحيح فوجي حڪمت عمليءَ اختيار ڪرڻ ڪري کٽي هئي. جيڪڏهن هو سوب لاءِ رڳو فوج کي ڪتب آڻي ها تہ جنگ جو نتيجو ان جي ابتڙ نڪري ها ۽ "چو" جي لشڪر جو هن ريت مڪمل خاتمو نہ ٿي سگهي ها.

نتيجو

هاڻي اسان کي اهو سوچڻو پوندو تہ "سن زوءَ" جي جنگي حڪمت عمليءَ بابت قائم ڪيل اصولن مان اسان ڇا سکي ورتو آهي؟ هن پنهنجي ڪتاب "ويڙهہ فن" جي منڍ ۾ هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ، "جنگ ملڪ لاءِ هڪ اهم حيثيت رکي ٿي. اهو زندگيءَ ۽ موت جو معاملو آهي. هي بقا، جيابي ۽ تباهيءَ جو هڪ رستو آهي، تنهن ڪري لازم آهي تہ ان جو چڱيءَ ريت اڀياس ڪرڻ گهرجي." اهڙين ڳالهين کي ڏسي جنگي حڪمت عمليءَ سان لاڳاپيل پنجن اهم نڪتن ۽ ستن ثانوي درجي يا گهٽ اهميت وارين ڳالهين جو تقابلي اڀياس ڪرڻ گهرجي. سڀ کان پهريائين اسان کي ويڙهو سگهہ تي سوچڻ ويچارڻ ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کپي. ان کان پوءِ پنهنجي ۽ دشمن فوج جي خوبين ۽ خامين تي نظر رکڻ کپي. فوج جي ڪمانڊر ۾ اهڙيون خاصيتون هئڻ کپن، جو هو بنا ڪنهن رتوڇاڻ جي سوب ماڻڻ جو اهل هجي ۽ جنگي حڪمت عمليءَ جي فن جو پڻ ماهر هجي.

اسان ڏنو آهي ته، ”سن زوءَ“ پنهنجي ڪتاب ۾ هن ڳالهه تي وڌيڪ زور ڏنو آهي ته دشمن جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ کي هاجو رسائڻ ضروري آهي. سفارتڪاريءَ وسيلي دشمن اتحاد کي ڊانواڊول ڪرڻ واري عمل کي هو ثانوي حيثيت ڏئي ٿو. سندس سوچ مطابق ٽئين نمبر واري اهم ڳالهه جنگي ميدان ۾ دشمن فوج مٿان حملو ڪرڻ آهي. جنگي حڪمت عمليءَ ۾ بي انتها خراب شيءِ شهرن تي حملو ڪرڻ آهي. سندس خيال آهي ته جنگ وڙهڻ رڳو فوجي معاملو نه آهي پر ان جو سياست، اقتصاديات، موسم ۽ جاگرافيائي حالتن سان گهرو لاڳاپو پڻ آهي. جيڪڏهن هنن ڳالهين تي ڳوڙهو سوچيو ويچاريو ته دشمن کي سولائيءَ سان شڪست ڏئي سگهبي. هي اڳرائيءَ ڪرڻ (Initiative) ۽ اڳتي وڌي دشمن تي پهريائين وار ڪرڻ کي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو. سندس اهو به ويچار آهي ته دشمن تي نهايت تيز رفتاريءَ سان حملو ڪجي، ته جيئن جنگ جو فيصلو تڪڙو ٿي وڃي. ڊگهي جنگ لاءِ ڪڏهن به سوچڻ نه گهرجي. (اهي ڳالهيون ”سن زوءَ“ واري دؤر جي سياسي ۽ اقتصادي حالتن سان تعلق رکن ٿيون.)

”سن زوءَ“ جو خيال آهي ته جنگي حڪمت عمليءَ کي ترتيب ڏيڻ رياست جو ڪم آهي. جنرل جو ڪم آهي فوج ۾ نظم، ضبط ۽ ترتيب رکڻ ۽ جنگ بابت هدايتون ڏيڻ. ٻين لفظن ۾ هيئن چئي سگهجي ٿو ته جنگ جي ميدان کان ٻاهر جنگي حڪمت عمليءَ بابت ڳوڙهو سوچجي ويچارجي. اهڙو ڳالهيون هر قسم جي جنگ ۾ سوڀ جو اُهڃاڻ هونديون آهن. سوچجي به فقط اهڙين ڳالهين تي، جن تي عملي طور قدم به کڻي سگهجي. ان ڪري ڪن خوشفهمين بابت سوچڻ ويچارڻ اجائي ڳالهه آهي.

”سن زوءَ“ هن ڳالهه تي به زور ڏنو آهي ته، هلندڙ جنگ دؤران ڪمانڊر کي اڳرائيءَ کان ڪم وٺڻ کپي ۽ ان جي سپاهه ۾ لچڪ هجڻ به ضروري آهي. ان کان سواءِ جنگ جي پيچيدي ۽ نازڪ صورتحال تي به نظر رکجي ۽ دشمن پنهنجي فوج جي جنهن صف کي اڏول ۽ اجيت سمجهي ته اڳتي وڌي ان تي ئي حملو ڪجي. ائين ڪرڻ سان دشمن جو هيانءُ هارجي پوندو ۽ هلندڙ جنگ ۾ فيصلي ڪن تبديلي اچي ويندي. ان کان پوءِ

مناسب موقعي جي تاڙ ۽ گهاڙ ۾ رهجي ۽ جنگ کي پنهنجي فتح واري پاسي موڙي ڇڏجي.

ملڪ جي ڊگهي وقت واري مفاد کي نظر ۾ رکي، جنگي حڪمت عمليءَ کي ترتيب ڏيڻ گهرجي. پر "گهٽ وقتي ضرورت" کي هرويرو وڏي اهميت نه ڏجي. جنگ جي منصوبه بنديءَ کان جنگي حڪمت عمليءَ جو فن پيچيدو ۽ ڏکيو هوندو آهي. ان کان سواءِ خوبين ۽ خامين توڙي نفعي نقصان بابت به ڪليءَ دل سان سوچڻو ويچارڻو پوندو ۽ هر عنصر کان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ ڇيهو رسائڻ واري هر ڳالهه کان ڪيئن ڪري به پاڻ بچائڻو پوندو. (ڇيهي رسائڻ واري سڀني ڳالهين کان بچي وڃڻ جو امڪان ڪونه هوندو آهي.).

بچاڙيءَ ۾ هي چوڻ به لازمي آهي ته، دنيا ۾ هر ڳالهه جا به پاسا هوندا آهن. اهڙيءَ ريت ڪي نُڪتا ڪمزور ته ڪي وري طاقتور هوندا آهن. جتي خوبيون هونديون آهن، اتي وري خاميون به هونديون آهن. اهو جدليات جو هڪ اصول آهي. حالتن مطابق اهڙين ڳالهين کي ڦيرائي مخالف روپ به ڏئي سگهجي ٿو. پر فيصلي ڪُن ۽ اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ننڍڙين ۽ معمولي عنصرن جي ڪري ڪڏهن به گمراهه ٿي نه وڃجي.

باب ٻيون

فوجي جوڙجڪ يا بيهڪ

"سن زوءَ" جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" ۾ هن باب جو نالو آهي: دشمن جي جنگي نقشي ۽ مقامي جاگرافيائي حالتن کي نظر ۾ رکي پنهنجي فوجي بيهڪ کي مرتب ڪرڻ" فوج پنهنجو اهو جنگي نقشو دشمن سان ويڙهه شروع ڪرڻ کان اڳ ترتيب ڏئي ونندي آهي. "سن زوءَ" جو جنگي نقشي (posture) مان اهو مطلب هرگز نه آهي ته جنگ دؤران فوج جي صف بندي ڪجي يا جنگي نقشو تيار ڪجي. پر اهڙي حڪمت عملي جنگ کان پهريان تيار ڪئي وڃي، جيڪا سهوليت واري هجي، ان ۾ لچڪ هجي ۽ جنگي مهم دؤران ضرورت مطابق جنگي نقشي کي تبديل ڪرڻ ۾ آسان ۽ حرڪت ۾ به گهٽي سهولت واري هجي.

جيڪڏهن جنگي سگهه جي مظاهري يا دشمن جي جنگي نقشي ۽ سمورين جاگرافيائي حالتن کي نظر ۾ رکي، فوجي بيهڪ جي ترتيب تي بحث ڪبو ته نظر ايندو ته "سن زوءَ" سهوليت واري اهڙي جنگي ترتيب لاءِ ڪيترائي اهم شرط لکيا آهن، جن کي جنگ جي ابتدائي مرحلن ۾ پورو ڪرڻ ضروري آهي.

(1) فوج ۾ ماهر جنگي عملدارن جو تعداد گهٽ هئڻ کپي ۽ فوج کي پنهنجي دؤر جي بهترين هٿيارن سان مسلح هئڻ کپي.

(2) جنگ کان اڳ پنهنجي فوج جي آسان چرپر لاءِ جاگرافيائي طور نهايت آسان علائقي جي چونڊ ڪرڻ لازمي آهي، جنهن ۾ جنگي نقشي موجب فوج کي ترتيب ۾ رکڻو هوندو آهي.

(3) فوج کي نهايت اعليٰ قسم جي سکيا ڏني وڃي ۽ سندن حوصلا سدائين بلند رکيا وڃن.

(4) فوجي مهندار سوچ فڪر وارا، ڪنهن اوچتي مسئلي کي منهن ڏيڻ

جي صلاحيت جا صاحب ۽ حملي دؤران مناسب وقت مان فائدي وٺڻ جا اهل هئڻ کپن.

جنگ ۾ فوج جي بيهڪ يا جوڙجڪ ڪرڻ پيدائشي يا فطرتي عمل نه آهي، پر اهو ڪنهن ڪمانڊر يا فوجي مهنداڙ جي صلاحيت ۽ قابليت تي دارومدار رکي ٿو ته اهو جنگين يا ويڙهه دوران حاصل ٿيل نتيجن، تجربن ۽ مشاهدن کي حڪمت عمليءَ ۽ جنگي حربا جوڙڻ لاءِ ڪيئن استعمال ڪري ٿو.

هن معاملي ۾ "سن زوءَ" هيٺين ڳالهين ڏانهن اشارو ڏنو آهي:

هلندڙ جنگ ۾ فوجي سگهه کي وڙهڻ جي حڪم ڏيڻ وقت دانشمنديءَ کان ڪم وٺڻ جو مثال ائين آهي، جيئن ڪو هڪ ڳورو ۽ گول پٿر هزارين فوٽ اوچي جبل تان تيزيءَ سان ڪسڪندو هيٺ ايندو هجي... اتاهين جبلن تان وهندڙ نديون وڏن گول پٿرن کي تيز رفتاريءَ سان انهيءَ ڪري اڇلائينديون آهن جو نئين جي رفتار نهايت تيز هوندي آهي... هڪ باز جهٽ هڻي پنهنجي شڪار جي چيلهه پچي رکندو آهي، ڇاڪاڻ ته سندس سَٽ نهايت تيز رفتار ۽ وقتائتي هوندي آهي. اهڙيءَ ريت هڪ ڪمانڊر جي چربر ۾ انتها درجي جي تيزي ۽ بلڪل وقتائتي حملي ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي."

هڪ فوجي ڪمانڊر کي هڪ گڏيل سگهه وسيلي فتح نصيب ٿيندي آهي ۽ ان کي گهڻن ماڻهن جي ضرورت ڪانه پوندي آهي. هو مناسب ماڻهن جي صحيح چونڊ ڪندو آهي، جيڪي موقعي جو مهلائتو فائدو حاصل ڪري وٺندا آهن. ڪمانڊر کي فقط جنگي نقشي کي ترتيب ڏيڻ ۾ ماهر هئڻ نه کپي ته جيئن هو غير مناسب جنگي نقشي ۽ ترتيب کي تبديل ڪري، مناسب جنگي نقشو ترتيب ڏئي سگهي، پر پنهنجي فوج جي مختلف يونٽن کي پنهنجن پنهنجن ڪمن کي نهايت تيز رفتاريءَ سان اڪلائڻ جا به احڪام ڏئي، گڏوگڏ منجهن نظم ۽ ضبط رکڻ جا به جتن ڪري، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان حملي ۾ تيز رفتاري ۽ سگهه پيدا ٿيندي.

عام طور تي ائين ڏٺو ويو آهي ته جيڪي ماڻهو فوجي سگهه ۾ وڌيڪ هوندا آهن ۽ وٽن پنهنجي دؤر جا بهترين هٿيار هوندا آهن. اُهي ئي دشمن جي جنگي نقشي ۽ مقامي جاگرافيائي حالتن کي نظر ۾ رکي پنهنجي

جنگي نقشي کي مناسب نموني ترتيب ڏئي سگهندا آهن. پر اهو هرويرو ضروري ٻـ ڪونهـ هوندو آهي تـ ايئن ٿئي. ڪڏهن تـ وري ائين بـ ٿيندو آهي، جو فوجي سگهه ۾ هيٺو ڪمانڊر پنهنجي دشمن جي جنگي نقشي ۾ تمام جاگرافيائي صورتحال کي نظر ۾ رکي، پنهنجي جنگي نقشي کي وڏيڪ ڏاهپ سان مرتب ڪري سگهندو آهي، پر شرط اهو هوندو آهي جو ماحول ۽ سهوليتن مان ڪيس فائدي وٺڻ جي اهليت ۽ لياقت هجي.

ڏکڻ چين جو هڪ جانور جهنگ ٻلو آهي، جنهن جو قد بت عام ٻلي جيترو ٿيندو آهي، جيڪو چيتي کان ئي گهٽو ڪمزور هوندو آهي. پر هو جڏهن چيتي کي اڪيلو ڏسندو آهي تـ مٿس حملو ڪندو آهي. هي نوريئڙي جهڙو تيز ۽ ڦڙت آهي ۽ وڻ تي شڪار جي انتظار ۾ رهندو آهي. جڏهن چيتو وڻ هيٺان گذرندو آهي تـ جهنگ ٻلو اوچتو ٽپ ڏئي سندس پٺيءَ تي ويهي، پڄ هيٺان سندس مقعد کي پنهنجن تيز ۽ تکن چنبن سان رانيوٽا ۽ رهڙون پائي رتورت ڪري ڇڏيندو آهي. چيتو زور زور سان چنگهاڙيندو ۽ ٽپا ڏيندو آهي. زمين تي ليٽڻ شروع ڪندو آهي ۽ جهنگ ٻلو (Leopard Cat) تيزيءَ سان ڀڄي وڃي وڻ تي چڙهندو آهي.

ڪنگ پکيءَ (King fisher) جو قدبت پندرنهن سينٽي ميٽر ٿيندو آهي، ڪيس سائي رنگ جا کنڀ ۽ تيز چهنب ٿيندي آهي. هي گهٽو ڪري پاڻيءَ جي ڊنڊ مٿان ڦيرا پائيندو رهندو آهي. هو جڏهن مڇيءَ کي ڏسندو آهي تـ نهايت تيز رفتاريءَ سان پاڻي ۾ وڃي گهت هڻندو آهي ۽ تيزيءَ سان نڪ ڪري وڃي مڇيءَ کي جهليندو آهي. ڪڏهن تـ پاڻ کان بـ وڏيءَ مڇيءَ کي پڪڙي ويندو آهي. "سن زوءَ" جي خيال مطابق دشمن تي حملو نهايت تيز رفتاريءَ سان ڪجي ۽ ڏَڪُ بلڪل وقتائتو هجي.

ڪارروائيءَ ۾ تحقيق جي ضرورت

چين جي تاريخ ۾ گهوڙي ڊوڙ جو هڪ قصو آهي. چيو ويندو آهي تـ بادشاهه ڪي (Qi) ۽ جنرل "تين جي" وچ ۾ گهوڙي ڊوڙ جو مقابلو ٿيندو هو. سن بن، جنرل "تين جي" کي شرط جيتڻ لاءِ "ڪارروائيءَ ۾ تحقيق" جي اصول ڪم آڻڻ جو ڏس ڏنو. ڪيس پڪ هئي تـ ان تجويز سان "تين جي" شرط کٽي ويندو. پر ڪيئن کٽندو، ان جي ڪيس ڄاڻ نـ هئي.

جنرل تين جي سدائين پيو بادشاهه "ڪِي" سان گهوڙي ڊوڙ جون شرطون رکندو هو، پر سدائين پيو هارائيندو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته بادشاهه "ڪِي" جا گهوڙا هن جي گهوڙن کان وڌيڪ سنا هئا.

بادشاهه "ڪي" جو پهلو گهوڙو ڪلاڪ ۾ 45 لي يعني 15 ميل في ڪلاڪ پهچي سگهندو هو ۽ "تين جي" جو پهلو گهوڙو 43 لي. "ڪي" جي ٻئي جوڙ واري گهوڙي جي رفتار 41 لي في ڪلاڪ هئي، جڏهن ته "تين جي" جي ٻئي جوڙ واري گهوڙي جي رفتار 38 لي هئي. "ڪي" جي ٽئين گهوڙي جي رفتار 28 لي ۽ تين جي گهوڙي جي 36 لي هئي. جنرل "تين جي" جا ڪندو هو، جو پنهنجو پهلو گهوڙو "ڪي" جي پهلي گهوڙي سان، ٻئي جوڙ وارو گهوڙي "ڪي" جي ٻئي جوڙ واري گهوڙي سان ۽ ٽيون گهوڙو "ڪي" جي ٽئين گهوڙي سان پهچائيندو ۽ هارائيندو هو. "سن بن" سندس اها ڳالهه ٻڌي کيس صلاح ڏني ته هو پنهنجو ٽين نمبر گهوڙو "ڪي" جي پهرين نمبر گهوڙي سان پهچائي، جنهن ۾ هو ضرور هارائيندو. ٻيءَ شرط لاءِ" تين جي" کي صلاح ڏنائين ته هو پنهنجو 34 لي رفتار وارو پهلو گهوڙو "ڪي" جي ٻئي جوڙ واري 40 لي رفتار واري گهوڙي سان پهچڻ لاءِ پڙ تي لاهي. ٽينءَ شرط ۾ هو پنهنجو ٻئي جوڙ جو 40 لي رفتار وارو گهوڙو "ڪي" جي ٽئين نمبر گهوڙي سان ڊوڙائي، جنهن جي رفتار 38 لي هئي. هن ٽئين ڪاروائي موجب تين جي ٽن شرطن مان ٻه کٽي ويو. تنهن ڪري فاتح قرار ڏنو ويو.

اڄ تائين جنگ ۾ "ڪارروائيءَ ۾ تحقيق" تي سوچيو ويچاريو نه ويو آهي. جيڪڏهن هن اصول کي فوجي سائنس طور ڪتب آندو ويندو ته چڱي ريت معلوم ٿيندو ته پنهنجي فوج جي صحيح صفبندي ڪرڻ به هڪ سائنس آهي.

اوچتي حملي جا عنصر

ڏاهو ۽ بهادر ڪمانڊر جنگ ۾ موقعي مطابق نهايت تيز رفتاريءَ سان چربر ڪندو آهي. هن جو فقط فوج جي گهٽي تعداد تي ڀروسو ڪونه هوندو آهي، پر دشمن کي شڪست ڏيڻ لاءِ کيس ٻيون به کي ڳالهيون ڪرڻيون پونديون آهن. جهڙوڪ دشمن مٿان اوچتو ڪڙڪي سندس وايون بتال ڪري ڇڏڻ.

چين جي تاريخ ۾ انقلاب جي مختلف دؤرن سان لاڳاپيل اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن تہ جڏهن جنگي حڪمت عمليءَ جي صورتحال ڪجهہ ڪمتر هوندي هئي، تہ دشمن تي اوچتو ڪڙڪي حملي ڪرڻ سبب کين شڪست ڏني ويندي هئي. ليڪن اهي سڀ ڳالهيون ڪماندر جي فڪري صلاحيت، موقعي مان فائدي وٺڻ ۽ حالتن جي مناسبت سان فوجي تيز رفتاريءَ وارن معاملن سان تعلق رکن ٿيون. 1940ع جي ڏهاڪي واريون ڪنگهوئا بيان (Qinvghua Bian) واري پهرين فيلڊ آرمي، ينگمهي ۽ يو چئان وارا محاذ ان جا مثال آهن. اهڙيءَ ريت خشڪيءَ سان لاڳاپيل بيا بہ گهڻا مثال ملندا، جن ۾ هيٺ بيان ڪيل ڳالهيون هڪجهڙيون نظر اينديون:

(1) فوج جي چرپر ۾ لڇڪ ۽ جنگ ۾ مناسب موقعن جي ساڄاهہ ۽ ان مان فائدي وٺڻ جي ڏاهپ.

(2) دشمن کي شڪست ڏيڻ لاءِ هڪ بئي پٺيان لڳاتار دباءُ.

(3) فوج جي چرپر ۾ بي پناهہ تيز رفتاري ۽ جنگ ۾ تمام ٿوري وقت جو استعمال.

(4) هڪ ئي چرپر ۾ دشمن جو خاتمو.

بيون بہ ڪيتريون ڳالهيون آهن، جن وسيلي دشمن فوج جي جنگي نقشي ۽ مقامي جاگرافيائي حالتن تي نظر رکي، پنهنجي ترتيب ۾ بهتري آڻي سگهجي ٿي. مثال طور جاگرافيائي حالتن بابت چين جي ماڻهن جي مشهور چوڻي آهي تہ. ”جابلو لڪ تي وينل اڪيلو پهريدار ڏهن هزارن ماڻهن کي اتان لنگهڻ کان روڪي سگهي ٿو.“ هن جو اهو مطلب نہ آهي تہ ڪو هڪ ماڻهو ڏهن هزارن سان وڙهي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن هڪ ماڻهو هڪ خاص اهم جڳهہ تي ويهي تہ هو ڏهہ هزار ماڻهن جي حملي کي روڪي سگهي ٿو.

دشمن مٿان اوچتو وجي ڪڙڪڻ بہ هن حڪمت عمليءَ سان تعلق رکي ٿو. اوير هن (Han) گهراڻي جي شهنشاهہ ڳئانگ وو (Guang Wu)، ونگ منگ (Wang Mang) جي فوج جي مهاڙي دستي تي فقط پنج هزار فوج سان اوچتو وجي حملو ڪيو ۽ ان کي شڪست ڏني هئائين، اهو پنهنجي نوعيت جو هڪ عجيب مثال آهي.

ڪماندر ۾ پهلڪاريءَ ۽ اوچتي حملي ڪرڻ جي صلاحيت بہ ان جو

هڪ عنصر آهي. مثال طور مناسب موقعو ملي تہ اڳرائي اوهان ڪريو ۽ دشمن کي هڪ جاءِ تي ٿمائي ويهڻ لاءِ مجبور ڪريو. دشمن جي ڪمزور پاسي تي چستيءَ ۽ ڦڙتائيءَ سان حملو ڪيو. ڪوشش ڪري اهڙيءَ جڳهہ تي فوجي ڪئمپ هڻو، جتان جنگي ميدان نظر ايندو هجي.

"سن زوءَ" هن باب ۾ حالتن مطابق فوجي چرپر، جنگي ترتيب ۽ چال (Maneuvering) جو ذڪر بہ ڪيو آهي تہ، پنهنجي فوج کي جنگ جي ميدان پرسان هجڻ کپي. انهيءَ وسيلي پري کان پتو پئجي سگهندو تہ دشمن فوج ميدان ڏانهن اڳتي وڌي رهي آهي، آرام ڪري رهي يا ٿڪجي پئي آهي يا بکي آهي تہ جيئن ان مثان تازه دم فوج سان حملو ڪري سگهجي. دشمن فوج کان ان وقت پاسو ڪيو وڃي، جڏهن ان جا حوصلا بحال هجن ۽ مٿن اُنهي مهل حملو ڪيو وڃي، جڏهن هو سست ۽ ڪنگال هجن ۽ ڳوٺ جي سڪُ کين ستائيندي هجي. دشمن فوج سان ان وقت نہ ڪڙنسو، جڏهن اها بلڪل ٺي منظم نموني سان پيش قدميءَ ۾ مشغول هجي يا ان ۾ منزل ڪرڻ وقت بہ جنگي ترتيب موجود هجي.

نتيجو

"سن زوءَ" جا، دشمن جي جنگي نقشي ۽ مقامي جاگرافيائي حالتن کي نظر ۾ رکي، پنهنجي فوج جي جنگي ترتيب بابت هيٺان رايا آهن:

فوجي سگهہ ۽ مٿي بيان ڪيل فوجي حڪمت عملي، ڪمانڊر جي تدبر سان واسطو رکي ٿي. هڪ بهترين فوجي ڪمانڊر "سن زوءَ" جي هنن اصولن سان ضرور سينگاريل هئڻ کپي.

"دشمن کي چڱيءَ ريت تڪيو ۽ توريو، پوءِ پنهنجي سگهہ جو اپياس ڪريو تہ اوهان سؤ جنگين مان هڪ بہ نہ هارائيندا."

"دشمن تي ان جاءِ تان حملو ڪريو جتي سندس پهريدار نہ آهن ۽ مٿس اوچتو ڪڙڪي کيس وائڙو ڪري وجهو."

"پيش قدمي اهڙيءَ طرح تہ لڪي ڇپي ڪريو جو دشمن کي فقط تڏهن خبر پوي جڏهن اوهان وڃي مٿس اوچتو ڪڙڪو ڪريو."

"دشمن جي اهڙي جاءِ تي حملو ڪريو، جنهن بابت دشمن کي پڪ آهي تہ اهو ان کي بچائي سگهي ٿو."

هڪ سني ڪمانڊر کي جڳائي تہ هو نهايت تيز رفتاريءَ سان پيش قدميءَ ڪري، جنگ ۾ ڦڙتيءَ ۽ چالاڪيءَ کان ڪم وٺندي جنگي ميدان تي سندس فوج جا مختلف يونٽ، نهايت تيز رفتاريءَ ۽ بهادري سان جنگ ڪن.

سنو ڪمانڊر اهو آهي، جيڪو جنگ جو صحيح اندازو ڪري سگهي ۽ جنگي مهم کي اڳتي وڌائي سگهي ۽ جنگ لاءِ اهڙا موقعا حاصل ڪري، فوج کي وڙهڻ ۾ آساني ۽ سهوليت ملي سگهي.

سنو ڪمانڊر اهو آهي، جيڪو فوج جي تورائيءَ جو ازالو علائقي جي جاگرافيائي انتخاب مان ڪري ۽ پنهنجي مختصر فوج کي ترتيب ڏئي، پاڻ کان تعداد ۾ گهڻي لشڪر کي شڪست ڏئي سگهي. جنگ واسطي ڪنهن خاص علائقي جي چونڊ ڪجي، جنهن ۾ دشمن سولائيءَ سان هيڏي هوڏي ڦري نہ سگهي، نہ وري هو پنهنجيءَ فوج کي اهڙي خطرناڪ ترتيب ڏئي سگهي، جنهن مان پنهنجي فوج کي نقصان رسڻ جو امڪان هجي. جيڪڏهن هڪ سني چونڊيل علائقي کي صحيح طريقي سان استعمال نہ ڪبو، تہ نتيجا هاجيڪار يا خطرناڪ بہ نڪري سگهن ٿا.

باب ٽيون

غير معمولي ۽ روايتي فوجون

"سن زوءِ" جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" جي ڇپجڻ کان پوءِ ڪيترن ئي فوجي ماهرن "غير معمولي ۽ عام قسم جي فوجي" عنوان واري مضمون کي مختلف معنائن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. "سنگ گهراڻي واري چاپي" ۾ يارهن عالمن تبصرو ڪيو آهي. انهن مان وي ليازي (Wei Leaozi) نالي هڪ عالم پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو آهي ته، "دشمن جي مقابلي لاءِ ويندڙ پهريان فوجي دستا، "عام قسم جا فوجي" هوندا آهن. ان کان پوءِ دشمن تي حملي ڪرڻ لاءِ جيڪو لشڪر موڪليو ويندو آهي، اهو "غير معمولي فوج" هوندو آهي. چائو چائو (Cao Cao) به گهڻ وڌ ساڳي ڳالهه ڪئي آهي.

تنگ (Tang) ۽ لي (Li) جي وچ ۾ هڪ گفتگو ٿي هئي، جنهن ۾ تنگ تائي زانگن، لي جنگ کي چيو هو ته، "منهنجا عام قسم جا فوجي، دشمن کي غير معمولي ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ غير معمولي فوجي عام قسم جا فوجي نظر ايندا آهن؛ تنهنڪري اها ڳالهه دشمن کي دوکي ڏيڻ سان تعلق رکي ٿي، جنهن وسيلي عام قسم جا فوجي غير معمولي ۽ غير معمولي فوجي عام قسم جا فوجي نظر ايندا آهن ۽ اهڙيءَ ڦيرگهير لاءِ ڪابه اڳڪٿي ڪري ڪانه سگهبي آهي."

عام قسم جا فوجي ڪهڙا هوندا آهن؟ عام طور تي ائين چيو ويندو آهي ته جيڪي فوجي روزاني عام جنگ ضابطي ۽ اصول موجب وڙهندا آهن تن کي "عام قسم" جا فوجي سڏيو ويندو آهي. پر فوج جا اهي دستا جيڪي لڪ چوريءَ اڳتي وڌي مناسب موقعو ڏسي، اوچتو وڃي دشمن مٿان ڪڙڪندا آهن، تن کي غير معمولي فوجي سڏيو ويندو آهي."

"سن زوءِ" عام قسم ۽ غير معمولي قسم جي فوجين لاءِ ڪو جدا باب

مخصوص نـ ڪيو آهي، پر هن موضوع کي ان باب سان ملائي بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي تـ "دشمن جي جنگي نقشي ۽ مقامي جاگرافيائي حالتن کي نظر ۾ رکي پنهنجيءَ فوج کي ترتيب ڏنو ويندو آهي. مثال طور هو چوي ٿو تـ، "عام فوج کي غير معمولي فوج ۾ تبديل ڪرڻ ۽ غير معمولي فوج کي عام فوج ۾ تبديل ڪرڻ جو هڪ دائرو هوندو آهي. انهن فوجن کي ختم بـ ڪري ڇڏبو آهي ۽ ضرورت وقت انهن کي وري مرتب بـ ڪيو ويندو آهي. اهي سج ۽ چنڊ وانگر ڦرنديون رهنديون آهن. اهي مري بـ وينديون ۽ نئون جنم بـ وٺنديون آهن. جهڙي ريت هڪ موسم ايندي آهي ۽ ختم ٿي ويندي آهي ۽ وري ايندي آهي. عام طور تي دشمن کي مشغول رکڻ لاءِ عام قسم جي فوج کي ڪم آندو ويندو آهي، پر فتح لاءِ غير معمولي فوج کي ڪم آندو ويندو آهي. تنهنڪري غير معمولي فوج کي استعمال ڪندڙ فوجي ماهرن وٽ ان کي ڪتب آڻڻ جون ڪيئي واٽون هونديون آهن، اڀ ۽ ڌرتي جيتريون وسيع ۽ وڏن درياهن جي وهڪرن جيان اڻ ٿڪ. اهو غير معمولي ۽ عام قسم جي فوجن کي استعمال ڪرڻ جو ڏانءُ ئي هوندو آهي، جنهن وسيلي دشمن فوج جي حملي کي بنا شڪست کائڻ جي مڙسيءَ سان روڪي سگهبو آهي."

هتي هن ڳالهـ ڏانهن ڌيان ڏيڻ نهايت ضروري آهي تـ "سن زوءَ" ان لاءِ دائري يا چڪر (Cyclical) جو لفظ ڪتب آندو آهي، جنهن جي اڻ سڌي معنيٰ، مخصوص دائري ۾ گهمڻ (Cyclication) آهي. پر هن ڪتاب جي متن جي ڳوڙهي اڀياس مان پتو پئجي سگهي ٿو تـ هن لفظ کي استعاري ۽ ڪنائي طور ڪتب آندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي عام فوج ۽ غير معمولي فوج ۾ مستقل تبديلي موجود هجڻ واري خاصيت، جنهن بابت ڪابـ اڳڪٿي ڪري ڪانـ ٿي سگهجي. ان جو ڪنهن خاص دائري ۾ گهمڻ يا ڪنهن باطني يا مابعد الطبياتي فلسفي (Metaphysics) سان ڪوبـ تعلق نـ هوندو آهي، جيڪو عنصر جي گول دائرن ۾ اوسر کان انڪار ڪري ٿو.

تاريخ ۾ غير معمولي فوج

چين جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترا مثال ملندا، جن ۾ دشمنن مٿان اوچتو ڪڙڪي فتحون حاصل ڪيون ويون آهن.

ڍڳن کي باهه ڏيڻ واري فوجي ترتيب

سال 279 قبل مسيح جي ڳالهه آهي ته "ڪي" جي جنرل تيان ڊن (Tian Dan) تي دشمن اچي ڪڙو چاڙهيو، جيڪو انهيءَ زماني ۾ جمو (Jimo) شهر ۾ موجود هو. "ڪي" جي ملڪ کي بچائڻ لاءِ تيان ڊن هڪ اٽڪل سوچي. هن چا ڪيو جو هزار کن ڏاند ڳڏ ڪرائي مٿانئن مختلف رنگن جون جهلون وجهرايائين. ان کان پوءِ انهن ڏاندن جي سڱن سان تکا خنجر ٻڌا ويا. آخر ۾ سندن پڇن سان تيل سان پُسيل سڪل ڪانا ٻڌا ويا. رات جو جڏهن يين (Yen)·جي فوج جا سپاهي اگهور ننڊ ۾ هئا ته هن ڏاندن جي پڇن ۾ ٻڌل تيل ٻڏل ڪانن کي باهه ڏياري. انهن ڏاندن باهه جي شعلن کان ڊهي وٺي دشمن فوج جي ڪئمپ ڏانهن ڀڄڻ شروع ڪيو، جن جي پٺيان تيان ڊن جا پنج هزار فوجي لڳي پيا، جن جي شڪل صورت ديون ڀوتن جهڙي ٻوائتي بنائي وئي هئي. تيان ڊن جي فوج يين جي لشڪر مٿان اوچتو وڃي ڪڙڪي هئي ۽ سندن وايون ولڙيون تي ويون هيون. هن جنگ ۾ يين جي ساري فوج ختم ٿي وئي. ان کان پوءِ تيان ڊن لاڳيتو ستر شهر دشمن کان ڇڏائي ورتا ۽ "ڪي" جو ملڪ فتح ٿيڻ کان بچي ويو. هن جنگ کي "ڍڳن کي باهه ڏيڻ واري فوجي ترتيب واري جنگ" ڪري سڏيو ويندو آهي.

شو (Shu) کي فتح ڪرڻ واري جنگي مهم

هن واقعي جو تعلق 263 قبل مسيح سان آهي. اهو ٽن ملڪن جي اوائلي دؤر سان واسطو رکي ٿو. "وي" ملڪ جي جنرل ڊينگ آئي (Deng Ai) کي شو ملڪ تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ان ملڪ تي هلان ڪرڻ لاءِ "ڊينگ آئي" کي جيان من لڪ وٽان لنگهڻو هو، جتي دشمن جي هڪ سگهاري فوج موجود هئي. هن جنرل سان ڳڏ ڏهه هزار فوج هئي، جنهن کي هن پاسو وٺي پيش قدمي جو حڪم ڏنو. اهڙيءَ ريت هو ينگ پنگ جبل واري ماٿريءَ جا گس پيچرا ڏئي اڳتي وڌڻ لڳو ۽ ٻه سئو ميل ويران علائقي مان سفر ڪيائين. مختلف هنڌن کان ڪيس جبلن ۾ سرنگهون هڻي اڳتي وڌڻو پيو هو. جڏهن هيءَ فوج ميج (Mage) جبل وٽ پهتي ته اڳتي وڃڻ لاءِ رستو بند هو. جنرل ڊينگ چا ڪيو جو پاڻ کي فوج جي سامهون چادر ۾ ويڙهي جبل جي چوٽيءَ تان ليٽندو پيٽندو وڃي هيٺ پهتو. ان کان

پوءِ سندس فوج جا سپاهي واديـن يا رسين جي مدد سان هڪ هڪ ٿي هيٺ پهتا ۽ جهٽ وجي جيان گيوئو (Jian Gyou) لڪ تي قبضو ڪيائون. ان ڪان جلد ئي پوءِ هنن ميانزو شهر کي فتح ڪري ورتو. بعد ۾ نهايت تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌندا نومبر ۾ چينگڊو (Chengdu) پهتا ۽ دشمن مٿان وجي اوچتو ڪڙڪيا. شو ملڪ جي جنرل ليوشن مجبور ٿي آڻ مڃي. هيءَ جنگ نهايت تيزيءَ سان اوچتي حملي ڪري گهڻي مشهور آهي.

گئان دو (Guan du) واري جنگ

هيءَ 200ع جو واقعو آهي. هن زماني ۾ چائو چائو ۽ يئان شائو (Yuan Shao) جون فوجون اچي گئان دو (Guan Du) شهر وٽ هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون هيون. يئان شائو جي فوج وٽ کاڌ خوراڪ جو جهجهو سامان ۽ هٿيار پنهوار پڻ گهڻا هئا. تنهنڪري هو ڊگهي عرصي تائين وڙهڻ لائق هئا. ان جي ڀيٽ ۾ چائو چائو جي فوج وٽ کاڌ خوراڪ جو سامان گهٽ هو. تنهنڪري سندس مرضي هئي تہ جنگ اينگهجي نہ، پر جهٽ پٽ ختم ٿئي. انهيءَ سبب ڪري هو ڏاڍو وسوڙو وينو هو تہ ڇا ڪجي. ان وقت يئان شائو جو اڪسو يو (Xu You) نالي فوجي مشير ڪنهن ڏوهہ جي سزا کان بچي اچي چائو چائو وٽ پهتو هو. جنهن کي هن جلد ئي پنهنجو فوجي مشير مقرر ڪري ڇڏيو.

چائو چائو سان ملاقات مهل هن اڪسويو سان مشورو ڪيو ۽ چيائين تہ. "آءٌ يئان جي فوج سان تيز رفتاريءَ سان وڙهي ڪيس شڪست ڏيڻ ٿو چاهيان، پر آءٌ اهو ان سبب ڪري ڪونہ ٿو ڪري سگهان، جو مون وٽ فوج ٿوري آهي. پوئتي هٽي بہ نہ ٿو سگهان، ڇاڪاڻ تہ دج اٿم تہ متان يئان منهنجي ڪڍ لڳي، منهنجي فوج ۽ مون کي ناس ڪري ڇڏي. مون کي توقع آهي تہ تون هن ڏس ۾ ضرور سهڻي صلاح ڏيندين."

اڪسو يو کائنس پڇيو تہ، "چائو، جنگ جي ميدان ۾ تنهنجو اهم مسئلو ڇا آهي؟" چائو وراڻيو تہ، "يئان وٽ هر چيز آهي ۽ تمام گهڻي آهي، تنهنڪري هو ڊگهي عرصي تائين جنگ ڪري سگهي ٿو. پر ان جي ڀيٽ ۾ مون وٽ هر شيءِ اڻپوري آهي ۽ گهڻي وقت لاءِ وڙهڻ لائق ڪونہ آهيان."

تنهن تي اڪسو يو کيس چيو تہ، "تنهنجي لاءِ اهم مسئلو کاڌ خوراڪ

آهي. يئان ڪاڌ خوراڪ جو سمورو سامان وو ڪائو (Wu Co) ۾ رکيو آهي، جنهن جي حفاظت لاءِ تمام ٿوري فوج رکي وئي آهي. تون پنهنجي فوج وٺي وڃي وو ڪائو مٿان ڇاپو هڻ ۽ اتي رکيل ڪاڌ خوراڪ جي سامان کي باهه ڏئي ساڙي رک ڪري ڇڏ. اهو ڏسي يئان جي فوج جي پيرن هيٺان ڌرتي ڇڏائجي ويندي."

چائو چائو ان صلاح تي لڳي "وو ڪائو" تي وڃي ڇاپو هنيو ۽ يُئان جي فوج جي ڪاڌ خوراڪ جو وڏو حصو ساڙي رک ڪري ڇڏيائين. هن اوچتي واردات جو جڏهن يئان جي فوج کي پتو پيو ته ان جي فوج پريشان ٿي وئي، ۽ ڀوڄڻ هڻڻ لڳي. ان جون متيون منجهي ويون، ان ڪري ڀڄڻ هڻڻ دؤران ان ۾ بدنظمي ڪاهي پئي. چائو پنهنجي فوج سان اُن فوج جو پيڇو ڪيو ۽ سولائيءَ سان کيس شڪَست ڏنائين. هن هڪ ئي چوٽ ۾ يئان جا هزارين فوجي مارجي ويا هئا. ان کان پوءِ به چائو، يئان کي چانگ تينگ وٽ شڪست ڏني هئي. ان کان ٿورو عرصو پوءِ يئان شو بيمار ٿي مري ويو. سندس ٻن پٽن ۾ تخت تان اچي جهيڙو متو. چائو منجهن اهڙو ڦيٽاڙو ڏسي حملو ڪيو ۽ ڪين ماري ختم ڪري ڇڏيائين. ان واقعي بعد چائو وچين علائقن کي فتح ڪرڻ جي ارادي سان وچين علائقن جي اتر واري علائقي ۾ وڃي پنهنجو مرڪز قائم ڪيو هو. هن واقعي مان نتيجو اهو نڪري ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن جنگ جو نتيجو خاص حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ڪري جنگ جي ميدان کان ٻاهر به نڪري پوندو آهي. هي دشمن مٿان اوچتو ڪڙڪي پوڻ جو هڪ پيو مثال آهي، جنهن کي رجهندڙ ديگين هيٺان باهه ڪڍي وٺڻ" سڏيو ويندو آهي.

هنن مثالن ۾ اسان کي غير معمولي فوج جو استعمال ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان کان سواءِ پيپلس لبريشن آرمي (PLA) جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن. اسان وي ليانوزيءَ جي تصور يا خيال کي شايد درست قرار نه ڏيون، ته ڪنهن محاذ تي اصلي لڙائي يا ويڙهه کان اڳ حاصل ٿيل عارضي نتيجن جي آڌار تي ڪنهن فوج کي روايتي يا غير معمولي فوج ڪوٺيون.

دينگ ائي جي فوج ينگ پنگ جبل واري ماٿري اڪري وڃي دشمن تي حملو ڪيو هو، سو اصلي جنگي مهم کان اڳ جو واقعو آهي. پر ان فوجي دستي کي به غير معمولي فوج سڏجي ٿو. چائو چائو به اصلي جنگ

شروع ڪرڻ کان اڳ "وو ڪائو" ۾ موجود ٿيان جي کاڌي خوراڪ سازائي رڪ ڪري ڇڏي. ان واقعي ۾ حصو وٺندڙ فوج به غير معمولي فوج هئي. اهڙو ساڳيو مثال جنرل "تيان ون" جو آهي جيڪو جنگ کان اڳ ڏڳن جي پڇن سان ٻڌل ڪانن تي تيل هاري باهه ڏئي دشمن لشڪر مٿان اوچتو وجي ڪڙڪيو هو. اهڙيون ڳالهيون جنگ جي ڪنهن به مرحلي دؤران رونما ٿي سگهن ٿيون. اسان هيءَ ڳالهه سولائيءَ سان چئي سگهون ٿا ته دينگ ائي پنهنجي عام فوج کان غير معمولي فوجي ڪم ورتو هو. جنرل تيان ڊن به عام فوج کان ڏاندن ۽ باهه وارو ڪم ونيو، ان کي غير معمولي فوج ٻڌائي ڇڏيو هو.

1948ع ۾ "هوئي هئي" (Hui Hai) واري، پيپلز لبريشن آرميءَ طرفان شروع ڪيل مهم دؤران چيني فوج ۽ دشمن ڌر وچ ۾ ٿيل مقابلن ۾ حصو وٺندڙ چيني فوج عام فوج هئي، پر ان ڪي اهڙيون اهم فوجي خدمتون سرانجام ڏنيون هيون، جنهن ڪري ان کي غير معمولي فوج سڏيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت سن زوءَ به ساڳئي خيال جو اظهار ڪيو آهي ته، "ڪڙو چاڙهي دشمن ڌر جي هر رسد کي ناس ڪري ڇڏيو." ۽ "اهڙو انداز اختيار ڪيو جو دشمن وسهي وجي ته اوهان اوير ڏانهن اڳتي وڌي رهيا آهيو، پر ڪيس پتو ئي نه پوي جو اوهان وجي اوچتو اولهه طرف ڀرپور حملو ڪريو." تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته عام رواجي ۽ غير معمولي فوج ۾ بي انتها تبديليون ٿينديون رهنديون آهن.

غير معمولي ۽ عام رواجي فوجون هڪ جدلياتي اتحاد آهي، جنهن ۾ اندروني ڦيرگهير ٿيندي رهندي آهي، جنگ جي ميدان تي ڪنهن تبديليءَ جي نقطئه نظر کان عام فوج کي اهم ذميواريون ڏئي غير معمولي فوج ٻڌائي سگهجي ٿو. جهڙوڪ بچاءَ خاطر درياهه کي پٺ ڏئي دشمن سان جهيڙڻ يا دشمن جا پوئتي هٽڻ وارا سيئي رستا روڪي ڇڏڻ ۽ سوپ ماڻڻ. لشڪر جي صفبندي به اهڙيءَ ريت ڪئي وجي، جو ان جي جربر ۾ سولائي ۽ لچڪ هجي. ساڳين فوجي اصولن کي ڌار ڌار نموني ڪم آڻڻ کي به غير معمولي فوجي خدمت ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. چين جي تاريخ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي جنگيون آهن جيڪي سون سالن تائين لڳاتار هلنديون رهيون آهن. (انهن کي بهار ۽ خزان واريون جنگيون سڏيو ويندو آهي.)

انهن جنگين جا طور طريقا بلڪل مختلف هئا. اهڙيءَ ريت هر محاذ جي جهيڙي جو نمونو به جدا جدا هو، پر معلوم ائين ٿئي ٿو ته انهن محاذن تي سن زوءَ وارن جنگي اصولن کي مختلف نمونن سان ڪم آندو ويو آهي. مثال طور جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ صحيح اندازو لڳائڻ، حڪمت عمليءَ جي فن تي سوچڻ ويچارڻ، دشمن مٿان اوچتو وجي ڪڙڪڻ، پهلڪاريءَ کان ڪم وٺڻ، دشمن جي سگهه کي ڇڳيءَ ريت ٽڪڻ ٽورڻ، پنهنجيءَ سگهه جو به ڇڳيءَ ريت ڪاٿو ڪرڻ، دشمن فوج جي ٿوري حصي تي حملي ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوج جو وڏو حصو ڪم آڻڻ وغيرہ. مختصر ته سن زوءَ جو قول آهي ته، ”مختلف قسم جي جنگي چالن جو فن، تدبر ۽ هوشياري، فهم ۽ فراست تي مدار رکي ٿو.

نتيجو

غير معمولي ۽ عام قسم جي فوجين بابت سن زوءَ جو ويچار مختصر لفظن ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو ته: لشڪر ۾ غير معمولي ۽ مختلف قسمن جا فوجي مقرر ڪيا وڃن ته جيئن دشمن ذر کي اڳوات فوجي چرپر جو پتو پئجي نه سگهي. سن زوءَ جو چوڻ آهي ته ”جنگ دشمن کي دوکي ڏيڻ جو ٻيو نالو آهي.“ ٻين لفظن ۾ هن جو مقصود هن ريت ٿي سگهي ٿو ته پنهنجي دشمن کي هميشه منجهائي وائڙي ڪرڻ جا جتن ڪيا وڃن.

دشمن مٿان اوچتو وجي ڪڙڪجي، پنهنجي فوج کي اهڙيءَ جاءِ ۽ وقت تي ڪم آڻجي، جو دشمن کي ان جو وهم گمان ئي نه هجي. هميشه دشمن جي ڪمزور هنڌ تي پوريءَ سگهه سان حملو ڪجي. غير معمولي فوج جي مقرري ۽ استعمال اهڙي هنڌ وٽان شروع ڪريو، جيڪو وڏيڪ مضبوط، مستحڪم ۽ ناقابل تسخير هجي. ان سان گڏ اوهان کي دورانديش، بهادر، چوڪس، محتاط ۽ نهايت خبردار رهڻ کپي. چرپر تيز رفتار هجڻ کپي. ان غير معمولي فوج جو انداز دشمن فوج جي هر قسم جي فوجي جٿي سان چوٽ کائي کيس مات ڪرڻ جهڙو هجي.

غير معمولي ۽ عام فوجون هڪ ٻئي ۾ مٽ سٽ ٿي سگهنديون آهن. انهن جي شڪل صورت به هڪ جهڙي هوندي آهي. هي فوجي معاملن جي هڪ جدلياتي نوعيت يا خاص ٻولي آهي. غير معمولي فوج جي مقرري ۽

استعمال لاءِ ڪنهن خاص فوجي ڪتاب جي ضابطن ۽ اصولن سان چنبڙي نہ پئجي ۽ ان کي نہ تبديل ٿيڻ جوڳو تصور ڪرڻ نہ گهرجي. پر هن معاملي ۾ اوهان کي لچڪيدار هئڻ کپي ۽ پيدا ٿيندڙ تازي صورتحال مطابق ان فوج کي ڦيريندو گهيريندو رهجي. هن ڳالهه کي ساهه سان سانڍڻ کپي تہ هن ڪائنات ۾ اهڙا ڪي بہ آفاقي اصول موجود نہ آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان هر ڇڪتاڻ يا تضاد ۾ ڪامياب ماٺي سگهجي.

باب چوٿون

دوکو ۽ حقيقت

سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهه.فن"جي مختلف بابن ۾ فوج جي چرپر جي رهنمائيءَ واسطي ڪيترائي اهم ضابطا ۽ اصول بيان ڪيا ويا آهن. پر "دوکي ۽ حقيقت" واري باب ۾ سن زوءَ هن موضوع تي ڪا خاص روشني ڪانہ وڌي آهي. ان هوندي بہ هن باب ۾ هن ماهر جيڪي نيم ۽ اصول بيان ڪيا آهن، سي امر آهن. مثال طور هن هڪ اهم اشارو ڏنو آهي تہ، "فوجي جنگي چال ۾ پختگيءَ ۽ ڪمال جي تقاضا اها آهي تہ ڪابہ شيءِ تحقيق طلب يا اڻ پوري چڙي نہ ڏجي، جيڪڏهن ايئن ڪيو ويندو تہ ڪوبہ ڏاهو فوجي جاسوس ويجهو ٿي ڄجهہ حاصل ڪرڻ ۾ سوپارو ڪونہ ٿيندو. نہ وري ڪو اوهان جو سچيت ۽ سياڻو دشمن اوهان جي خلاف ڪي ڪامياب منصوبا ناهي سگهندو. اوچتو اهڙين جڳهن تي پهچو جن کي بچائڻ لاءِ اوهان جو دشمن اتاولو هجي. اهڙي ماڳ تي واچ مينهن جهڙيءَ تيز رفتاريءَ سان پهچي وڃو، جتي اوهان جي پهچڻ جو دشمن کي ڏکو وهم گمان ئي نہ هجي."

هن "باقاعده فوجي چرپر، جنگي ترتيب ۽ چال" واري باب ۾ لکيو آهي تہ، "جنگ دؤران دشمن کي دوکي ۽ فريب ڏيڻ تي زور ڏيو. انهيءَ طريقي سان اوهان ضرور سوب ماڻيندا. جنگي چرپر بہ فقط تڏهن ڪريو، جڏهن سمجهو تہ اها فائدي واري آهي. ٻي صورت ۾ ائين نہ ڪيو. جنگي صورتحال کي نظر ۾ رکي، فوج جي صفبندي ڪريو. حالتن مطابق پنهنجين فوجن کي جمع (Concentrate) يا ڇڙوڇڙ (Disperse) ڪري رکو. جنگي مهم دؤران اوهان جي رفتار "انداريءَ" جهڙي هجي. فوجي چرپر وقت اوهان آرام سان، پنهنجي شان شوڪت ۽ ٻيلي جي گهاٽي جهنگ وانگر ڳُنڄي اڳتي وڌو. دشمن تي اوچتي ڇاپي مهل ان کي ڦرڻ لٽڻ وقت

جرڪائيندڙ باهہ جي شعلي وانگر بنجي وجو ۽ ان کي ٿوساتي رکو. جڏهن اوهان منزل ڪري ويهو تہ توهان ۾ جبل جهڙي استقامت ۽ استقلال هئڻ کپي. جڏهن اوهان لڪڻ چاهيو تہ ايئن لڪي وڃو، جو اوهان کي دشمن ڪڏهن بہ ڳولي نہ سگهي. جڏهن دشمن تي حملو ڪريو تہ مٿس اوچتو اهڙي تيز رفتاريءَ سان حملو ڪريو جيئن وج ۽ گجگوڙ اوچتو تباهي مچائي ڇڏيندي آهي.

"جڏهن دشمن جا حوصلا بلند هجن تہ ان کي ڇيڙڻ کان پاسو ڪريو. مٿن حملو ان وقت ڪريو، جڏهن فوجين کي پنهنجي ملڪ جي سڪ ستائيندي هجي ۽ اهي سستيءَ ۽ ڪاهليءَ ڪري نڪما ٿي چڪا هجن. ڪردار تي ضابطي رکڻ جو هڪ فن آهي. اوهان بهتر فوجي تنظيم ۽ ترتيب رکو ۽ دشمن فوج جي بدنظميءَ ۽ بي ترتيبيءَ جي تکيءَ تاڙ ۾ رهو. اهڙي ڇڙوڇڙ ۽ بدنظميءَ واري حالت ۾ مٿن نهايت تيز رفتاريءَ ۽ خطرناڪ آوازن سان حملو ڪري ڏيو. هي ذهن مٿان ضابطي رکڻ جو هڪ فن آهي. جڏهن اوهان جنگي ميدان جي پرسان هجو تہ پري کان ايندڙ دشمن جي تاڙ ۾ رهو. جڏهن آرام ۾ هجو تہ دشمن جي ٿڪجڻ جو انتظار ڪريو. هي طبعي سگهہ تي ضابطي رکڻ جو هڪ فن آهي. دشمن جڏهن پوري ضابطي ۽ ترتيب سان پيش قدمي ڪري رهيو هجي تہ ان کي ڪجهہ بہ نہ چئو. اهڙي دشمن کي بلڪل نہ ڇهندا جنهن جي فوجي صفبنديءَ ۾ ڏاهپ سان تعلق رکندڙ ترتيب موجود آهي. هي حالتن مطابق تبديلي ۽ ڦيرگهير جو هڪ فن آهي."

هو "جنگي ميدان جا نَوَ قسم" باب ۾ چوي ٿو تہ، "فوجين کي نهايت خطرناڪ صورتحال ۾ ڌڪي ڇڏيو تہ اهي زنده رهڻ جي ڪوشش ڪندا. کين موت جي ميدان ڏانهن اڇلايو تہ اهي بچڻ جي ڪوشش ڪندا."

اندازن (Estimates) واري باب ۾ هو بڌائي ٿو تہ، "دشمن تي ان جاءِ تي حملو ڪريو، جنهن لاءِ هو تيار نہ هجي ۽ توهان جي پهچڻ جو کيس يقين ئي نہ هجي." اهي جنگ جا نهايت اهم اصول آهن.

قديم چين جي جنگي فن جي ڪتابن ۾ دوکي ۽ حقيقت تي گهڻو بحث ڪيو ويو آهي. ڪيترن ماهرن هن فن کي ين (Yin) ۽ يئنگ (Yang) سان تشبيهہ ڏني آهي، جنهن مطابق ين (Yin) معنيٰ دوکو ۽ يئنگ (Yang) معنيٰ

حقيقت آهي. اهو ڪنهن حد تائين صحيح بہ آهي. پر اها ڳالهہ سورهن آنا صحيح نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪڏهن حقيقي ڪم دوکي واري شڪل ۾ ڪري ونبو آهي، پر حقيقي نظر ايندڙ گهٽيون جنگي سرگرميون فقط دوکو هونديون آهن. ڪيتريون جنگي ڪارروايون ۽ فوجي چرپر ظاهر ۾ ڪمزور نظر اينديون آهن، پر اهي دوکو هونديون آهن ۽ دشمن فوج کي اٽڪل سان ڦاسائڻ لاءِ هونديون آهن.

جنگ ۾ دوکي ۽ حقيقت جو استعمال

توهان لاءِ اهو ضروري آهي تہ دوکي واريءَ فوجي چرپر ۾ بہ اصليت واري سگهہ ۽ سچائي قائم رکو. جيڪڏهن ائين ڪيو ويو تہ دوکي ڏيڻ واري منصوبي ۾ دشمن کان شڪست ڪونہ کائيندا. جيڪڏهن هن دوکي واري منصوبي کي حقيقي نوعيت جي پشت پناهي حاصل نہ هوندي تہ اوهان جي هيءَ ساري مهم پاڻيءَ ولوڙ ثابت ٿيندي. فوجي معاملن ۾ ڪي دوکا مستقل (نوس يا حقيقي) جا هوندا آهن تہ ڪي وري قابل تغير ٿيندا آهن. پر انهن ٻنهي مان مستقل نوعيت وارا دوکا وڌيڪ سگهارا هوندا آهن.

هيٺ جنگ جا مثال ڏنا وڃن ٿا، جن ۾ دوکي ۽ حقيقت (Void and actuality) جي عمليت بابت روشني وڌي وئي آهي.

خالي شهر واري ڦند جو منصوبو

ٽن بادشاهتن واري زماني ۾ شو (Shu) نالي واري ملڪ کان وي (Wei) جي حڪمران جيٽنگ (Jieting) وارو علائقو فتح ڪري پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏيو هو. ٿوري وقت کان پوءِ "وي" ملڪ جو سيمايي (Sema Yi) نالي ڪمانڊر ڪٽڪ وٺي اولهہ واري شهر تي ڪاهي ويو، جيڪو جاگرافيائي نقطہ نظر کان نهايت اهم نوعيت جو هنڌ هو. شو وٽ ايڏي فوج ڪانہ هئي، سو ان جي بچاءَ جو جوڳو بندوبست ڪري ڪونہ سگهيو. زوج ليانگ (Zhuge Liang) کي پورو پتو هو تہ هن انهندي شهر جي هٽن مان نڪري وڃڻ ڪري ملڪ کي گهڻو هاڃو رسندو ۽ هن کي شو جي سموري فوجي سگهہ جي ختم ٿي وڃڻ جو اُڌڪو هو. ڪيس اها ڄاڻ هئي تہ سيمايي وسوڙل ۽ ڊڄڻو ماڻهو آهي. تنهن ڪري زوج ليانگ هڪ خالي شهر اڏي، ان کي دوکي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. دوکي واري ان شهر

جي اوچتي اڌاوت جي ڪري سيما بي ڏجي ويو ۽ منزل پٽي، تيرهن ميل پوئتي هٽي وڃي نئين منزل ڪيائين. ان ڪري زوج ليانگ کي نئين فوجي پرتيءَ جي وٿي ملي وئي.

ان خالي شهر جي اڌاوت جو ڪنهن به تاريخ ۾ ذڪر موجود ڪونه آهي، پر ٽن بادشاهن واري تاريخ جي حاشين ۾ اهڙي ڳالهه بيان ٿيل ضرور آهي. جيڪڏهن اها ڳالهه سچي نه به آهي، پر ان ۾ عقل ۽ فهم ضرور آهي. هن مان اسان کي اها ڄاڻ ملي ٿي ته جنگ ۾ دوکي کي ڪتب آندو، جنهن کي سندس مڪمل طاقت ۽ پشت پناهي حاصل هئي. حقيقت ۾ جيڪا وٿس موجود ئي ڪانه هئي. هن سيمابي کي ديڄاري پنهنجو مقصد پورو ڪيو هو، پر جيئن ته وٿس فوج موجود ڪانه هئي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سندس اها حڪمت عملي مهم جوئيءَ سان گڏوگڏ بهادريءَ جهڙو ڪم پڻ هو.

شيجئا زُئان (Shijia Zhuan) واري جنگ

هي موجوده دؤر جي دوکي ۽ حقيقت واري جنگ جو هڪ اهم مثال آهي، جيڪو پيپلس لئبريشن آرمي جي تاريخ سان واسطو رکي ٿو. آڪٽوبر 1948ع ۾ ڪومنتانگ جي جنرل هيوبي، شيجئازئان تي حملو ڪيو، جنهن ۾ هن 94 ريجمينٽ، فوج جون ٻيون ٽي ڊويزنون ۽ ست هزار ٽرڪون ڪتب آنديون. سندس اها ڪوشش شيجئازئان کي اڪ چنب ۾ فتح ڪري وٺڻ جي هئي. انهيءَ زماني ۾ ان شهر جي بچاءَ لاءِ پي. ايل. اي جون فقط به ڊويزن گيريزن فوج ۽ ڪي تربيت وٺندڙ ريجمينٽون موجود هيون. ان کان سواءِ اتي پي. اي.ل اي جون ٽي مقامي ريجمينٽون به هيون. جن کي ڪومنتانگ جي "وٺان" علائقي ڏانهن پيش قدميءَ کي روڪڻ لاءِ اتي مقرر ڪيو ويو هو. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته سندس هن ڇاپي کي مهاڏو ڏيڻ ممڪن نه هو. تنهنڪري جنگ جي ابراضيءَ جي فوجي ڪمانڊرن "خالي شهر جي اڌاوت" جهڙي دوکي جو سوچيو ۽ هيٺيون تدبيرون اختيار ڪيون.

سڀ کان اڳ پي. ايل. اي جي ترجمان ريڊيو تي اعلان ڪيو ته اسان کي پوري ڄاڻ آهي ته ڪومنتانگ، شيجئازئان تي ڇاپو هڻي رهيو آهي. ڪيس مڙسان مڙسيءَ سان منهن ڏنو ويندو ۽ اسان سندس فوج جي اچڻ جون واٽون واجهائي رهيا آهيون. جنرل هِيو (Hue) سوچيو ته جيڪڏهن

سندس فوج شيجئا زئان تي هلان ڪئي تہ سندس موٽڻ جو دڳُ بند ٿي وبندو، ڇاڪاڻ تہ سندس خيال هو تہ پي. ايل. اي جي فوج تمام گهٽي آهي. هو وڏي ڌيان سان ريڊيو ٻڌندو رهيو. ان کان سواءِ هن اخبارن ۾ بہ ساڳيون خبرون پڙهيون. هو سيمايي جهڙو وهم وسوڙل ۽ گيدي هو، تنهنڪري دهلجي ويو ۽ پنهنجي فوج کي حڪم ڪيائين تہ پيرُ پيرُ ۾ پائي نهايت خبرداريءَ سان اڳتي وڌي. اهڙيءَ ريت سندس پيش قدميءَ جي رفتار ڍري ٿي وئي.

بيو ڪم اهو ڪيو ويو تہ ان ايراضيءَ جي ڪمانڊر مقامي فوج کي حڪم ڪيو تہ، "وئان علائقي" جي اتر پاسي کان، جيترو ممڪن ٿي سگهي، ڪومنتانگ جي فوج کي اڳتي وڌڻ کان روڪين. ان کان سواءِ هن شيجئان زئان جي فوج کي حڪم ڪيو تہ اها فوتوئو (Fotou) نديءَ جي ڪناري سان جلديءَ ۾ هڪ قلعو تعمير ڪري وٺي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن جنرل هويي سمجهي تہ ڪيس مهاڏي ڏيڻ لاءِ ڀرپور تياريون ٿي رهيون آهن. ساڳئي وقت هن ڪمانڊر چئنگ جيا ڪائو هٿ هيٺ رهندڙ فوج کي ڏکڻ طرف شيجئيازئان ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڪيو. ان کان سواءِ هن ڪمانڊر، ڇهين ڪالم (Sixth colomn) کي حڪم ڪيو تہ ين زئي شن (Yen Xishan) طرفان جنرل هويي ڏانهن موڪليل امدادي فوج 49 ڊويزن کي قتل ڪري ختم ڪري ڇڏي. جنهن ڪري جنرل هويي ڏانهن ايندڙ امدادي فوج وٽس پهچي نہ سگهي.

ٽورن ڏينهن کان پوءِ جنرل هويي کي اچي آنڌ مانڌ لڳي ۽ مٿان هدايتن ملڻ لاءِ ڪيس اُڏڪو ٿي پيو. هن پنهنجي ايئر فورس کي حڪم ڪيو تہ شيجيا زئان جو جائزو وٺي اچي. هنن مٿان ڏٺو تہ فوتوئو نديءَ جي ڪناري سان پي. ايل. اي طرفان هڪ نئون قلعو تعمير ٿي رهيو آهي، (جيڪو حقيقت نہ ڀر هڪ دوڪو هو) ۽ شيجئيا زئان شهر هميشه وانگر سک سانت ۾ هو ۽ ڪنهن حملي جو مٿس ڪو شڪ نہ هو.

ٽن ڏينهن کان پوءِ هن وري پنهنجي ايئر فورس کي شيجئا زئان جي جائزي وٺڻ لاءِ موڪليو. هنن ڏٺو تہ پي. ايل. اي جي فوج ڏکڻ ڏانهن وڌندي اچي، "پي" علائقي ۾ پهتي هئي، جيڪا شيجئا زئان جي مدد لاءِ وڃي رهي هئي ۽ پورن هڪ سؤ ميلن ۾ پکڙيل هئي. اهڙيون ڳالهيون ٻڌي

جنرل هوبي اندازو لڳايو تہ ان فوج جو انگ اسي هزار کان هڪ لک تائين هوندو. سندس خيال هو تہ اها بي. ايل. اي جي خشڪي فوج واري اول درجي جو حصو آهي، جيڪو هنگامي طور شيجئا زئان جي مدد لاءِ اچي رهيو آهي. ان وقت کيس 49 ڊويزن جي تباهيءَ جي ڄاڻ ملي، جيڪا بينزي شن، هن ڏانهن مدد لاءِ رواني ڪئي هئي. ان جو نتيجو اهو ٿيو، جو هن شيجئا زئان تي ڇاپي هڻڻ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ شهر ناس ٿيڻ کان بچي ويو. پي. ايل. اي شيجئا زئان کي بچائڻ لاءِ "خالي شهر" جوڙڻ منصوبو جوڙيو هو، جيڪو حقيقت ۾ ڏاڍو ڪمزور هو، پر ظاهر ۾ ڏاڍو سگهارو معلوم ٿي رهيو هو، جنهن وسيلي دشمن جي پيش قدميءَ جي رفتار ڍري ٿي وئي. ان سان گڏ اتر واري علائقي ۾ رهندڙ فوج کي شيجئا زئان جي مدد لاءِ اڳتي وڌڻ جو پڻ حڪم ڏنو ويو هو. زوج ليانگ جو منصوبو جوڪم جو ڪم ۽ جوا جهڙو هو. جڏهن تہ شيجئا زئان واري جنگ ۾ تيار ڪيل منصوبي کي هڪ حقيقي پشت پناهي حاصل هئي، تنهنڪري ڪنهن بہ جوکي جو انومان موجود ڪونہ هو.

مالن لڪ (Malin Pass) واري جنگ

341 قبل مسيح ۾ "وي" جي حڪمران، هن (Han) تي حملي ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوجي مهندار پونگ جئان (Pong Juan) کي روانو ڪيو هو. "هن" (Han) ڪيس مڙس تي مهاڏو ڏنو ۽ سائس پوريون پنج جنگيون وڙهيون، پر پڄاڙيءَ ۾ هارائي وينو، تنهن ڪري هن پيو گس نہ ڏسي "ڪي" کي مددگار ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو. "ڪي" جي حڪمران سندس مدد لاءِ پنهنجي فوج "هن" ڏانهن موڪلڻ بدران "وي" جي راڄڌاني "تاليانگ" ڏانهن رواني ڪئي. "وي" جي فوج جڏهن اهڙو ڳنڀير وايو منڊل ڏنو تہ "هن" مان هٿ ڪڍڻ کان سواءِ کيس ڪا بي واهہ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي، تنهن ڪري هن ايئن ڪيو.

"وي" جو بادشاهہ "ڪي" جي اهڙي جنگي حڪمت عمليءَ سبب دهلجي ويو هو. هن کي اهو بہ معلوم ٿي چڪو هو تہ جيڪڏهن "ڪي" جي بادشاهہ کي جوڳي سيکت نہ ڏني وئي تہ هو سدائين هن لاءِ مٿي جو سور بڻبو رهندو. هن چوند فوج گڏ ڪري مٿس ڪاهي وجڻ جو حڪم ڪيو. "هن" حڪمران، "پونگ جئان" ۽ شهزادي "شين" کي فوج جو

ڪمانڊر مقرر ڪيو. اهڙيءَ ريت هي ٻئي ڪمانڊر ”ڪي“ سان هڪ هڪائي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا.

”ڪي“ کي اهڙي حملي جي چڱيءَ پر ڄاڻ پئجي چڪي هئي. هن ”وي“ سان ٻه ٻاٿي ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ سگهه ڪانه ڏٺي، تنهنڪري هن کي مهاڏي نه ڏيڻ جو فيصلو ڪيائين. چيف آف اسٽاف ”سن بن“ ڪمانڊر ”تيان جي“ کي مشورو ڏنو ته ”وي“ جي فوج بهادريءَ ۾ مشهور آهي، تنهنڪري ”ڪي“ کي ڪک وانگر سمجهي رهي آهي. اهڙي وايو منڊل کي نظر ۾ رکي اسان کي ”وي“ جي فوج کي محسوس ڪرائڻ کپي ته اسان ڪانئس ڊڄي ۽ دهلجي ويا آهيون. ”سن زوءَ“ جي ”جنگي فن“ جي اصول مطابق: ”رٿ جو ڪمانڊر هڪ سؤ ”لي“، ميلن واچ واري رفتار سان سفر ڪرڻ کان پوءِ ڌڪي پوندو ۽ پنجاهه ”لي“ سفر ڪرڻ کان پوءِ باقي وڃي اڌ فوج وٽ اتي رسندو.“ هن وڌيڪ هيءَ به صلاح ڏني ته، ”ڪي“ جي فوج کي ”وي“ جي راڄڌاني جي حملي مان هٽ ڪڍي گهٽو پوئتي هٽي وڃڻ کپي ته جيئن ”وي“ جي فوج کي ”ڪي“ جي ملڪي سرحدن اندر داخل ٿيڻ لاءِ فريب ڏئي سگهجي. ساڳئي وقت بورچين جو انگ گهٽائي، اوترو تعداد فوجي سپاهين جو وڌائڻ کپي. هن تجويز کي ٻين لفظن ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو ته ”ڪي“ کي پهريائين ڪمزور هئڻ جو ڊونگ ڪرڻ گهرجي ۽ مناسب موقعي تي اوچتو وڃي ”وي“ جي فوج مٿان ڪڙڪڻ کپي. ڪمانڊر ”تيان جي“ سندس صلاح کي قبول ڪيو ۽ تيز رفتاريءَ سان پوئتي هٽڻ شروع ڪيو.

”وي“ جي فوج جڏهن ”ڪي“ جي فوج کي پوئتي ڀڄندو ڏٺو ته اها سندس پٺيان ڪاهي پئي. ”وي“ جي جاسوسن پهرئين ڏينهن اطلاع موڪليو ته ”ڪي“ جو ڪاڌ خوراڪ سان لاڳاپيل عملي جو تعداد هڪ لک آهي. ٻئي ڏينهن ٻڌايو ته اهو پنجاهه هزار ۽ ٽئين ڏينهن چيو ته ويهه هزار آهي. جنرل ”يونگ جئان“ کي پڪ ٿي وئي ته ”ڪي“ جي فوج ڀڄي وئي آهي، تنهن ڪري هن پنهنجي فوج کي اجا به وڌيڪ تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌڻ جو تاڪيدي حڪم ڪيو. هن سان به بيشمار فوج هئي، جيڪا رات ۽ ڏينهن بنا ساهي پٽڻ جي واچ ميلن ڪندي اڳتي ڌوڪيندي ٿي وئي. جڏهن ”وي“ جي فوج مالن لڪ وٽ پهتي ته ”ڪي“ جي ڪمانڊرن جي

وچايل چار ۾ ڦاسي پئي ۽ سندس فوج مان هڪ به سپاهي بچي نه سگهيو. جنرل "پونگ جئان" به جنگي قيدي بڻجي ويو. ان کان پوءِ "ڪي" جي فوج شهزادي شيڻ واري لشڪر تي وچي حملو ڪيو ۽ ان کئ پنهنجو جنگي قيدي بڻائي ڇڏيو. هن سوپ کان پوءِ اتر چين ۾ "ڪي" جي بادشاهي تمام وسيع علائقي تي قائم ٿي وئي هئي. هي دوکي جو اڻ لڀ مثال آهي، جيڪو "ڪي" جي فوج طاقتور هئڻ جي حالت ۾ اختيار ڪيو هو.

نتيجو

سن زوءَ جي "دوکي ۽ حقيقت" جو نظريو مختصر طور هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو: اهڙي مقصد واسطي مقرر ٿيل فوج ۾ لچڪ هئڻ ضروري آهي. انهيءَ لاءِ ته جيئن "دوکي کي حقيقت ۾" ۽ "حقيقت کي دوکي ۾" بدلائي سگهجي. "طاقتور فوج لاءِ دوکي واري جنگي حڪمت عملي" پاڻ کي ڪمزور ظاهر ڪرڻ کان وڌيڪ سولي آهي. "دوکي جي حقيقت" واري جنگي حڪمت عمليءَ ۾ دشمن فوج جي ڪمانڊر جي مزاج کي سمجهڻ ضروري هوندو آهي. هن سان گڏ پنهنجن ڪمانڊرن جي ڪن سگهارين خوبين کان به پڻ واقف هئڻ گهرجي ته جيئن پتو پئجي وچي ته هو ڪهڙا ڪهڙا ڪم بهتر انداز سان نڀائي پورا ڪرڻ جي اهل آهن.

جڏهن اوهان "دوکي" ڏيڻ واري جنگي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان کي صحيح نموني نڀائي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. دوکي واري حڪمت عمليءَ ۾ سگهه هئڻ کپي، جو ان کي دشمن حقيقت سمجهڻ لاءِ مجبور ٿئي. پر "زوج ليانگ" جي "خالي شهر" جيان جوا جهڙو دوکو نه هجي. اوهان کي پنهنجي پهلڪاريءَ ۽ محنت سان تيار ڪيل منصوبي تي نهايت ڌيان ۽ گيان سان عمل ڪرڻ گهرجي. جڏهن اوهان سوانگ (نقل، بهروپ) ڪريو ته سرت ۽ سچيتائيءَ کان ڪم وٺو ته جيئن دشمن جون وايون بنال ٿي وڃن. دشمن کي اهڙي دوکي سان ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪريو، جو هو دوکي کي دوکو نه سمجهي سگهي.

دوکو ۽ حقيقت پاڻ تبديل ٿيڻ وارا عنصر آهن ۽ مختصر وقت لاءِ هوندا آهن. اڪثر ڪري دشمن جي اختيار ڪيل تبديلين کي جاچڻ پرکڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، تنهنڪري ضروري هوندو آهي ته فوجي ڪمانڊر ڏاها، سچيت، ڦڙت ۽ لچڪدار مزاج وارا ۽ بهادر هئڻ کپن.

باب پنجون

جنگ ۾ پھلڪاريءَ لچڪ

"سن زوءَ" جنگ جي هر محاذ تي ڪمانڊر جي پھلڪاريءَ جي سگھہ کي تمام گھڻي اهميت ڏني آهي. ان بابت سندس اصول آهي تہ: "تڪڙي فيصلي لاءِ جنگي ڪارروائيءَ ۾ تيز رفتاري ۽ دشمن کي جنگي ميدان ڏانهن اچڻ واسطي مجبور ڪرڻ لاءِ ڪمانڊر جو اڳواٽ سوچڻ ۽ رٿابندي ڪرڻ لازمي آهي تہ جيئن دشمن پنھنجي سوچ مطابق نہ، پر ڪمانڊر جي چونڊيل وقت تي ميدان تي پھچي وڃڻ گھرجي.

مائوزي تونگ چيو آهي تہ، "جنگ دوران اهڙيون ڳالهيون پھلڪاريءَ جي سگھہ وڃائي ويھڻ جي معنيٰ شڪست ۽ تباهي آهي." هي ڏاهو ماڻھو ان ڳالھہ کي وڏي اهميت ڏئي ٿو تہ جنگ ۾ دشمن عين ان جڳھہ تي هجڻ کپي، جتي اوهان کيس "موجود ڏسڻ" چاهيو ٿا. ان جي پنيان لڳڻ کان پاسو ڪريو. سندس خيال موجب، بھتر آهي تہ پھريون وار دشمن کي ڪرڻ ڏيو. انهيءَ مان اوهان کي دشمن جي سگھہ ۽ ڪمزورين جو پتو پئجي ويندو. پوءِ اوهان پنھنجي سموريءَ سگھہ کي سھيڙي دشمن تي ڀرپور حملو ڪريو.

پھلڪاريءَ جو اهو پڻ مطلب آهي تہ فوج ۾ تيز رفتار چربر ۽ لچڪ موجود هئڻ کپي. ان جي معنيٰ اها آهي تہ جڏهن فوج حملو ڪري تہ اها اڏول ۽ اجھل هئڻ کپي. جڏهن اها بچاءَ جو ارادو ڪري تہ اها اٽل هجي ۽ جبل جيان جمي بيھي رهي ۽ جڏهن اها پوئتي هٽڻ چاهي تہ دشمن کي سندس پيڇي ڪرڻ جي جرئت ئي نہ ٿي سگھي. "سن زوءَ" جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" ۾ هن موضوع بابت ڪيتريون اهم ڳالهيون ڏسڻ ۾ اينديون.

دو ڪي ۽ حقيقت واري باب ۾ سن زوءَ چيو آهي تہ. "فوج پاڻيءَ جي مثل آهي، جيڪو مٿاهينءَ کي ڇڏي تلين ۽ ترائين ڏانهن رخ ڪندو آهي. سو ان وانگر جنگ دوران فوج کي دشمن جي سگھارين جڳھن کان پاسو ڪري،

هيٺن هنڌن تي حملو ڪرڻ کپي، جهڙيءَ ريت پاڻي علائقي جي جاگرافيائي وايو منڊل مطابق پنهنجو وهڪرو اختيار ڪندو آهي، تهڙيءَ ريت فوج کي منهن مقابل وهڪرو ڪونہ هوندو آهي. ساڳيءَ طرح جنگ دؤران فوج لاءِ هڪ جهڙيون حالتون ڪونہ هونديون آهن. جيڪڏهن ڪو ڪمانڊر دشمن جي فوجي ترتيب ۽ نقشي کي اک ۾ رکي پنهنجي جنگي چال ۾ ردوبدل ڪري سوڀ ماڻيندو آهي تہ ان کي ذات ڏٺي سڏيو ويندو آهي."

جيتري قدر "باقاعدي فوجي چرپر، جنگي ترتيب ۽ چال" جو تعلق آهي تہ ان بابت سن زوءَ جو بيان آهي تہ، "جنگ دؤران ڏوکي واريءَ جنگي حڪمت عمليءَ کي بنا ڪنهن وٿيءَ جي لڳاتار جاري رکو. ائين ڪرڻ سان سوڀ اوهان جا پير چمندي. پيش قدمي بہ فقط تڏهن ڪريو، جڏهن سمجهو تہ انهيءَ مان اوهان کي فائدو آهي. صفبندي ۽ ڇڙوڇڙ بہ حالتن مطابق ٿيو."

"فوجي مقصدن لاءِ مناسب علائقي جي چونڊ" لاءِ سن زوءَ جو بيان آهي تہ، "جنگين جو تجربيڪار جنرل جڏهن پنهنجي فوج سان گڏ چرپر ڪندو آهي تہ کيس پنهنجي منزل بابت پڪ هوندي آهي. ڪڏهن واٽڙو ٿي منجهي نہ پوندو آهي. جڏهن هو جنگي ڪارروائيءَ ۾ جنبي ويندو آهي تہ وٽس اڻکٽ وسيلا هوندا آهن. جنگي چال مهل سندس سوچ متحرڪ هوندي آهي، تنهن ڪري آءٌ چوان ٿو تہ اوهان پنهنجي دشمن کي تڪيو توريو ۽ پاڻ کي جاچيو پرکيو تہ اوهان جي سوڀ کي نڪي لهر نڪو لوڏو. ان کان سواءِ جنگي مقصدن جي نقطئہ نظر کان علائقي کي بہ اک مان ڪڍو ۽ موسم بابت بہ ويچاريو تہ توهان جي فتح جي تڪميل ٿي ويندي."

اڳرائي ڪرڻ واري حڪمت عمليءَ ڏانهن اشارو ڪندي هو لکي ٿو تہ، "دشمن کي چڱيءَ ريت تڪيو توريو ۽ پنهنجي سگهہ کي بہ چڱي ريت جاچيو پرکيو تہ سئو جنگين ۾ بہ اوهان کي شڪست نہ ملندي. جيڪڏهن اوهان رڳو پاڻ کي جاچيندؤ پرکيندؤ ۽ دشمن جي سگهہ کي تڪڻ تورڻ جي ڪوشش نہ ڪندؤ تہ جيتريون اوهان سوڀون ماڻيندا اوتريون ئي اوهان کي شڪستون نصيب ٿينديون: يعني کٽڻ ۽ هارائڻ جو حساب ڪتاب برابر هوندو. جيڪڏهن اوهان پاڻ بابت ڪجهہ نہ ڄاڻو ۽ دشمن جي تڪ تور ۽ پرک بہ نٿا ڪريو تہ پوءِ هر جنگ ۾ شڪست اوهان جو مقدر هوندي."

"مختلف نَون ڳالهين" واري باب ۾ سن زوءَ هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته، "جنهن جنرل کي جنگي علائقي جي مختلف نون اصولن جو پتو نه آهي ته ڪيس جنگي مقصدن لاءِ ان جوءِ کي ڪم آڻڻ جي لائق نه سمجهڻ کپي؛ توڙي جو اهو ان علائقي کان چڱيءَ ريت واقف به هجي. جيڪڏهن ڪو جنرل فوج کي جنگي ڪارروائي جون هدايتون ڏئي ٿو ۽ کيس جنگي چال لاءِ علائقي جي نون ڳالهين جو پتو نه آهي ته هو پنجن سهولتن کان واقف هوندي به پنهنجي فوج جي اثرائتي ترتيب ۽ صفبندي ڪري ڪونه سگهندو. هو هن باب ۾ چوي ٿو ته، "سياڻو ۽ سچيت جنرل رٿابنديءَ ڪرڻ مهل نفعي ۽ نقصان وارين ڳالهين تي تمام گهڻو سوچيندو ويچاريندو آهي. هو نفعي وارين حقيقتن تي فڪر ڪري منصوبو جوڙي ۽ امڪاني فيصلا ڪري وٺندو آهي. جڏهن ته نقصان وارين ڳالهين تي پرجهي پروڙي تباهه ڪارين کان پاسو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي."

"جنگي علائقي جي نون خاصيتن" واري باب ۾ سن زوءَ ٻڌائي ٿو ته، "فوجي جنرل کي شئائي رن قسم جي نانگ وانگر هئڻ کپي. جيڪو چڱنگ جبل ۾ ڏٺو ويندو آهي. هن نانگ کي مٿي تي ڌڪ هڻبو ته پڇ سان حملو ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن سندس پڇ تي ڌڪ هڻبو ته مٿي واري پاسي کان حملو ڪندو آهي. پر جيڪڏهن سندس وچ تي ڌڪ وهائبو آهي ته منهن ۽ پڇ ٻنهي سان حملو ڪندو. تنهن ڪري لڄادار ڪنوار وانگر خاموش ويهي رهو. جڏهن دشمن ويسلو ٿي ويهي رهي ته پوءِ اوهان شروعات ڪريو. واچ مينهن ٿي دشمن مٿان ڪڙڪي پئو. ان حالت ۾ دشمن کي اوهان جي سامهون ٽڪڻ جي سگهه ئي ڪانه ٿيندي."

جيڪڏهن ڪنهن کي فوج جي تقسيم ۽ ترتيب جي پوري ڄاڻ هجي ۽ کيس غير معمولي ۽ عام قسم جي فوجين جو به پورو پتو هجي ته پوءِ کيس فوجي مقرريءَ ۾ ٻهلڪاريءَ ۽ لچڪ کان ڪم وٺڻ گهرجي. سن زوءَ ڏاڍي سچيتائيءَ سان هن خيال جو اظهار ڪري ٿو ته، "جهڙيءَ ريت پاڻيءَ جو سدائين هڪ جهڙو وهڪرو نه هوندو آهي، تهڙيءَ ريت جنگ ۾ به سدائين هڪ جهڙيون حالتون نه هونديون آهن." سندس خيال آهي ته، "فوج جي تقسيم ۽ ترتيب ۾ مقرر ٿيل پڪو پختو اصول نه هئڻ گهرجي. جيڪڏهن مختلف جنگي حالتن ۾ ويڙهه جو ساڳيو هڪ طريقو ڪم آڻبو يا

جيڪڏهن پيچيدين ۽ ڏکين جنگين ۾ ڪنهن خاص قسم جي جنگي چال ڪتب آڻبي تہ اوهان ڪي شڪست کان ڪير بہ بچائي نہ سگھندو. جبل ۽ بيلن جي جنگ جا طريقا الڳ الڳ آهن، جبل ۽ بيلن جي ڪامياب جنگ جي طريقن کي ميداني علائقي واري جنگ ۾ ڪتب آڻي نہ ٿو سگھجي. ساڳيءَ ريت ميداني علائقن جي ڪامياب جنگ جي نموني کي جبلن ۽ بيلن ۾ استعمال ڪرڻ ممڪن نہ آهي. تنهن ڪري هڪ ڪمانڊر لاءِ ضروري آهي تہ هو سوچي ويچاري عملي صورتحال موجب نوان جنگي طريقا ايجاد ڪري.

جنگي ڪارروائي هلائڻ جو اهم اصول اهو آهي تہ جنگي قانون مٿان عبور حاصل ڪرڻ واسطي ڪوبہ آسان رستو موجود نہ آهي. جنگ جي ميدان تي واقعا تيز رفتاريءَ سان تبديل ٿيندا رهندا آهن، جن بابت اڳڪٿي ڪرڻ ممڪن نہ هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو جنگ جي روح جي تجزئي واسطي جدلياتي ماديت جي اصول کي استعمال ڪندو تہ ان کي معلوم ٿي ويندو تہ هر سوال کي بہ پاسا آهن، جن جو پاڻ ۾ گهرو واسطو آهي، جيڪي ڪن خاص حالتن هيٺ متضاد مشڪلاتون اختيار ڪري وٺن ٿا. توڙي جو لاڳاپو اڳرائيءَ سان هجي يا بچاءَ سان يا سندن فوج طاقتور آهي يا ڪمزور! تنهن ڪري جڏهن ڪمانڊر جنگي ڪاروائيءَ ۾ رڌل هوندو آهي تہ ان وقت ئي ڪيس انهن معروضي عنصرن جو ادراڪ ٿي ويندو آهي، جيڪي متضاد شين جي تبديليءَ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن. ان وسيلي هو ڪن اڻ وڻندڙ ڳالهين کان پاسو ڪري صحيح فيصلا ڪري وٺندو آهي، جن جو لازمي نتيجو سوڀ هوندو آهي.

جنگ ۾ تيز فهمي، شدت ۽ تيز رفتاري

مارشل لِيو بوچينگ جنگ دؤران تيز فهميءَ، شدت ۽ تيز رفتاريءَ تي وڏيڪ زور ڏنو آهي. سندس بيان آهي تہ. "فوجي يونٽن جي تعين ۾ لچڪ جي معنيٰ آهي "دوکي ۽ حقيقت" واري جنگي حڪمت عمليءَ ۾ ڏاهپ سان کنيل قدم. مثال طور اشارو اوپر پاسي ڏانهن ڏئي اولهہ پاسي کان حملو ڪرڻ، غير معمولي ۽ عام قسم جي فوجي دستن ۾ سولائيءَ سان ڦيرگهير ڪرڻ. دشمن جي اهڙي نازڪ هنڌ تي اوچتو حملو ڪرڻ، جنهن جي بچاءَ لاءِ هن کي پڪ هجي تہ سندس مددگار بہ پهچي ويندا ۽ اوهان جو اهو حملو دشمن لاءِ بلڪل غير متوقع هئڻ گهرجي.

چيشوئي نديءَ (Cheshui River) واري جنگ

مائوزي تونگ ۾ خاص خوبي اها هوندي هئي ته هو جنگ جي حڪم ڏيڻ مهل پهلڪاريءَ کان ڪم وٺندو هو ۽ فوجي ترتيب ۾ لچڪ جو قائل هوندو هو. هو دشمن مٿان اوچتو ڪڙڪي کيس شڪست ڏئي ڇڏيندو هو. لانگ مارچ دؤران چيشوئي نديءَ (Cheshui River) واري جنگ هڪ انوکي قسم جو مثال آهي.

چيشوئي نديءَ کي يونن، گوئيزائو ۽ سچوئان صوبن جي سرحدن وٽ گهٽا وڪڙ آهن. مائوزي تونگ جنوري 1935ع ۾ فيصلو ڪيو ته ريڊ آرمي زونيي وٽان اتر طرف پيش قدمي ڪري (تونگزي، سونگڪن ۽ توچينگ کان ٿيندي) چيشوئي نديءَ کي پار ڪري اڳتي وڌي. ريڊ آرميءَ جي هن پيش قدميءَ ڪري دشمن جون وايون بتال ٿي ويون هيون. سينٽرل آرمي، ريڊ آرميءَ جو پيڇو ڪري رهي هئي. سينٽرل آرمي، "گوئيزئو" ۽ "هنن" جون صوبائي فوجون، ان ايراضيءَ ۾ اچي هڪ هنڌ تي گڏ ٿيون ۽ ريڊ آرميءَ جي چوڌاري ڪڙي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون.

هنن حالتن ۾ يئنگزي نديءَ کي پار ڪرڻ ناممڪن هو. تنهن ڪري مائوزي تونگ ريڊ آرميءَ کي مناسب موقعي تائين ان ايراضيءَ ۾ ترسڻ جو حڪم ڪيو. جڏهن کيس معلوم ٿيو ته گوئيزائو صوبي وارو سندس دشمن نبل ۽ هيٺو آهي ته هن پنهنجيءَ فوج کي اوچتو ئي اوپر ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڪيو ۽ چيشوئي ندي ٻيهر اڪري وڃي تونگزي ۽ زنوبي تي ڪاهه ڪيائين، (اهي ٻئي گوئيزائو صوبي جا ماڳ هئا). انهيءَ مارچ دؤران ريڊ آرميءَ دشمن جون ويهه ريجمينٽون ناس ڪري ڇڏيون هيون. جيانگ جيشي شڪست جو ٻڌي ڏاڍو ڏمرجي پيو هو. تنهنڪري هن وري ريڊ آرميءَ کي زونيسي ايراضيءَ ۾ ڪڙي چاڙهڻ جا جتن ڪيا هئا.

مائوزي تونگ دشمن فوج کي منجهائڻ ۽ ان کي چرپر لاءِ مجبور ڪرڻ واسطي پنهنجي فوج کي رينوئي (Renhoi) مان گذاري، ٽيون ڀيرو موٽائي چيشوئي نديءَ کي پار ڪيو. ان کان پوءِ هن ڏکڻ سچوئان ڏانهن اتر پاسي پيش قدمي ڪرڻ شروع ڪئي هئي. جيانگ جيشي کي جڏهن سندس هن فوجي چرپر جي ڄاڻ ملي ته کيس پڪ ٿي ته ريڊ آرمي وري به يئنگزي ندي پار اڪري اڳتي وڌي وڃي فورٿ فرنٽ آرمي سان ملندي. تنهنڪري هن

گوئيزائو، سچوئان ۽ "هنن" جي صوبائي فوج ۽ سينٽرل آرميءَ کي حڪم ڪيو ته ريڊ آرمي کي وري به ڪڙو چاڙهيو وڃي. هيءَ جاڪوڙ هن مقصد سان ڪئي وئي هئي، ته جيئن هڪ ئي ڌڪ سان ان کي ناس ڪري ڇڏجي.

جڏهن مائوزي تونگ کي پتو پيو ته دشمن فوج سندس منصوبي موجب چرپر ڪرڻ شروع ڪئي آهي ته هن اوچتو ئي پنهنجي ريڊ آرميءَ کي چوتون پيرو چيشوئي ندي پار اڪرڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ دشمن فوج جي ساڄي پاسي واري حصي کان تيز رفتاريءَ سان گذريءَ، ووجيانگ ندي اُڪري گوئيزائو جي راڄڌانيءَ گويانگ ڏانهن وڌڻ لڳو، ريڊ آرميءَ جي مکيه حصي هن راڄڌاني تي حملي جو ڍونگ ڪيو. پر ان جو ٿورو حصو گويانگ ۽ لونگلي جو وچ ڏئي، گوئيزائو ۽ هنن واري مکيه سڙڪ اُڪري يونن جي راڄڌاني ڪنمنگ ڏانهن وڌڻ لڳو هو.

دشمن کي جڏهن اهو پتو پيو ته ان جون وايون بتال ٿي ويون ۽ هن سمجهيو ته ريڊ آرميءَ کين سوڙهو ڪري ورتو آهي. اهڙيءَ ريت دشمن کي ڪنمنگ کي بچائڻ لاءِ ٿي سؤ ميل پوئتي موٽي اچڻ جو ڪشالو ڪرڻو پيو هو. ريڊ آرمي هن پيري جنگسا نديءَ کي سنن بيڙين وسيلي نون ڏينهن ۾ پار ڪري ورتو هو ۽ سچوئا جي هوئلي ماڳ وٽ پهچي وئي هئي. اهڙيءَ ريت ريڊ آرمي ڪومنتانگ جي فوج جي پيڇي ڪرڻ ۽ ڪڙي چاڙهڻ واري ڏچي کان آجي ٿي وئي هئي. هن سمجهي ورتو هو ته جيانگ جيشي جي فوج يئگنزي درياهه اڪرڻ واري جنگي حڪمت عملي اختيار ڪندي ۽ اتر چين ڏانهن وڌڻ شروع ڪندي.

مٿينءَ جاڪوڙ مان سولائيءَ سان اها ڄاڻ ملي وڃي ٿي ته مائوزي تنگ هڪ ماهر ۽ ڏاهي فوجي سائنسدان جيان پنهنجي فوجي چال ۾ نچڪ واري حڪمت عمليءَ کي استعمال ڪري، جنگي فن جي اعليٰ مهارت جو مظاهرو ڪيو هو. هن ريڊ آرميءَ کي سوچ سان جنگي ڪارروائيءَ جا حڪم ڏنا هئا، جو دشمن کي جَن ڪَن ئي نه هئي. ريڊ آرمي تيز رفتاريءَ سان دشمن کي منجهائي واڙو ڪري ڇڏيو هو ۽ پنهنجي اشارن تي نچڻ لاءِ مجبور ڪري وڌو هو. نيٺ هنن کي ٿڪائي سندس پيڇي کان پنهنجي جند به آجي ڪري ورتي هئائين.

مائوزي تونگ جي هن مثال مان پتو پوي ٿو ته هن ڏاهن فوجي جنرلن جي

چوند ڪئي هئي. هڪ غير مناسب فوجي ڪمانڊر هڪ جنگي ڪارروائي تي سوپارو ٿيندو، پر پوءِ ساري جنگي ماحول ۾ هارائيندو رهندو. چاڪاڻ ته جنگي ميدان ۾ پيدا ٿيل نين تبديلين مطابق پاڻ ۾ لچڪ پيدا ڪري نه سگهندو، نه وري نين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتي حڪمت جوڙي سگهندو. مثال طور ٽن بادشاهتن واري زماني ۾ زوج ليانگ کي هڪ ڪامياب چيف آف اسٽاف سڏي سگهجي ٿو، جيڪو جنگي چال جي منصوبه بندي ڪرڻ ۾ ماهر هو. پر هن "جاءِ تنگ" جي بچاءَ واسطي "ماسو" کي ڪمانڊر مقرر ڪري وڏي غلطي ڪئي هئي. جنرل ماسو کي ٿوري گهڻي فوجي ڄاڻ هئي، پر هن کي جنگي صورتحال جي پوري سرت ۽ سوچ نه هئي. ان کان سواءِ هن کي فوجي يونٽن جي مقرريءَ ۾ لچڪ جي پليءَ پت ڄاڻ به نه هئي. حقيقت ۾ هو قائدن ضابطن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ جو قائل هو.

'جنگ چُو' واري جنگ

ٽن بادشاهتن واري زماني ۾ جنگزوئو "شو" ملڪ جي حڪمراني ۾ شامل هو.•جتي جنرل "گٽان يو" جي مهنداريءَ ۾ فوج رهندي هئي. وو جي حڪمران جنگ چوُ کي واري ونڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لاتا هئا. پر بي سوپو رهيو. 219ع ڌاران "وو" جي حڪمران، جنرل لومينگ جي مشوري تي لڳي جنگ چُو تي حملي لاءِ چائو چائو سان عهدنامو ڪيو. جنهن مطابق هڪ ڌر کي ڌڪڻ، ٻيءَ ڌر کي اتر ڪان هلان ڪرڻي هئي، يعني چائو جي فوج جنرل "چائو رين" جي مهنداريءَ ۾ اتر کان ۽ وو جي فوج جنرل لوسن جي اڳوائيءَ ۾ ڏکڻ کان هڪ ئي وقت اڳتي وڌڻيون هيون.

جنرل لوسن واريءَ فوج جو پهريون ڪمانڊر لومينگ هو. جيڪو هر مسئلي کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ ڪري ڏاڍو مشهور هو. گٽان يو هن کان گهڻو خبردار رهندو هو. لومينگ پنهنجي دشمن کان سندس مرڪز ڇڏائڻ جو هڪ منصوبو جوڙيو هو. جنهن تحت هن بيماريءَ جو بهانو ڪري "جيانئي" ڏانهن واپس ورڻ جو ڍونگ ڪيو ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي لوسن کي فوجي ڪمانڊر بنائڻ جي سفارش ڪئي هئائين. جڏهن گٽان يو کي اهڙي سڌ پهتي ته ڏاڍو سرهو ٿيو. لوسن کي هڪ نوجوان ۽ گهٽ تجربي وارو

فوجي جنرل سمجهي، پاڻ سان چوندڊ فوجِ ساڻ ڪري اتر طرف شئنگ يانگ ۽ فن چئنگ تي ڪاهي ويو ۽ جن چُو جي بچاءَ واسطي جنرل هي فئنگ ۽ جنرل فوشيرينگ کي ڇڏي ويو.

جڏهن جنرل لومينگ کي هيءُ سُڌ ملي تڏهن سمجهيائين تہ سندس منصوبابندي ڪامياب ٿي آهي. اهڙي وايومنڊل کي اک ۾ رکي، هن پنهنجيءَ فوج کي واپارين واري لباس ۾ "زو" ۽ "وو" جي وچ واري علائقي مان اڳتي وڌڻ، نديءَ جي ڪناري سان لڳ قائم هڪ قلعي تي حملي ڪرڻ ۽ مي فئنگ کي اڻ مڃائڻ جو حڪم ڪيو هو.

جنرل گٽان يو پنهنجي فوج سان گڏ آرام سان اتر ڏانهن وڌي رهيو هو. هن پيش قدمي ڪري زيانگ وانگ کي وچي فتح ڪيو ۽ فنچينگ ڏانهن وڌڻ جو ارادو ڪيو. هن حملي ۾ چائو چائو جا مشهور جنرل يو جنگ ۽ پئنگ ڊي گرفتار ڪيا ويا ۽ ساڻس گڏ بيشمار فوج ناس ٿي وئي. چائو چائو دهلجي ويو تہ الائي ڇا ٿيندو ۽ پنهنجي راڄڌانيءَ مٽائڻ جو سوچي رهيو هو.

جڏهن جنرل گٽا يو کي پتو پيو تہ "وو" جي فوج جنگزئو تي حملو ڪري، ان کي فتح ڪري ورتو آهي تہ سندس پيرن هيٺان ڄڻ تہ ڌرتي کسڪي وئي. هن بيٺي پير فوج کي مائيچينگ ڏانهن واپس ورڻ جو حڪم ڪيو، جتي پهچڻ سان وو جي فوج کيس ڪڙو چاڙهي بيهي رهي. اهڙيءَ ريت گٽان يو اوچتو ڦاسي پيو ۽ کيس جنگي قيدي بنايو ويو.

جنرل لومينگ پنهنجي دشمن کي دوکي سان ڪاٺس مرڪز ڇڏائڻ جو منصوبو جوڙيو هو، جيڪو ڪامياب ويو. کيس پوري ڄاڻ هئي تہ گٽان يو هٺيلو ۽ پنهنجي ساراهہ جو شوقين آهي. هن پنهنجو عهدو لوسن جي حوالي ڪيو ۽ ائين ڪري هن نفسياتي طور گٽان يو کان ڄڻ هٿيار ڦٽا ڪرائي ڇڏيا هئا. جنرل گٽان يو جي اتر طرف پيش قدميءَ سندس شهرت جي بک جو مظهر هئي. فوجي ڪمانڊرن لاءِ اها ڳالهہ نهايت ضروري آهي تہ دشمن فوج جي مزاج کان واقف هجن ۽ خاص قسم جي حڪمت عملي اختيار ڪري جنگي سوڀ ماڻين.

لياٿوگزي- شينيانگ واري جنگي مهم

چين جي آزاديءَ واري جنگ دؤران (1945ع کان 1959ع)، اتر - اوڀر

وارا جنگي ميدان پي. ايل. اي لاءِ ڏاڍا ڏکيا هئا، جتي جون جنگي سرگرميون لِن بياؤ جي رهنمائي ۾ هلي رهيون هيون. هن، چانگ- چون تي وجي ڪڙو چاڙهيو ۽ سونگ هوا چيانگ نديءَ کي تي پيرا پار ڪيو هو، پر پوءِ به مهم دؤران هن پهلڪاريءَ يا لچڪ واري اصول تي عمل نه ڪيو. جنرل لن بياؤ وٽ ڪومنتانگ جنرل "وي ليمئانگ" کان گهٽي ۽ بهتر فوج هئي، تنهن هوندي به پيپلز لبريشن آرميءَ جي اڳواڻ مائوزي تونگءِ جو اين لائي مطابق، پي. ايل. اي جي واسطيدار ڪماندرن جي غلطين ۽ ڪوتاهين ڪري انهيءَ علائقي ۾ کين شڪست نصيب ٿي.

گهٽي ڏيان گيان کان پوءِ مائوزي تونگ ۽ "چو اين لائي" جنگ چو تي حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هي اهم نوعيت واري جنگي حڪمت عملي هئي. جنهن مطابق دشمن کي هن اهم ماڳ کي بچائڻ واسطي مجبور ڪيو ويو هو. هن شهر وٽ اتر ۽ اتر- اوپر چين کان ايندڙ رستا اچي پاڻ ۾ ملندا هئا ۽ انساني ڪابي جون سيئي شيون به مذڪور: شهر مان ملنديون هيون. تنهنڪري هيءَ فوجي رسد لاءِ هڪ مکيه ماڳ هو. جيڪڏهن جنگ چو، پي. ايل. اي هٿان فتح ٿي ويو ته اتر- اوپر واري علائقي ۾ ڪومنتانگ جي رسد جي شهه رڳ جهڙڪ ڪتجي ٿي وڃي. ان کان سواءِ دشمن فوج کي اتر ۽ اتر-اوپر چين مان ملندڙ فوجي امداد بند ٿي وڃڻ جو ادڪو هو. پي. ايل. اي جي جنگ چو تي حملي جي صورت ۾ دشمن هڪدم ڊوڙي اچي هن ماڳ جو بچاءُ ڪندو. پر پي. ايل. اي وارن پهلڪاريءَ يا لچڪ واري اصول کان ڪم ورتو هو، ان جي مقابلي ۾ ڪومانتانگ جي اختيار ڪيل جنگي حڪمت عملي ڏاڍي ڪمزور هئي. جيڪڏهن ڪومنتانگ ڏانهن امدادي فوج موڪلي ٿي وئي ته رستي ۾ ان جي قتل ٿي وڃڻ جو خطرو هو. اهڙيءَ ريت پي. ايل. اي جي فوج واسطي لچڪ واريون حالتون پيدا ٿي ويون هيون.

تاريخ، مائوزي تونگ ۽ چو اين لائي جو ڪيل فيصلو صحيح ثابت ڪيو. توقع مطابق جڏهن جنگ چو تي حملو ٿيو ته ڪومنتانگ جي امدادي فوج واقعي اتر چين کان اچڻ لڳي هئي، جنهن کي پي. ايل. اي اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ جنگ چو تائين پهچي ڪانه سگهي. ڪومنتانگ جي مدد ۽ جنگ چو جي بچاءُ لاءِ شين يانگ مان به فوج رواني ڪئي وئي هئي. جنهن کي پي. ايل. اي جي جوانن ڊائوشن واري رستي تي روڪي ورتو ۽

انهن تي اوچتو حملو ڪري ڪين ماري مات ڪيو. ان جي نتيجي ۾ دشمن کي جنگ چو وت پي. ايل. اي اڳيان آڻ مڃڻي پئي. هن جنگي مهم ۾ ڪومنتانگ جا 47000 ماڻهون مارجي ويا ۽ اتر اوپر وارو سمورو علائقو آزاد ٿي ويو هو.

هن مان اهو نتيجو حاصل ڪري سگهجي ٿو تہ جنگي حڪمت عملي واري پهلڪاريءَ، پيدائشي يا خلقي نہ پر ذاهي ڪماندر جي سوچ ۽ ويچار سبب ذهن ۾ تخليق ٿيندي آهي. مهم دؤران جنگي چال ۾ لچڪ جنگي حڪمت عملي تحت پهلڪاريءَ جي آذار تي حاصل ٿيندي آهي. ليائوگزي- شينيانگ (Liaoxi-Shenyang) جي مهم مان هن اصول جي سچائيءَ جي ثابتي ملي وڃي ٿي.

نتيجو

هن جنگي مهم ۾ جن اهم نڪتن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، تن کي ذهن نشين ڪرڻ لازمي آهي:

جنگ ۾ تيز فهمي، شدت ۽ تيز رفتاري اهم نڪتا آهن، جن کي صحيح نموني سان سمجهيو ۽ پروڙيو وڃي. تيز فهميءَ جي معنيٰ ٿيندي جنگي منصوبي تي مهارت سان عمل ڪرڻ؛ شدت، فوج جي بي انتها سگهہ جو مظاهرو آهي. جهڙيءَ ريت هڪ خطرناڪ چيتو هڪ ٻڪريءَ تي شدت سان حملو ڪندو آهي. تيز رفتاريءَ ڦڙتيءَ جو مفهوم اهو آهي تہ جنگ وچ جي وراڪي جيان اوچتو ختم ٿي وڃي. پهلڪاريءَ (Initiative) ۽ لچڪ مان مراد آهي تہ دوکو ۽ حقيقي حملو بہ جدا شيون آهن ۽ دشمن جي چربر بابت منصوبو ناهي، ان تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڪيو وڃي. دشمن جي ان نازڪ هنڌ تي حملو ڪيو، جنهن لاءِ اوهان کي پوري توقع آهي تہ دشمن واچ مينهن جي رفتار سان پهچي، ان جو بچاءُ ڪندو. اهو بہ سوچيو وڃي تہ اهڙي مهم جي شروع ٿيڻ کان اڳ اسان وٽ ڪيترا قابل عمل متبادل ذريعا موجود آهن.

جنگ ۾ پهلڪاريءَ واري خوبي پيدائشي يا خلقي ڪانہ هوندي آهي، پر ان کي حاصل ڪرڻ واسطي جدوجهد جي ضرورت هوندي آهي. اها ڳالهہ ڪماندر جي اهليت تي مدار رکي ٿي. جنگ دؤران پيدا ٿيل نين

حالتن کي کھڙي طريقي سان مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهجي ٿو. پهلڪاريءَ وسيلي خطرناڪ جنگي صورتحال کي آسان بنائي سگهجي ٿو. فوج، غير متحرڪ هجڻ کان پوءِ پهلڪاريءَ حاصل ڪري وٺندي آهي، جنهن جو مثال مانار کان پوءِ چيشوئي نديءَ کي چار پيرا پار ڪرڻ ۽ ”چنگ چو“ واري جنگ جو واقعو وغيره. جيڪي ڪمانڊر پنهنجي فوجي يونٽن جي ترتيب ۾ لچڪ رکندا آهن، تن کي لازمي طور تي پهلڪاريءَ واري سگهہ اچي ويندي آهي.

جنگ لاءِ ڪنهن سچيت ڪمانڊر جي چونڊ ڪئي وڃي، جنهن ۾ تخليقي صلاحيت هجي ۽ دشمن جي عمل خلاف ترت ۽ مثبت رد عمل ڪرڻ جي فطري سگهہ هجي. جنگ ۾ فوجي يونٽن جي ترتيب ڏيڻ لاءِ خاص ضابطا ۽ اصول نہ هوندا آهن. نہ وري فتح لاءِ ڪو مقرر قانون موجود هوندو آهي. اهڙيءَ ريت ڪمانڊر کي پنهنجي رستي لاءِ سدائين نوان نشان هٿا ڻا پوندا آهن.

ڪمانڊر کي پنهنجي ذهني تخليق کي اهميت ڏيڻ کپي، جنهن وسيلي جاڻ ملي ٿي تہ اسٽاف آفيسرن کي سوچڻ لاءِ ڪهڙي تربيت ڏيڻ گهرجي. اهڙن فوجي عملدارن کي نقل ڪرڻ وارا منشي يا اردلي نہ بنائجي. هيءُ هڪ اڪيلو گس آهي، جنهن وسيلي هڪ ڪمانڊر پنهنجي سموري اسٽاف جي سوچ کي ميڙي چونڊي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري سگهي ٿو.

باب ڇهون

جاسوسن جو استعمال

سن زو جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" ۾ جاسوسن جي استعمال وارو باب پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهي. هن باب ۾ جنگ دوران جاسوسن جي استعمال جي اهميت تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. جاسوسن جي استعمال جو مقصد دشمن کان خبردار رهڻ. اهو اصول سن زوءَ جي هن تصور جي پٺڀرائي ڪري ٿو ته، "دشمن کي چڱيءَ ريت تڪيو توريو، پنهنجي وت ۽ سگهه کي جاچيو پرکيو، ان طريقي سان اوهان ناقابل شڪست بڻجي ويندا. اسان کي هتي ڏسڻو آهي ته سن زوءَ هن موضوع تي ڪهڙي نموني سان بحث ڪيو آهي.

جاسوسن جي استعمال واري باب ۾ سن زوءَ چوي ٿو ته، "هڪ ڏاهو حڪمران ۽ سچيت فوجي جنرل دشمن تي حملو ڪري سوڀ ماڻيندا آهن ۽ سندن ڪاميابيون عام ماڻهن جي ڪاميابين کان وڌيڪ اعليٰ ۽ افضل هونديون آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته منجهن صحيح اڳڪٿي ڪرڻ جي ڏات هوندي آهي. اهڙي اڳڪٿيءَ جي سگهه روحن ۽ ديوتائن کان حاصل نه ٿي ڪري سگهجي. ۽ نه وري علم نجوم ذريعي حاصل ٿي سگهن ٿيون. اهڙيون ڳالهيون فقط انهن ماڻهن وٽان معلوم ڪري اڳڪٿيون ڪري سگهجن ٿيون، جن کي دشمنن جي ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين پوري ڄاڻ آهي.

قديم زماني ۾ "شئنگ" گهراڻي جو ڪمال تي پهچڻ، "يي يي" (Yi Zhi) ڪري هو. جنهن پنهنجي ساري ڄمار ايڪسيا (Xia) جي نوڪريءَ ۾ گذاري ڇڏي. "چو" (Zhou) گهراڻي جو ڪمال "لويا" (Luya) جي جاکوڙ جو نتيجو هو. جيڪو "ين" (Yin) حڪمران جو فوجي جنرل هو. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته ڏاها حڪمران ۽ سچيت فوجي جنرل جن

کي دانشمند ماڻهن کي جاسوس رکڻ جي ڏات هوندي آهي، سي ضرور وڏيون ڪاميابيون ماڻي سگهندا آهن.

جاسوسن جا پنج قسم هوندا آهن: (1) ڏيهي جاسوس، (2) اندروني جاسوس، (3) ٻٽي ڪردار وارا جاسوس، (4) افواهه پکيڙيندڙ جاسوس ۽ (5) بچي آيل جاسوس. جڏهن پنجن ئي قسمن جا جاسوس لڪ چوريءَ پنهنجي پنهنجي منصبي فرض جي ادائگيءَ ۾ ايمانداريءَ سان رُڌل هوندا آهن ته ان کي سليقي سان هلندڙ فطري رابطو سڏيو ويندو آهي، جيڪو هڪ حڪمران لاءِ اڻ لُٽ خزاني جي حيثيت رکي ٿو.

"هڪ حڪمران کي پنجن قسمن جي جاسوسن جي مڪمل ڪارڪردگيءَ بابت پليءَ پت ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. هن جي دوستن جي ساري ماحول جي ڄاڻ جو مکيه دارومدار، "ٻٽي ڪردار" واري جاسوس تي هوندو آهي. تنهنڪري انهن سان سهڻو ورتاءُ لازمي تصور ڪيو ويندو آهي. فوج اندر ڪمانڊر جي وڏ ۾ وڏ ويجهو جاسوس جي ڪارڪردگيءَ کي ڳجهو رکيو ويندو آهي.

سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" جي خاص خوبي اها به آهي ته هن جنگي حڪمت عملي ۽ جنگي چال واريون حقيقتون پنهنجي عملي جنگي تجربن کي نظر ۾ رکي ۽ دشمن جي جنگي ماحولِ جي ڄاڻ جي بنياد تي لکيون آهن. هنَ لاءِ جاسوسي اطلاع حاصل ڪرڻ جو تصور يا دشمن جي جنگي ماحول کان باخبر ماڻهن کي بي انتها اهميت ڏيڻ نهايت ضروري هوندو هو. هي دشمن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا وسيلا ڪم آڻيندو هو. هو ان ڳالهه جو به قائل نه هو ته ڪو دشمن بابت اطلاع روحن يا ديوتائن کان معلوم ڪري سگهجن ٿا. ڪيس هن ڳالهه کان به چِڙ هوندي هئي ته ماضيءَ جي هڪ جهڙن واقعن يا علم نجوم وسيلي ناهيل جنگي حڪمت عملين مان به چڱي ۽ صحيح ڄاڻ ملي سگهي ٿي.

سن زو ٻڌائي ٿو ته، "ڏيهي جاسوس اُهي آهن، جن جو دشمن ملڪ سان تعلق هوندو آهي ۽ انهن کي معاوضو ڏئي اسان رکندا آهيون. اندروني جاسوس دشمن فوج جا عملدار هوندا آهن، جيڪي اسان لاءِ ڪم ڪندا آهن. ٻٽي ڪردار وارا جاسوس دشمن طرفان مقرر ڪيل جاسوس هوندا آهن، جن کي لالچ ڏئي اسان استعمال ڪندا آهيون. افواهن پکيڙڻ وارا

جاسوس اسان جا مقرر ٿيل پنهنجا ماڻهو هوندا آهن، جن کي ڪوڙا اطلاع مهيا ڪيا ويندا آهن، جن کي هو دشمن فوج ۾ پکيڙيندا آهن. بچي ويل جاسوس اهي هوندا آهن، جيڪي دشمن وٽان خير سان موٽي اچي اسان کي ضروري اطلاع پهچائيندا آهن. جڏهن سڀني قسمن جا جاسوس گڏجي ڪم ڪندا آهن ته دشمن کي ساهه پٽڻ جي ويساند ئي ڪانه ملندي آهي."

گهربل معلومات گڏ ڪرڻ جي باري ۾ سن زوءَ جو نقطئه نظر هي آهي ته، "جيڪڏهن اوهان فوج تي حملو ڪرڻ ٿا چاهيو، ڪنهن شهر تي هلان جي خواهش ٿا ڪريو، يا ڪن ماڻهن کي قتل ڪرائڻ ٿا گهرو ته، ان حالت ۾ قلعي اندر رهندڙ فوج جي عملدارن، ڦاٽڪ جي پهريدارن، فوجي عملدارن جي ذاتي محافظن جا نالا معلوم ڪريو. اسان جي جاسوسن تي فرض آهي ته اهڙي معلومات جي پڪ ڪن." پر هن کان اها ڳالهه وسري وڃي ٿي ته دشمن جي رهائش واري هنڌ جي معلومات، آدمشماري، فوج جي کاڄي لاءِ ضروري شين کي سانڍي رکڻ واريون جايون، جاسوسيءَ جي دائري ۾ اچي وڃن ٿيون.

جاسوسيءَ جي تاريخ

جن ماڻهن کي چين ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي جنگين جي تاريخ بابت معلومات هوندي، سي هن حقيقت کان پوريءَ ريت باخبر هوندا ته جنگ وڙهڻ لاءِ جاسوس نهايت اهم آهن. هن ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش نه آهي. قديم دور ۾ جاسوسيءَ جا طريقا به پراڻا هئا، جيڪي هاڻي نهايت پيچيدي صورت اختيار ڪري ويا آهن. موجوده دور، ٽيڪنالاجيءَ جو هڪ سڌريل ۽ ترقي يافته دؤر آهي، تنهنڪري اسان جاسوسي لاءِ به جديد طريقا ڪم آڻي رهيا آهيون، جنهن ۾ سيٽيلائيٽ جو طريقو به ڪم آندو پيو وڃي. ان کان پوءِ به ملڪن جي خفيه معلومات گڏ ڪرڻ واسطي اڃا به جاسوسيءَ کي اهم مقام حاصل آهي. اهو به معلوم ٿئي ٿو ته جاسوسيءَ جي بنيادي شڪل سن زوءَ واري قديم دؤر کان مختلف نه آهي، جيڪو اڄ کان به هزار سال ۽ ڪجهه عرصو وڌيڪ ٿي گذريو آهي. هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا، جن ۾ قديم ۽ موجوده دور جي ڏيهي جاسوسن جو احوال ڏنو ويو آهي.

چو ۽ هن (Chu and Han) ۾ لڳل جنگ

"چو" ۽ "هن" وچ ۾ هلندڙ جنگ دوران، چو جي فوج ۾ "فن زين" نالي هڪ اهم عملدار هوندو هو. جيڪو هر مسئلي کي نرميءَ سان منهن ڏيڻ ڪري ڏاڍو مشهور هو. ان ڪري "چو" جو حڪمران "چيانگ يو" (Chiang yu) سندس ڏاڍي عزت ڪندو هو. بادشاهه جي دربار سان لاڳاپيل صلاحڪار زنگ ليانگ (Zhang Liang) ۽ چين لنگ کانئس ڏاڍو ڊڄندا هئا، ڇاڪاڻ تہ هو جنگي منصوبي بنديءَ جو مها ڄاڻو هو.

چين پنگ کي پتو هو تہ چيانگ يو شڪي ذهن جو ماڻهو آهي، تنهنڪري هن ٻنهي ڌرين ۾ هلندڙ جنگ دوران هڪ شاندار منصوبو جوڙيو. هن قاصد ذريعي فن زين ڏانهن ڪي سوکڙيون ۽ سندس پائڻي فن شي طرفان هڪ جڙتو خط موڪليو. ان جعلي خط ۾ فن شي پنهنجي چاچي "فن زين" ڏانهن لکيو هو تہ، هو "هن" حڪمران يونگ وٽ صلاحڪار طور ڪم ڪري رهيو آهي. هن ڏانهن اهو بہ لکيو هئائين تہ ليو بونگ هڪ سخي ۽ ڪليل ذهن وارو ماڻهو آهي، تنهنڪري هو سندس نوڪريءَ ۾ ڏاڍو خوش آهي. قاصد ڄاڻي ٻجهي ان وقت "چو" جي فوجي ڪئمپ ۾ ويو. جڏهن فن زين موجود نہ هو. تنهن ڪري هن جعلي خط ۽ سوکڙيون وچي فوجي ڪئمپ جي سنتريءَ کي ڏنيون، جنهن اُهي شيون ضروري سمجهي سڌو وچي بادشاهہ "چيانگ يو" کي ڏنيون. بادشاهہ اهو خط پڙهي شڪ ۾ پئجي ويو. فن زين موٽي آيو تہ بادشاهہ چيانگ يو کانئس پڇيو تہ، "ڇا فن شي تنهنجو پائٽيو آهي." تنهن تي هن هائوڪار ڪئي. ۽ کيس وڌيڪ ٻڌايو تہ سندس اهو پائٽيو فن شين تہ باروتڻ ۾ مري ويو آهي. اها ڳالهہ ٻڌي چيانگ يو کي رهندو بہ وڌيڪ شڪ ٿيو تہ فن زين، ليو بونگ سان مليل ويو آهي.

ٻئي سال ليو بونگ ۽ چيانگ يو جي نمائندن ٻنهي ڌرين جي ناهہ جون ڳالهيون ڪيون. جڏهن چيانگ يو جو نمائندو "هن" ۾ پهتو تہ چين پنگ کيس ديونگ ڪري چيو تہ هن کي "فن زين" بابت خبر پئي آهي تہ هو ٻنهي جي ڳالهين ۽ ناهہ ڪرڻ ۾ راضي ڪونهي ۽ هن چيانگ يوجي نمائندي کي اهو بہ ٻڌايو تہ شايد ليوبونگ، "فن زين" جي عزت خاطر

دعوت جو اهتمام ڪيو هو. جيڪو سنڌس نہ اچڻ ڪري هن ختم ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن چيانگ يو کي اهڙي واقعي جو پتو پيو تہ هن جو فن زين ۾ شڪ رهندو بہ وڌي ويو. ان ڪان پوءِ هي فن زين جي ڪابہ صلاح نہ ٻڌندو هو ۽ هنن ٻنهي جي وچ ۾ تعلقات جيئن پوءِ تيئن خراب ٿيندا ويا. ان ڪان پوءِ فن زين کي استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو، جيڪو پنهنجي شهر ڏانهن ايندي رستي ۾ گذاري ويو. آخري وقت تائين ڪيس اها خبر نہ هئي تہ بادشاهہ چيانگ مٿس ڇا جي ڪري ڏمريو آهي. اهڙي طرح بادشاهہ چيانگ يو ۽ فن زين کي ويڙهائي هڪ ٻئي کان ڌار ڪرڻ وارو منصوبو ڪامياب ٿيو.

ٽن بادشاهين واري زماني ۾ "وو" جي بادشاهہ "چائو يو" بہ ساڳيو منصوبو جوڙيو هو. جنهن جي نتيجي ۾ بادشاهہ "چائو چائو" پنهنجي ٻن اميرالبحرن يانگ ۾ چئنگ چائي مائو ۽ کي قتل ڪري ڇڏيو. هنن ٻنهي ماڻهن جي قتل تي وڃڻ کان پوءِ "چائو چائو" چيبي واري جنگ ۾ شڪست کاڌي هئي.

هٽلر طرفان روسي جاسوس جو ڪوڙو افواهہ ڦهلائڻ

ٻيءَ جنگ عظيم دؤران هٽلر جي جاسوسي عملدارن هڪ ڪوڙو اطلاع ڏئي روسي جنرل توهاچيوسڪي خلاف غداريءَ جي ڪيس ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سوويت روس جي ريڊ آرميءَ جي جرمن جاسوس هڪ ڪوڙو اطلاع موڪليو هو. ڪوڙي اطلاع ڏيندڙ جي ذريعي هن تي اهو الزام مڙهيو ويو تہ هو جرمنيءَ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ طاقت جي ذريعي اسٽالن جي اڳواڻيءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جرمنيءَ ۾ موجود روسي جاسوس اهو خفيہ اطلاع لکين روبيل ڏئي خريد ڪيو هو. ان اطلاع مطابق سپريم ڪمانڊر کي روس جو غدار سمجهيو ويو. نتيجي طور نہ رڳو جنرل توهان چيوسڪي کي گولي هڻي ماريو ويو، پر ٻين بہ ڪيترن ئي جنرلن کي ڏوهي قرار ڏنو ويو هو. اها ئي ڳالهہ هئي، جو جنگ جي شروعاتي دؤر ۾ روس، جرمنيءَ هٿان شڪست کاڌي هئي.

نتيجو

ڏيهي ۽ ٻٽي ڪردار وارا جاسوس دشمن خلاف ڪم آڻڻ جي نقطہ نگاهہ کان ڏاڍا اهم هوندا آهن. جيڪڏهن انهن کي صحيح معنيٰ ۾ استعمال

ڪبو تہ دشمن فوج ۾ ايڪو ختم ٿي ويندو ۽ اها انتشار جو شڪار ٿي ويندي. جيڪڏهن دشمن جي صفن ۾ اندروني انتشار وڌندو تہ هو پاڻ ئي بي هٿيار ٿيندو ويندو.

جاسوسيءَ جي استعمال کي نهايت ڳجهو رکيو وڃي. جاسوسن کي سدائين هوشيار ۽ هر ڏکئي مسئلي کي مڙس ٿي منهن ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن اهي ائين نہ ڪندا تہ دشمن ڊر ٻٽي ڪردار وارن جاسوسن وسيلي کين ننگي ونندي.

جاسوسن کي کليءَ دل سان انعام اڪرام ڏيڻ کپن ۽ سندن ڪم کي داد ڏيڻ ۾ ڪنجوسپائيءَ کان ڪم ونڻ نہ کپي. جاسوسن کي استعمال ڪرڻ مهل بهادريءَ کان ڪم ونجي. سندن ڪم جي دائري ۽ ڪارڪردگيءَ کي محدود نہ رکجي. جاسوس لاءِ هيءَ ڳالهہ نهايت ضروري آهي تہ جنهن ڪم لاءِ کيس مقرر ڪيو ويو هجي، ان کي پوري ڪرڻ لاءِ کيس ويهنَ ئي ننهن جو زور لائڻ کپي.

باب ستون

جاگرافي

سن زوءَ جي ڪتاب ”ويڙهہ جو فن“ ۾ موجود چار باب: جهڙوڪ، مختلف نوَ ڳالهيون (Nine Variables)، پيش قدميون (Marches)، فوجي مقصدن لاءِ موزون جاءِ جي چونڊ (Terrain) ۽ جنگي ميدان جون نوَ خاصيتون (Nine Varieties of Ground) ، جاگرافيائي ۽ فوجي معاملن وچ ۾ ويجهن لاڳاپن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. ان کان سواءِ ٻين بابن ۾ پڻ جاگرافيءَ سان لاڳاپيل ڪافي ذڪر موجود آهي.

فوجي مقصدن لاءِ موزون هنڌ

”فوجي مقصدن لاءِ موزون هنڌ“ واري باب مان ڄاڻ ملي ٿي تہ، جنگ لاءِ گهربل ۽ مناسب ميدان جنگي ڪارڪردگيءَ ۾ تمام گهڻي مدد ڪندو آهي، تنهن ڪري دشمن فوج جي جنگي ڪارروائيءَ جو اندازو ڪرڻ ۽ فاتح فوج مٿان ضابطي رکڻ جي مقصد سان فوجي مقصدن لاءِ موزون جاءِ جي فاصلي جو ڪاٿو ڪرڻ ۽ مشڪلاتن جي نوعيت تي سوچڻ ويچارڻ، هڪ مدبر فوجي جنرل جو ڪم هوندو آهي. جيڪڏهن ڪوبہ جنرل فوجي مقصدن واسطي چونڊيل علائقي جي خوبين ۽ خامين کان واقف هوندو ۽ اهڙين حقيقتن کي نظر ۾ رکي دشمن سان مقابلو ڪندو تہ ضرور سوڀارو ٿيندو، پر جيڪو جنرل ائين نہ ڪندو تہ ضرور هارائيندو.“

هن حقيقت کي ظاهر ڪرڻ پڻ لازمي آهي تہ سن زوءَ جو ”فوجي مقصدن لاءِ موزون هنڌ“ بابت استعمال ڪيل لفظ (Terrain) موجوده دؤر جي مفهوم کان ڪجهہ مختلف آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ هن لفظ مان سندس مطلب مقامي جاگرافي (Topography) ۽ ملٽري جاگرافي آهي.

سن زوءَ جو هي بہ خيال آهي تہ فوجي مقصدن لاءِ ڪم ايندڙ ميدان کي جنگي صورتحال مطابق هئڻ کپي. هو دعوي سان چوي ٿو تہ تجربيڪار ڪمانڊر کي فوجي مقصدن لاءِ ڪم ايندڙ علائقي جي ڏکيائين ۽ فاصلي

جي چاڻ رکڻ لازمي آهي. حقيقتن سنڌس هن دعوئ کي سچو ثابت ڪيو آهي. چين ۽ ٻين ملڪن ۾ هن حقيقت سان لاڳاپو رکندڙ مثال تمام گهڻا ملندا، جن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته فوجي مقصدن لاءِ ڪم ايندڙ علائقي کان اڻڄاڻائيءَ ڪري فوج کي شڪست آئي.

مثال طور 645 قبل مسيح ۾ ڪن (Qin) ۽ جن (Jin) بادشاهتن وچ ۾ "هن يئان" وٽ جنگ لڳي هئي. موجوده دؤر ۾ هن علائقي کي شنگزي صوبو سڏيو ويندو آهي. جنگ هلندي "جن" پاسي جا رٿ وچي گچڻ (گپ) ۾ ڦاٿا. چو ته "جن" فوج جا ڪمانڊر فوجي مقصدن لاءِ ڪم ايندڙ ان/علائقي جي خاصيتن کان بي خبر هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو نه رڳو "جن" جي فوج هار کاڌي، پر ڪمانڊر جنهئي گانگ به جهلجي پيو.

589 قبل مسيح ۾ "جن" حڪمرانن جي فوجن "ڪي" جي فوجن کي شڪست ڏني ۽ بادشاهت تي قبضو ڪري ورتو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته پوئتي هٽڻ مهل "ڪي" جي فوج جا رٿ وچي گهاٽن وڻن جي ڳاهٽ (Clump) ۾ ڦاٿا. فوج کي شڪست آئي ۽ ملڪ جي حڪمرانن کي جنگي باندي بنايو ويو.

سن زوءَ هن قسم جا ڪيترائي مثال ڏنا آهن، جن ۾ هن جنگ تي جاگرافيءَ جي اثر جو ذڪر ڪيو آهي. "فوجي مقصدن لاءِ ڪم ايندڙ هنڌ" واري باب ۾ سن زوءَ ان ميدان/علائقي جون ڌار ڌار ڇهه خاصيتون: جهڙوڪ، "سولي" (Accessible)، "مشڪل" (Entangling)، "ڏکيو سکيو ڪم ڪڍڻ لائق" (Temporizing)، "سوڙهن گهٽن وارو" (Narrow Pass-es)، "ايڪيرو" (Precipitious) ۽ "وسيع علائقي ۾ پکڙيل" (Distant) بيان ڪيون آهن. جنگ جي ميدان ۾ اهڙي قسم جي خطن جو هجڻ فطري ڳالهه هوندي آهي، جيڪي مقامي جاگرافيءَ جي دائري ۾ اچي وڃن ٿيون.

هن "جنگي علائقي جي نون خاصيتن" واري باب ۾ مذڪوره علائقي کي مختلف درجن: جهڙوڪ، پنهنجي ملڪ جي وسيع علائقي ۾ "پکڙيل ميدان" (Dispersive)، "سرحد ويجهو" (Frontiers)، "سولو ۽ مکيه" (Key)، "سهنجو ۽ کليل" (Open) "ٽن طرفن کان جدا ملڪن جي سوحدن ڪري مرڪزي حيثيت وارو" (Focal)، "محنت طلب" (Serious)، "ڏکيو" (Difficult)، "وڪوڙيل" (Encircled) ۽ "خطرناڪ" (Desperate) ۾

ورهايو آهي. اهڙيون ڳالهيون جاگرافيائي صورتحال سان لاڳاپيل آهن. هنن ۾ ملڪي سرحدن کان پري خاص حڪمت عمليءَ سان لاڳاپيل ڪي اهم ماڳ به هوندا آهن، جن جو تعلق ملٽري جاگرافيءَ سان هوندو آهي.

هنن ڌار ڌار قسمن تي سن زوءَ پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان بحث ڪيو آهي ۽ اهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڏس به ڏنو اٿس. هن دشمن سان گپ يا ڏبڻ ۽ ڏکيل زمين تان گذرڻ مهل جنگ ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. هو بڌائي ٿو ته پاڻ کي گپ يا ڏبڻ واري علائقي مان تيز رفتاريءَ سان نڪري وڃڻ کپي. اهڙن علائقن کي ٿڌائيءَ سان پار ڪرڻ نه گهرجي. پيش قدميءَ ڪرڻ مهل فوج سوڙهن گهٽن يا لڪن ۽ پاڻيءَ جي تلائن مان لنگهندي آهي. اهڙا تلاءُ پاڻيءَ جي وڏي گاهه سان ڍڪيل هوندا آهن. سڪل تلاءُ گهاٽن ٻوٽن ۽ وڻن سان ڇانيل هوندا آهن، اتان گذرڻ مهل سوچي ويچاري هلڻ کپي. ڇاڪاڻ ته اتي اوچتي حملي لاءِ دشمن فوج تاڙ ۾ ويٺل هوندي آهي يا جاسوس لڪل هوندا آهن.

موجوده دؤر جي جنگين ۾ ٻڻ ساڳيا اصول ڪم آندا ويندا آهن. پهرين عظيم جنگ دوران جنرل شامنوسوف جي مهنداريءَ ۾ وڙهندڙ هڪ لک فوج جرمنيءَ جي لشڪر کي ڏبڻ ۾ ڦاسائي ماري ختم ڪري ڇڏي هئي. موجوده دور جي تاريخ ۾ ڪيترا مثال ملندا، جن موجب فوج کي سوڙهن گهٽن ۽ ڍڪيل علائقن مان گذارڻ مهل روڪي ماري ناس ڪيو ويو آهي.

مرڪزي جنگي ميدان

موجوده بين الاقوامي صورتحال جي نقطئه نظر کان مرڪزي جنگي ميدان کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. هن ڏس ۾ آمريڪا جي گڏيل رياستن ۽ سوويت يونين پنهنجي خاص فوجي ترتيب رکڻ لاءِ مخصوص جنگي حڪمت عمليءَ کي ڪم آندو آهي، جنهن کان هرڪو ماڻهو واقف آهي. ان کي ٻڻ هتي بحث هيٺ آندو ويو آهي.

سن زوءَ مرڪزي ميدان جي هيءَ وصف بيان ڪئي آهي ته، "جتي ٽن ملڪن جون سرحدون اچي ملن ته اهو مرڪزي ميدان آهي. جنهن ڪمانڊر هن ميدان تي پهريائين قبضو ڪري ورتو، سو چوڌاري موجود ملڪن کان سولائيءَ سان امداد حاصل ڪري وٺندو... جيڪڏهن اوهان مرڪزي

ميدان تي قبضو ڪري ونو ته چوڌاري موجود ملڪن سان اتحاد جوڙي ونو... ۽ آءٌ اهڙي اتحاد کي وڌيڪ مضبوط ۽ سگهارو ڪندس."

مرڪزي ميدان عام طور، پنهنجي ملڪي سرحدن کان ٻاهر هوندو آهي. پر جنگي حڪمت عمليءَ جي نقطئه نگاهه کان تمام اهم هنڌ هوندو آهي. جيڪڏهن ڪابه ڌر ان تي پهريائين قبضو ڪري وٺندي آهي ته ان جي فوجي حيثيت اهم ٿي ويندي آهي. هن مان ظاهر آهي ته مرڪزي ميدان پنهنجي ملڪي حدن کان ٻاهر هوندو آهي، تنهن ڪري اهو ملڪ کان گهڻو پري هوندو آهي. پنهنجي فوج گڏ ڪري اهڙي مرڪزي ميدان تي قبضو ڪرڻ اڪ جي ماڪيءَ جهڙي سوني ڳالهه نه هوندي آهي. هن مان سن زوءَ جو مطلب آهي ته مرڪزي ميدان ويجهو موجوده ملڪن سان اتحاد جوڙي مذڪوره ميدان تي قبضو ڪري سگهجي ٿو. اها ڳالهه مناسب ۽ ممڪن به آهي.

سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" تي ٻارهن عالمن تبصرو ڪيو آهي، جن مان انن جو "مرڪزي ميدان" بابت نقطئه نظر ساڳيو آهي. سيئي عالم هن ڳالهه تي متفق آهن ته جنگي حڪمت عمليءَ جي نقطئه نظر کان اهو علائقو نهايت اهم هوندو آهي، جنهن ۾ چوڌهن رستا پکڙيل هجن، تنهن ڪري اهو ضروري سمجهيو ويندو آهي ته اهڙي اهم علائقي تي پهرياڻين قبضو ڪجي. اهڙي علائقي کي حاصل ڪرڻ لاءِ طاقت جو استعمال نه ڪيو ويندو آهي، پر سفارتڪاريءَ کان ڪم ورتو ويندو آهي.

هيٺ مسٽر "هي" (He) طرفان ڪيل تبصرو پيش ڪجي ٿو، جيڪو ٻين جي اظهار خيال جي پڻ نمائندگي ڪري ٿو.

"مرڪزي ميدان سڀني ڌرين جي ملڻ لاءِ هڪ اهم علائقو آهي، جيڪو هر طرف پکڙيل هوندو آهي. جيڪڏهن اوهان ان تي پهرياڻين قبضو ڪندؤ ته سڀ ڌريون اوهان جون ڳيجهو ٿينديون. ان جي مائٽ مان اوهان کي تحفظ ملندو. ان جو هٿن مان نڪري وڃڻ ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿيندو آهي."

"هڪ ڀيري وو (Wu) جي حڪمران سن زوءَ کي چيو هو ته، "جيڪڏهن اهڙو مرڪزي ميدان اسان کان ايترو پري هجي، جو گهوڙا ۽ رٿ تيز رفتاريءَ سان پڄائي پهرياڻين پهچي نه سگهون ته اهڙين حالتن ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

”سن زوءَ کيس وراڻيو: ”جيڪڏهن مرڪزي ميدان اسان ۽ دشمن کان هڪ جيترو پري آهي تہ پوءِ طاقت بدران پئسي ڏوڪڙ کي ڪتب آڻجي. جيڪڏهن اوهان ممڪن اتحادين کي قيمتي شيون ۽ ناڻو ڏيندؤ ۽ واعدا وغيره ڪندؤ تہ پوءِ اوهان جي فوج اتي پهريائين نہ بہ پهچندي، تہ بہ اوهان سيني کان اڳ اتي پهچي ويندؤ. ان حالت ۾ مدد دشمن جي نہ، پر اوهان جي ڪئي ويندي.“

سندس تبصري جو مفهوم نهايت چٽو آهي. سندس مکيہ نڪتو اهو آهي تہ، مرڪزي علائقي واري ملڪ سان سفارتڪاريءَ ۽ دولت وسيلي ناتا رشتا جوڙجن.

آمريڪا ۽ سوويت يونين وچ ۾ موجود رقابت

سن زوءَ جو هي اصول عملي طور گهٽ اهم آهي، جنهن کي آمريڪا ۽ روس جي وچ ۾ موجود رقابت جو مثال ڏئي چڱيءَ ريت سمجهائي سگهجي ٿو. ڪارل وون ڪلازوز (Karl Van Clause Witz) مقامي جاگرافيءَ کي پڻ اهم تصور ڪندو هو. هڪ پيري هن چيو هو تہ فوجي هيڊڪوارٽر جي جنرل اسٽاف کي مقامي جاگرافيءَ جي ڄاڻ هجڻ نهايت لازمي آهي. جنگي تاريخ ۾ پڻ فوجي مقصدن لاءِ ڪم ايندڙ علائقي جي اهميت کي قلمبند ڪيو ويو آهي. تنهنڪري موجوده دؤر جي سڀني ملڪن جي هيڊڪوارٽرس جي جنرل اسٽاف جاگرافيءَ جي اڀياس لاءِ هڪ خاص کاتو کوليو آهي.

مرڪزي ميدان بابت سن زوءَ جي ڏنل وصف ۽ ان تي ڪيل تبصري مطابق جنگي حڪمت عمليءَ سان تعلق رکندڙ اهڙا خاص علائقا بلڪل ٿورا آهن، جن کي مرڪزي ميدان سڏي سگهجي ٿو. انهن مان جبرالٽر وارو لڪ ، سوئيز ڪئنال، باسفورس وارو لڪ ، يونج سمنڊ وارا ٽي رستا، نيٽو جو ڏاکڻيون طرف، انڊونيشيا ۽ مليشيا جي وچ وارو ملاڪا لڪ ، سينٽرل آمريڪا وارو پناما ڪئنال، ايراني نار ۽ اولهہ ۽ اوڀر وارو ميڪسيڪو نار ان جا مثال آهن. هن حقيقت کان بہ هرڪو ماڻهو واقف آهي تہ دنيا جون وڏيون طاقتون اهڙن اهم مرڪزي ميدانن کي هٿ رکڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيون آهن، پر اجا تائين ڪين اهڙي سوڀ حاصل نہ ٿي آهي. سندن اهڙي جاکوڙ جاري آهي. جبرالٽر وارو لڪ برطانيا جي قبضي ۾ آهي. هن سوئيز

ڪئنال جي استعمال لاءِ مصر کي بلين ڊالرن جي فوجي ۽ اقتصادي امداد ڏني آهي. ساڳيءَ ريت هن ملڪ باسفورس واري لنگهہ کي استعمال ڪرڻ لاءِ ترڪيءَ ۽ اتان جي اڳواڻن کي امداد طور بلين ڊالر ڏنا آهن. بين الاقوامي ناهہ جي نقطئہ نگاهہ کان هوائي جهاز بردار اي. ايس. ڪيو کي ڪوشش باوجود بہ باسفورس مان لنگهي يونوچ سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل نہ ڏني وئي آهي. وڏين طاقتن طرفان اهڙن اهم مرڪزي علائقن کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيل جاکوڙ ۾ سن زوءَ جو اصول ۽ نظريو نظر اچي رهيو آهي، جنهن جو چوڻ هو تہ، "اهڙن ملڪن کي امداد ڏيڻ ضروري سمجهيو وڃي ۽ انهن ڏانهن سفارتون بہ موڪليون وڃن..."

آمريڪا ۽ روس، افغانستان ۽ ايراني نار جي پرپاسي وارن ملڪن تي قبضي ڪرڻ لاءِ برسر پيڪار آهن. ميڪسيڪو جي اوير واري لنگهہ ۽ مرڪزي ميدان، "ڪيوبا" جي حڪمت عمليءَ، اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا بابت وڏين طاقت جي حڪمت عملين کي يڪسر تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

ڏکڻ بحر اوقيانوس ۾ ٽونگا نالي هڪ ننڍڙو ملڪ آهي، جيڪو ٽن اتحادي ملڪن: جهڙوڪ آمريڪا، آسٽريليا ۽ نيوزي لئنڊ لاءِ فوجي حڪمت عمليءَ جي نقطئہ نگاهہ کان وڏي اهميت رکي ٿو. ڪجهہ عرصو اڳ سوويت يونين هن ملڪ ڏانهن تمام گهڻو ڌيان ڏنو آهي ۽ اقتصادي امداد ڏيڻ کان سواءِ ڪيترا سفارتڪار پڻ موڪليا هئا. انهيءَ لاءِ تہ جيئن ڏکڻ بحر اوقيانوس ۾ پير کپائڻ جو وجهہ ملي وڃي. پر سندس اهڙيءَ نيت کي محسوس ڪري، اتي ڪيس پير رکڻ جي موڪل نہ ڏني وئي هئي.

خلا واري دؤر ۾ جاگرافيءَ جي اهميت

هيءَ دنيا خلا واري دور ۾ پهچي چڪي آهي. فوجي مقصدن حاصل ڪرڻ واسطي فضا ۾ ڪيترائي سيٽلائيٽ ڇڏيا ويا آهن، جن ۾ قابلِ ذڪر اسپيس شٽل آهن. اهڙين حقيقتن مان واضح ٿئي ٿو تہ مستقبل جون جنگيون خلا ۾ وڙهيون وينديون. ان کان پوءِ بہ ڌرتيءَ جي اهميت کان لنوائي نہ ٿو سگهجي. سيٽلائيٽ ۽ اسپيس شٽل بہ ڌرتيءَ کان ڇڏيا وڃن ٿا، جتي حڪمت عملين جا اهم ماڳ ۽ اقتصادي بنياد موجود آهن. تنهنڪري جاگرافي پنهنجي ۽ دشمن جي وقتي محل وقوع جي ڄاڻ اهم

نڪتن مان هڪ آهي، جنهن تي منصوبابنديءَ ۾ ڪن فيصلن ڪرڻ کان اڳ سوچڻ ويچارڻ کپي. هن ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي ڳالهه نه آهي. دنيا جا سڀئي فوجي ادارا جاگرافيءَ جي تعليم تي زور ڏيندا آهن. اسان جڏهن سن زوءَ جي ڪتاب ”ويڙهه جو فن“ جو اڀياس ڪنداسون ته معلوم ٿيندو ته جاگرافيءَ جهڙي اهم موضوع کي نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي.

نتيجو

جنگي حڪمت عمليءَ جي اهميت سان لاڳاپيل جايون، آبناءِ (Straits)، خليج (Gulf) ، واهه ۽ هوائي اڏا وغيره هوندا آهن، جنان گائيڊيڊ ميزائيل ڇڏيا ويندا آهن، جن کي گهيرو ڪرڻ ۽ ضابطي هيٺ آڻڻ لازمي سمجهيو ويندو آهي. هنن جڳهن تي دشمن کان پهرين پنهنجو قبضو ضروري هوندو آهي. جنهن جا به طريقا هوندا آهن. هڪ ته، جنهن ملڪ ۾ اهڙا اهم ماڳ واقع هوندا آهن، ان کي پنهنجو اتحادي بنائڻ لاءِ سفارتي ڪوششون ڪيون وينديون آهن. ٻيو ته دوستاڻي عهدنامي وسيلي اهڙا ماڳ مسواڙ يا ليز تي ورتا ويندا آهن، ته جيئن انهن کي دشمن ڌر ڪم آڻي نه سگهي.

ڪي اهڙا اهم ماڳ به هوندا آهن، جن کي فوجي مقصدن جي استعمال لاءِ وڙهي به وٺبو آهي. اهڙن ماڳن ۾ مواصلات جا مرڪز، فوجي، اقتصادي ۽ سياسي اهميت واريون جڳهون اچي وڃن ٿيون. ڪي اهڙيون جايون به آهن، جن تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ سموري جنگي صورتحال تي غلبو حاصل ٿي ويندو آهي ۽ فوجي يونٽ پنهنجي مرضيءَ موجب موڪلي سگهبا آهن. انهيءَ جڳهه تي حملو به سولائيءَ سان ڪري سگهبو آهي ۽ پنهنجي هٿ ۾ به آساني هوندي آهي، ڪاٺ خوراڪ محفوظ ڪري رکي سگهبو آهي ۽ اهم جنگي تبديليون به سولائيءَ سان ٿي سگهبيون آهن.

جنگي چال ۽ فوجي تدبيرن لاءِ اهم جايون هي آهن: جنگي ميدان ويجهو متاهان پٽ، مواصلات جا هم مرڪز، ڪليل هموار زمين تي مضبوط ۽ سگهاريون اڏاوتون، درياهي پنڌ ۽ دشمن جي حد ۾ قائم ڪيل دفاعي مورچا وغيره.

ٻاڳو ڀيو

باب اٺون

سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" جو تاريخي پس منظر

مائوزي تونگ پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي تہ، "صحيح خيال ڪٿان ايندا آهن؟ ڇا اهي آسمان مان لهندا آهن؟ ڇا اهي خلقي يا ذاتي هوندا آهن؟ نہ، اهڙا خيال فقط سماجي عمل جي ورجاءَ مان پيدا ٿيندا آهن. اهي ٽن قسمن جي سماجي عملن جهڙوڪ: پيداوار لاءِ جاکوڙ، طبقاتي هلچل ۽ سائنسي تجربن مان پيدا ٿيندا آهن."

سن زو "بهار ۽ خزان واري آخري دور" سان تعلق رکي ٿو. هي اهو زمانو هو، جڏهن قديم چيني سماج غلاميءَ مان نڪري، جاگيرداريءَ نظام ۾ داخل ٿي رهيو هو. هي طبقاتي ڇڪتاڻ جو دور هو، جنهن کي هتان جي جنگي وايومنڊل مان پڻ محسوس ڪري سگهجي ٿو. هن زماني کان ٿورو اڳ چين جا پنج "بو" يا نواب حڪمران: جهڙوڪ، ڪئي ينان، جن وين، ڪن مو، چو چئانگ ۽ سونگ رئنگ غلبي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ دنگئي هئا ۽ سجو سماجي وايومنڊل وڳوڙي روپ اختيار ڪري چڪو هو.

"قديم بهار ۽ خزان" جي تاريخي حوالن مطابق چين جا 130 کان وڌيڪ ننڍڙا ملڪ پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. انهن جهيڙن ۽ جنگين جي نتيجي ۾ فقط پنج حڪمران: جهڙوڪ، ڪي، جن، ڪن، جو ۽ سرنگ مٿي ابري آيا، جن مان سونگ گهٽو ڪمزور هو. انهن پنجن حڪمرانن مان هرهڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ ۾ رڌل هو ۽ پر واري ننڍي ۽ ڪمزور حڪمران مٿان حملا ڪري پنهنجي حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو هو. سن زوءَ کان ٻہ سئو سال اڳ هنن حڪمرانن ۾ اٽڪل ٽي چار سئو جنگيون لڳي چڪيون هيون. ان کان سواءِ اهڙي جنگي ماحول جي ڪري مختلف قسمن جا

جنگي فن ايجاد ٿيا. تاريخ سياسي هلچل سان گڏ اقتصادي هلچل به ڏني، جيڪا تجارت ۽ بين ملڪن جي اقتصادي وسيلن تي قبضي ڪري پيدا ٿي چڪي هئي. مختلف ملڪن وچ ۾ جنگين جي ڪري سفارتي عمل جي شروعات ٿي، ڇاڪاڻ ته ننڍڙا ملڪ بچاءَ ۽ سياسي اثر وڌائڻ لاءِ پاڻ ۾ اتحاد ۽ جوابي اتحاد جوڙيندا هئا. سن زوءَ جو ڪتاب "ويڙهه جو فن" درحقيقت انهن جنگين جي تجربن جو هڪ نچوڙ آهي. تنهن ڪري ٻن هزارن سالن گذري وڃڻ کان پوءِ به سندس حيثيت امر آهي ۽ سندس قائم ڪيل ڪيترائي جنگي اصول اڄ به هم آهن.

پڙهڻ سان معلوم ائين ٿيندو ته سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" ۾ ڪي خيال ۽ پيچيده ڳالهيون موجود آهن. پر جڏهن اسان انهن کي سن زوءَ کان اڳ وارين جنگين جي احوال سان ڀيٽائي ڏسون ٿا ته پوءِ اُهي اڻ ڇٽيون ۽ پيچيديون ڳالهيون واضح ٿي وڃن ٿيون. هن ڪتاب جي مؤلف جو اهو مقصد نه آهي ته سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" ۾ بيان ٿيل هر اصول کي ڪنهن نه ڪنهن جنگي واقعي سان ملائي بيهاري. هن جنگي ماهر جي مرڪزي خيال کي سمجهائڻ لاءِ فقط هڪ يا ٻه مثال ڏيڻ ئي ڪافي آهي.

صورتحال جو اندازو ڪرڻ

سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهه جو فن" جو پهريون باب "اندازن" سان تعلق رکي ٿو، جنهن مان پتو پوي ٿو ته جنگ بابت قائم ڪيل ابتدائي تخمينن جو جنگ دوران ڪهڙو ڪردار هوندو آهي. جيڪڏهن اهڙا تخمينا اڳڪٿيءَ واسطي ڪنهن مندر ۾ ناهيا جوڙيا ويا آهن ته پوءِ انهن مان فتح جو يقين ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته سوچ ويچار سان ناهيل تخمينن مان پتو پئجي ويندو ته جنگي صورتحال توهان جي دشمن بدران اوهان جي فائدي ۾ آهي. پر جيڪڏهن اهڙن تخمينن مان شڪست جا اهڃاڻ ملن ٿا ته پوءِ ائين سمجهڻ کپي ته جنگ ۾ اوهان جي فائدي ۾ ڇڳائيءَ واريون ڳالهيون ٿوريون آهن. جيڪڏهن ڇگيءَ ريت سوچي ويچاري اندازا يا تخمينا ناهيا نه ويا آهن ۽ سرب ۽ سمجهه کان ڪم نه ورتو ويو ته پوءِ سوڀ جي پڪ به گهٽ ٿيندي آهي. جيڪو ماڻهو جنگ جا اندازو نه لڳائيندو ته ان لاءِ سوڀ جا موقعا گهٽ ٿيندا آهن. هن مان اهو معلوم ٿي ويندو ته ماڻهوءَ کي جنگ

جي نتيجي جي اڳواٽ ئي خبر پئجي وڃي ٿي: موجوده دور ۾ جنگ بابت ابتدائي تخمينن جي معنيٰ آهي، جنگ کان اڳ مختلف عنصرن جي ڇنڊڇاڻ کان پوءِ هاءِ ڪمانڊ جا جنگ لاءِ ڪي فيصلا ڪرڻ. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي جنگ جي سوڀ جو آسرو نه هوندو ته پوءِ اهو جنگ جي جنجل ۾ هرويرو ڦاسڻ جي ڪوشش نه ڪندو. ان جو مطلب اهو آهي ته جنگ ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي فيصلي کان اڳ سياست سان لاڳاپيل ڪيترين ئي ڳالهين ۾ فوجي تجربي، سفارتڪاريءَ ۽ جاگرافيءَ جي مختلف پهلوئن تي ويچاريو ويندو آهي. هيٺ ڏنل مثال مان چڱيءَ ريت معلوم ٿي ويندو ته اندازن ۽ تخمينن جو مطلب ڇا آهي.

چينگ پو (Chengpu) واري جنگ

چينگ پو واري جنگ 632 قبل مسيح ۾ بهار ۽ خزان واري دور ۾ تمام وڏي پئماني تي لڳي هئي، جنهن ۾ "جن وين گونگ" سيني ملڪن مٿان پنهنجي ڌاڪ ڄمائڻ لاءِ پنهنجي جنگي طاقت جو مظاهرو ڪيو هو. هن "جن" گهراڻي جي راڄ جي پيڙهه جو پٿر رکيو، جيڪو ٻين ملڪن مٿان گهٽي عرصي تائين پنهنجي برتري قائم رکيو آيو. جنگ کان اڳ حڪمران "جن" ۽ سندس فوجي عملدارن پنهنجيءَ سگهه ۽ دشمن جي طاقت کي چڱي ريت تڪيو توريو هو. "چائو چئان" (Zou Zhuan) چين جي تاريخ جو هڪ اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن جنگ سان لاڳاپيل احوال هن ريت ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

"سياري جي رُت ۾ چو جي فوج، سنگ تي وڃي ڪڙو چاڙهيو، تنهن تي سنگ جو حڪمران گونگس گرو واهر لاءِ "جن" وٽ لنگهي ويو. "جن" بادشاهه جي ڪمانڊر مارشل ايڪسيان زين پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪندي چيو ته هن وقت اسان "سنگ" جي مدد ڪري سندس تورو لاهي سگهنداسون ۽ ان سان گڏ انهيءَ علائقي ۾ پنهنجي برتري به قائم ڪري سگهنداسون.

"جن" حڪمران جي ٻئي ڪمانڊر "هويين" پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو هو ته، "گهڻو وقت ڪونه گذريو آهي جو "چو" حڪمران "چائو" جي ملڪ جي مدد ڪئي آهي، جنهن جا "وي\" سان مٽيءَ مائٽيءَ وارا رشتا ناتا آهن. جيڪڏهن اسان "چائو" ۽ "وي" تي حملو ڪنداسون

تہ "چو" ضرور اچي سندن مددگار ٿيندو. اهڙيءَ ريت "سنگ" ۽ "ڪي" سندس قائم ڪيل سنگ واري گهيري کان آجا ٿي ويندا. "جن" جي حڪمران جن وين گونگ هنن بنهي جنرلن جي صلاح تي عمل ڪيو.

اينذڙ چيٽ واري رت ۾ "جن" ڪنڪ ونئي چائو ۽ "وي" تي ڪاهي ويو ۽ کين شڪست ڏنائين. پر "چو" جي سڀ کان وڏي ڪمانڊر 'زي يو' جا "سنگ" تي حملا جاري رهيا ۽ "چائو" ۽ "وي" جي مدد لاءِ نہ آيو. "جن" کي توقع هئي تہ هو "سنگ" تي ڪيل حملي تان هٿ کڻي. "چائو" ۽ "وي" جي مدد لاءِ ضرور ايندو. ان تي "سنگ" جي حڪمران مئن يين کي "جن" ڏانهن هنگامي امداد لاءِ روزانو ڪيو.

بحث مباحثي دوران جن وين گونگ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو تہ، "جيڪڏهن اسان "سنگ" جي مدد نہ ڪنداسون تہ هو اسان جو پاسو ڇڏي ويندو. جيڪڏهن "چو" ناهہ تي راضي نہ ٿو ٿئي تہ اسان هن جي خلاف جنگ جو اعلان ڪنداسون. ان صورتحال ۾ اسان کي "ڪي" ۽ "ڪن" جي مدد حاصل ڪرڻي پوندي. پر جيڪڏهن هنن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ تنهن تي ايڪسيان زين چيو تہ ، "انهيءَ لاءِ سهڻي صلاح اها آهي تہ "سنگ" کي اسان ڏانهن مدد لاءِ نہ اچڻ گهرجي. پر خراج طور وڏي رقم "ڪي" ۽ "ڪن" جي حڪمرانن کي ڏئي ۽ کين گذارش ڪري تہ اهي "چو" ۽ سندن وچ ۾ ناهہ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن. "چائو" ۽ "وي" ملڪن جا حڪمران اسان جا جنگي قيدي آهن. جن کي اسان مجبور ڪنداسون تہ اهي پنهنجن علائقن جا ڪجهہ حصا سنگ جي حڪمران کي ڏين. "چو" انهن بنهي ملڪن جو قريبي ساٿي آهي، جيڪو ايئن ڪرڻ تي ڇڙهي پوندو ۽ ناهہ نہ ڪرڻ لاءِ ضد ڪندو. ٻئي پاسي "سنگ" جي خراج ڏيڻ ڪري "ڪي" ۽ "ڪن" جا حڪمران سندس امداد لاءِ راضي نہ ٿيندا ۽ "چو" جي ضد جي ڪري مٿس ڪاوڙجي پوندا ۽ "چو" تي حملو ڪندا.

جنگ ڪرڻ کان سواءِ دشمن کي آڻ مڃائڻ

اسان سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ فن" وسيلي معلوم ڪري چڪا آهيون تہ هن ڪتاب ۾ "دشمن جي جنگي حڪمت عمليءَ تي حملو

ڪرڻ". "دشمن جي ناهيل سياسي اتحادن کي ڊاهي ڍير ڪرڻ ۽ دشمن کي جنگ ڪرڻ کان سواءِ آڻ مڃائڻ" جهڙا اهم اصول موجود آهن. اُن جي معنيٰ اها ٿيندي تہ دشمن سان جنگ ڪرڻ کان اڳ سندس ناهيل جنگي حڪمت عملي تي حملو ڪرڻ، هن جي ڪيل سياسي اتحادن کي ڊاهي ڍير ڪرڻ ڪرڻ. اهڙن طريقن اختيار ڪرڻ سان هو جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ دشمن کي آڻ مڃائڻ ۾ سوپارو ٿي ويندو. سن زو دشمن سان ميدان جنگ ۾ بنا سوچڻ جي بي ڌڙڪ جنگ ڪرڻ جي خلاف هو. هو هن ڳالهه تي زور ڏيندو هو تہ جيڪڏهن دشمن تي مٿين ڳالهين موجب حملو ڪرڻ ممڪن نہ آهي تہ پوءِ دشمن جي فوج تي حملو ڪجي. سندس خيال آهي تہ سڀ کان وڌيڪ خراب ڪم قلعبند شهرن تي حملو ڪرڻ آهي. پويون بئي ڳالهيون فقط تڏهن ڪري سگهجن ٿيون، جڏهن ڏسجي تہ انهن کان سواءِ ڪو بيو ڳس نہ آهي. ڏٺو وڃي تہ جنگ جي تجربيڪار ڪمانڊر جو هيءَ نهايت قيمتي نقطئہ نظر آهي. هو هن نتيجي تي پهتو هو تہ جنگ ڪرڻ کان اڳ ئي دشمن کي آڻ مڃائڻ سمورين ڳالهين کان وڌيڪ اُتم آهي.

ڇا سن زوءَ جو اهو تصور سندس خيالي پلاءُ هو يا سندس طبعي رجحان انهيءَ طرف هو؟ نہ! معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اهي بئي ڳالهيون غلط آهن. ڇاڪاڻ تہ هو تاريخ ۾ موجود سيني جنگين جي گهري اڀياس کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو هو. چائو چڻان ۾ ڪيترين ئي مشهور جنگي حڪمت عملين جو ذڪر آهي، جن ۾ ڪمزور حڪمرانن پنهنجي ڏاهپ، دليريءَ، بصيرت ۽ فصاحت جي قوت سان طاقتور ملڪن کي شڪستون ڏنيون ۽ جنگ کان اڳ ڪين آڻ مڃڻ تي مجبور ڪيو. سن زوءَ جي دور کان اڳ ۾ بہ جنگيون اهڙيون ٿيون آهن، جن مان هن اصول جي ڪاميابيءَ جي ثابتي ملي ٿي.

ڪي ۽ چو جي وچ ۾ جنگ

656 قبل مسيح دوران، ڪي هٺان گونگ، لو، سونگ، چين وي، چينگ، زو ۽ چائو ملڪن سان اتحاد ڪري ڏکڻ واري هڪ طاقتور حڪمران "چو" تي هلان ڪئي. اڳرائي ڪندڙ دشمن فوجون ڪيس چوڌاري وڪوڙي ويون ۽ "چو" وٽ ايتري گهٽي فوج نہ هئي. "چو" جي

حڪمران هڪ ايلچيءَ رستي ڪي هئا گونگ ڏانهن نياپو موڪليو تہ "تون اتر ۾ ۽ آءٌ ڏکڻ ۾ آهيان. ٻئي ملڪ هڪ ٻئي کان تمام گهڻو پري آهن ۽ ٻنهي ملڪن جو پاڻ ۾ ڪڏهن ڪو واسطو بہ نہ رهيو آهي. منهنجي اوهان کي نمائي گذارش اها آهي تہ مون کي ڏسيو تہ منهنجي ملڪ تي ڪاهي اچڻ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ "ڪي" ملڪ جي وزير گئان زونگ ڪيس ورندي ڏيڻ بدران چيو تہ اوها چائو بادشاهہ کي ڏن چو نہ ڏنو آهي. هي سيني ملڪن ۾ هڪ ڪٺ پتلي حڪمران هو، جنهن جو پاسو وٺي ڪي هئان گونگ پنهنجو ڪنڪ "چو" تي چاڙهي آيو هو. ان کان سواءِ مذڪوره وزير، "چو" تي پڻ "چائو سو" بادشاهہ کي ٻوڙي مارڻ جو الزام هنيو، جيڪو واقعو گهڻو وقت اڳ گذري چڪو هو. "چو" جي ايلچي ڏن نہ ڏيڻ جي غلطيءَ جو اعتراف ڪيو ۽ واعدو ڪيائين تہ اهو سارو ڏن ٿوري وقت اندر ادا ڪيو ويندو. پر هن بادشاهہ چائو سو کي ٻوڙي مارڻ جي "چو" تي الزام بابت چيو تہ، "اهو ڪوڙ آهي." ڪي هئان گونگ سندس هن جواب کان مطمئن ڪونہ ٿيو، تنهن ڪري هو پنهنجي فوج سان "چو" جي ملڪ ڏانهن وڌڻ لڳو.

اهڙيءَ ڏکيءَ صورتحال کيِ ڏسي "چو" ڪو وان نالي هڪ ٻئي ايلچيءَ کي ڪي هئان گونگ ڏانهن موڪليو "ڪي" پنهنجي پهريدارن کي سمجهايو تہ جڏهن "چو" جو ايلچي سائس ملڻ اچي تہ هو خاص قسم جو ڪو فوجي مظاهرو ڪن. جو ايلچي اهڙي عهدنامي تي صحيح ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وڃي، جيڪو ڪو هئان گونگ جي فائدي ۾ هو.

"چو" جو سفير ساري صورتحال کي سمجهي ويو ۽ بي ڊپو ٿي پوري اعتماد سان ڪي هئان گونگ کي چيائين تہ، "جيڪڏهن اوهان سيني حڪمرانن کي عزت ۽ احترام سان پاڻ سان گڏ ڪٺندؤ تہ ڪنهن کي بہ اوهان جي حڪم نہ وڃڻ جي جرئت ڪانہ ٿيندي، پر جيڪڏهن اوهان پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪندؤ تہ ايڏي وڏي لشڪر سان گڏ هوندي بہ فئنگ چينگ جبل وارو شهر اسان جو بچاءُ ٿيندو ۽ هنشوئي ندي اسان لاءِ حفاظت واري خندق بڻجي ويندي، (يعني اهو شهر تون فتح ڪري نہ سگهندين.) ۽ تنهنجون سڀ ڪوششون اجايون ٿينديون. "چو" جي سفير "ڪو وان" سفارتي ٻوليءَ جو ڀرپور استعمال ڪيو هو، جنهن کان

”ڪي هئان گونگ“ متاثر ٿي ناهه جو عهدنامو ڪيو، جيڪو هن جي فائدي ۾ گهٽ هو ۽ پنهنجي فوج پوئتي موٽائي هليو ويو. هي اهڙو اهم مثال آهي جنهن موجب ”ڪي هئان گونگ“ وٽ تمام گهڻي فوج هئي، پر ”چو“ جي ايلچيءَ جي گفتگوءَ ۾ فصاحت ۽ بلاغت هئي، ٻئي ڌريون پنهنجي مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ سوڀاريون ٿيون، پر وڌيڪ فائدو ”چو“ کي ٿيو هو.

ڳالهه ٻولهه وسيلي دوستاڻا رشتا ناتا جوڙڻ

579 کان 546 قبل مسيح تائين جنگ ڪرڻ خلاف هلچل هلائي وئي، جيڪا سنگ حڪمران جي ٻن جنرلن ”هئاتيان“ ۽ ”زيانگ شو“ شروع ڪئي هئي، هي جنگ ڪرڻ کان اڳ دشمن کي آڻ مڃائڻ جو هڪ اهم مثال آهي. انهيءَ زماني ۾ زينگ ۽ سنگ ٻه ننڍڙا ملڪ هئا، جن کي طاقتور ملڪ جڏهن چاهيندا هئا. مٿن حملو ڪري تباهه ڪري ڇڏيندا هئا. جڏهن ڪو دشمن ملڪ ڪاهي زينگ جي سرحد وٽ اچي پهچندو هو ته هن ڪمزور ملڪ جو بادشاهه سرحد وٽ پهچي بي شمار غلام ۽ هيرا موتي ڏئي جان ڇڏائيندو هو. هڪ ٻيري جي ڳالهه آهي ته، ”چو“ بادشاهه سنگ ملڪ تي ڪاهي آيو ۽ ملڪ ۽ شهر تي اچي ڪڙو چاڙهيائين. اهو گهيرو تمام گهڻو وقت هليو. وٽن ڪاڌو ڪونه رهيو هو، تنهنڪري پنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ پنهنجا ٻار ٻچا ٻه کُهي ڪاڌا هئائون.

اهڙين حالتن کي ڏسي جنگ نه ڪرڻ جي هلچل هلائي وئي هئي، جيڪا ڪامياب وئي، ”سنگ“ پر وارن ملڪن جي بادشاهن کي جنگ نه ڪرڻ واري ڳالهه تي راضي ڪري ورتو هو، جن ۾ ”جن“ ۽ ”چو“ وارا ٻه وڏا ملڪ ٻه شامل هئا. هنن ٻنهي سربراهن اتحاد جي اڳواڻن طور ناهه تي صحيحون ڪيون هيون. ان عهدنامي جا شرط هئا ته، ”جن“ ۽ ”چو“ هڪ ٻئي خلاف طاقت جو استعمال نه ڪندا، ڪين گڏيل مفادن جو خيال ڪرڻو پوندو ۽ ٻئي ڌريون ڏکئي سڪئي وقت ۾ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪنديون. اهو ٻه لکيو ويو هو ته، ٻنهي ڌرين مان جيڪو ٻه هن عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪندو، تنهن کي خدا ماري ڇڏيندو. ان عهدنامي ۾ اهو ٻه لکيو ويو هو ته، ننڍڙا ملڪ ”جن“ ۽ ”چو“ کي ڏنُ ڏيندا. هنن ننڍڙن ملڪن لاءِ پئسا ڏوڪڙ ۽ هيرا جواهر ڏيڻ جنگ واري ڏچي کان وڌيڪ سولا هئا. زيانگ

شو جي جنگ نہ ڪرڻ واري هلچل ۽ عهدنامي تي صحيحن ڪرڻ کان پوءِ سيني ملڪن ۾ امن ۽ آشتي قائم ٿي وئي ۽ ٽيهن سالن تائين منجهن ڪابہ وڏي جنگ ڪانہ لڳي.

معلوم ٿئي ٿو تہ سن زوءَ مٿين واقعن کان اهڙيءَ ريت باخبر هو. جهڙيءَ ريت اسان هڪ سئو سالن جي جنگي واقعن کان واقف آهيون. اهڙيءَ ريت ڪيس زيانگ شو جي جنگ نہ ڪرڻ واري هلچل جي بہ چڱيءَ ريت خبر هئي. جهڙيءَ ريت اسان ويهينءَ صديءَ جي دنيا جي ٻن عظيم جنگين کان پوريءَ ريت باخبر آهيون، تنهن ڪري سندس اهو اصول "جنگ کان اڳ پنهنجي دشمن کان ڳالهہ مڃائڻ" مٿينءَ تاريخي حقيقت سان واسطو رکي ٿو.

نتيجو

سن زوءَ مجموعي طور تي دشمن کي آڻ مڃائڻ ۽ ڳالهہ ٻولهہ تي مجبور ڪرڻ لاءِ وڏيڪ اهميت، سياست، سفارتڪاري ۽ جنگي حڪمت عمليءَ کي ڏني آهي. ڪنهن حد تائين هن قسم جي حڪمت عملي اقتصادي مضبوطيءَ تي مدار رکي ٿي. هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ دشمن کي جنگي خطرناڪ صورتحال کان نہ، پر مضبوط سياسي، اقتصادي، سفارتڪاري ۽ فوجي سگهہ سان جهڪائي سگهجي ٿو. موجوده دور جي ٻوليءَ ۾ ان کي طاقت جي پشت پناهيءَ واري حڪمت عملي يا ائٽمي مزاحمتي طاقت واري حڪمت عملي سڏيو ويندو آهي. سن زو دنيا جي تاريخ ۾ اهو پهريون ماڻهو آهي، جنهن اصول کي اهميت ڏني آهي. هن مان سولائيءَ سان نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ سن زوءَ جو ڪتاب "ويڙهہ جو فن" چين جي بهار ۽ خزان واري دور جي جنگي تجربن جو نچوڙ آهي، جنهن جو تصور وارين ڳالهين سان ڪو تعلق آهي، ۽ نہ ئي وري هن کان اڳ وارن جنگي ماهرن جي تصنيفن جو نقل آهي.

باب نائون

سادي ماديت ۽ قديم جدليات

ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ ٿيندڙ ڪيترن واقعن جو اڳواٽ اندازو ڪرڻ مشڪل هوندو آهي، ان جو ڪارڻ اهو هوندو آهي تہ انهن جي زمان، مڪان، تاريخي پس منظر ۽ ترقيءَ جي نتيجن ۾ فرق موجود هوندو آهي. پر اڪثر ڪري تاريخي ترقيءَ جي اصول مطابق ٿيندڙ قائدن مان اضافي سچ جي صحيح هجڻ جو پتو پئجي ويندو آهي. فلسفي جي نقطئہ نظر ڪان، هن معروضي دنيا بابت انسان جي عملي ڄاڻ کي ماديت سڏيو ويندو آهي. سن زوءَ جنگ جي فن تي لکيل قديم دور جي ڪتابن جو اڀياس ڪري اڄ کان بہ هزار سال اڳ "ويڙهہ جو فن" نالي ڪتاب لکي، مختلف سماجي مظهرن جي جزن کي ملائي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪيو آهي.

سن زوءَ هن ڪتاب ذريعي جنگ جي عام قانونن ۽ بحث مباحثن يا انهن جامع عنصرن کي دنيا سان متعارف ڪرايو آهي، جن جو لاڳاپو فتح سان آهي. ان سان گڏ هن ڪتاب ۾ سادي مادي ۽ قديم قسم جي جدليات جي نظريي کي پڻ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. بهار ۽ خزان واري زماني ۾ چين، غلاميءَ واري دورن مان نڪرڻ ۽ جاگيرداري سماج ۾ پير پائڻ واري عبوري دور مان گذري رهيو هو. پنج سؤ سالن واري هن دور ۾، ڪنفيوشس، ينگ زي، مينشس، موزي، زهانگ زي، لوزي ۽ سن زوءَ طرفان مختلف نظريا پيش ڪيا ويا هئا. جيڪي جلد ئي تمام گهڻو مشهور ٿي ويا هئا. معاشري جي وڌڻ ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ سان انهن مان ڪيترا نظريا ختم ٿي ويا، پر انهن مان ڪيترا ڏينهون ڏينهن وڌندا رهيا. سن زوءَ جو نظريو بہ اڳتي وڌندو ۽ ترقي ڪندو رهيو ۽ اڄ سوڌو وڌندو ويجهندو ۽ اسرندو رهيو آهي ۽ عملي طور اڄ بہ پنهنجيءَ غالب حيثيت جو مالڪ آهي.

سن زوءَ جي جنگي فن ۾ سادي ماديت ۽ قديم جدليات جو نظريو واضح

آهي، جيڪو سندس مختلف بيانن ۾ چٽو نظر اچي ٿو. هن مان هينيان مثال پيش ڪري سگهجن ٿا.

سندس بيان آهي ته، "هڪ سچيت حڪمران ۽ ڏاهو جنرل دشمن تي ڪاهه ڪرڻ تي سوڀارا ٿيندا. اهي عام ماڻهو کان وڌيڪ انهيءَ ڪري ڪامياب ٿيندا آهن، جو اهي اڳواٽ اندازن ڪرڻ جا ماهر هوندا آهن. صحيح اڳڪٿي ڪرڻ وارو علم ڪين نه جن ڀوت ۽ ديوتائون ٻڌائيندا آهن، نه وري ماضيءَ جي ورقن مان ڪين ڪا اهڙي معلومات ملندي آهي، نه وري اهڙا اندازا ڪن نتيجن مان اخذ ڪري سگهبا آهن. پر اهڙيون صحيح اڳڪٿيون فقط اهي ماڻهو ڪري سگهندا آهن، جن کي پنهنجي دشمن جي جنگي چرپر جو صحيح پتو هوندو آهي."

سن زوءَ جو ڪنهن جن ڀوت، الهام ۽ ديوتا ۾ ويساهه ڪونه هو. نه وري سندس علم نجوم ۾ عقيدو هو. اسان کي پنهنجي قومي ثقافت تي فخر آهي ته هو اڄ کان ٻه هزار سال اڳ به ڪنهن ديوتا يا خدا ۾ ويساهه نه ڪندو هو.

دهريت ۽ خدا

دنيا ۾ ٻن نظرين جي ڇڪتاڻ رهي آهي، جن مان هڪ دهريت ۽ ٻيو خدا جي موجودگيءَ وارو نظريو آهي. فوجي معاملن ۾ اهڙيون ڳالهيون نهايت چٽيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن مان پتو پوي ٿو ته ان زماني ۾ چين اندر جنگ ڪرڻ کان اڳ فال وجهي جنگ جي نتيجي بابت اڳڪٿي ڪئي ويندي هئي.

قديم دور ۾ مذهب ۾ ويساهه نه رکندڙ ۽ مذهب پسند وهمي قسم جي فوجي جنرلن ۾ بحث هلندا هئا ته "جيازي واري ڏينهن" تي جنگ لاءِ پيش قدمي ڪري سگهجي ٿي يا نه. دهريت پسند جنرل مذهبي قسم جي فوجي مهندارن کي جواب ۾ مويي واري جنگ (1098 قبل مسيح) جو مثال ڏيندا هئا. جنهن جي ابتدا چائو وو جيازي واري ڏينهن ڪئي هئي ۽ ان جنگ ۾ بادشاهه چائو وو ڪتيو ۽ ينگ چائو حڪمران هارايو هو. ڏنو وڃي ته سن زو اهڙن فالن، وهمن ۽ وسوسن جو قائل نه هو. پر انهيءَ زماني ۾ وهمن جا ماريل اهڙا به جنرل هوندا هئا، جيڪي جنگ کان اڳ سنن ۽ خراب نتيجن

لاءِ فالون وجهي اڳڪٿي ڪندا هئا. اهڙيون ڳالهيون نہ رڳو چين ۾ ٿيون، پر مغرب ۾ پڻ انهن جو رواج هوندو هو. حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان اڌ صدي اڳ روم جو حڪمران جولس سيزر هو، جيڪو هڪ لڳا جرمنيءَ تي ڪاهي ويو هو. هڪ جنگ ۾ هن سان جرمنيءَ جي لشڪر جو اڌ حصو وڙهي رهيو هو ۽ روم وارن کي زبردست ڪامياب حاصل ٿي هئي. پر جيڪڏهن جرمنيءَ جي سموري فوج روم جي لشڪر سان وڙهي ها تہ ان کي ضرور شڪست ڏئي ها. جرمنيءَ جي هڪ جنگي بانديءَ جو بيان آهي تہ جرمنيءَ جي فوج جو وڏو حصو انهيءَ ڪري ڪونہ وڙهيو هو تہ انهن جو ويساهہ هو تہ نئون چنڊ ڏسي پوءِ روم وارن کي مهاڏو ڏيڻ کپي، جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ جرمنيءَ کي ضرور شڪست ايندي.

سن زوءَ جي بيانن مان معلوم ٿيندو تہ هو ڪنهن مذهب ۾ ويساهہ نہ رکندو هو. تنهن ڪري سندس اهڙو نقطئہ نظر ساراهہ جوڳو هو. سندس اصول هو تہ، "دشمن جي معلومات اهڙن ماڻهن کان وٺڻ کپي جيڪي ان جي چرپر کان صحيح نموني سان واقف هجن." هن ڳالهہ مان معلوم ٿيندو تہ فقط جاسوس استعمال ڪرڻ تي دارومدار نہ رکڻ کپي. سندس هن ڳالهہ تي بہ زور هو تہ فتح واسطي، سياست، سفارت ۽ بهتر اقتصادي حالتون وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون. هن جو دهريت پسند نظريو سندس هن اظهار خيال مان بہ محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ حڪمران کي گهرجي تہ "پنهنجي رعيت ۾ ڀائيچاري وارو جذبو پيدا ڪرڻ گهرجي."، "مقدس جاين تي وڃي صحيح نموني سان اڳڪٿيون ڪجن"، "دشمن جي جنگي حڪمت عمليڻ ۽ جوڙيل اتحاد کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏجي،" ۽ "هڪ هزار سونا سڪا هٿ ۾ هجن تہ هڪ لک فوج ڀرتي ڪجي."

سن زو جو قديم جدليات بابت نظريو

سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" ۾ سندس اهڙا ڪيترائي بيان ڏسڻ ۾ ايندا، جن مان قديم جدليات جو نظريو نظر ايندو. جيڪڏهن اسان سندس اظهار خيال تي ويچاريندا سون تہ اسان کي مخالفن جي اتحاد سان لاڳاپيل ڪيترائي اصطلاح ڏسڻ ۾ ايندا، جهڙوڪ، خاص ۽ عام، دوکو ۽ حقيقت، ڏنگو ڦڏو ۽ سڌو، سگهارا ۽ ڪمزور، سازگار ۽ ناسازگار، دشمن

۽ پنهنجا، گهٽا ۽ ٿورا، تڪل ۽ تازا، ڍاول ۽ بڪارا، وگوڙ ۽ امن امان، گوڙ گهمسان ۽ مانار، پيش قدمي ۽ پوئتي هٽڻ، پري ۽ ويجهو، نفعو ۽ نقصان، بهادر ۽ گيدي وغيره.

دوڪي ۽ حقيقت کي سمجهائيندي چوي ٿو تہ ڪڏهن دوڪو حقيقت ۽ ڪڏهن حقيقت دوڪو هوندي آهي. ڪتاب جي باب "دشمن جي جنگي نقشي ۽ مقامي جاگرافيءَ کي نظر ۾ رکي پنهنجي فوجي بيهڪ کي ترتيب ڏيڻ" ۾ نکي ٿو تہ، "جنگ ۾ خاص ۽ عام قسم جي فوج هوندي آهي، پر انهن ٻنهي قسم جي مختلف فوجي يونٽن کي گڏائي رکي نہ ٿو سگهي." هو وڌيڪ چوي ٿو تہ، "جڏهن اوهان کي پڪ ٿئي تہ اوهان جي فوج دشمن جي حملي جي سٽ سهي ويندي ۽ اوهان کي ڪنهن بہ نموني شڪست نہ ايندي. ان مان سجهڻ کپي تہ اوهان جي فوج دشمن جي حملي جي سٽ سهي ويندي ۽ اوهان کي ڪنهن پر شڪست ڪانہ ايندي ۽ ان مان سمجهڻ کپي تہ اوهان خاص ۽ عام قسم جي فوجي يونٽن کي صحيح نموني سان ڪم آندو آهي... ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي قسمن جي فوجي يونٽن کي جنگي حالتن موجب بار بار ڦاهيو ويندو آهي. سندس اندروني عمل پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ ڇلن وانگر گهٽو وسيع هوندو آهي. انهن ٻنهي قسم جي فوجي يونٽن جي ڪم جو تعين ڪمانڊر ڪندو آهي تہ هڪ جو ڪم ڪٿي ختم ٿئي ٿو ۽ ٻئي جو ڪم ڪڏهن شروع ٿيڻ کپي.

سن زوءَ هن ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ ڪمانڊر کي اندازن قائم ڪرڻ مهل سازگار ۽ ناسازگار ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ نهايت ضروري آهي. هن ڪتاب جي باب "نوَ مختلف ڳالهيون" ۾ وضاحت سان بيان ڪيو آهي تہ جنگي منصوبي جوڙڻ مهل ڏاهي ڪمانڊر کي سازگار ۽ ناسازگار ڳالهين تي ضرور سوچڻ ويچارڻ کپي. هو سازگار ۽ ناسازگار ڳالهين تي سوچڻ ويچارڻ سان پنهنجي جوڙيل جنگي رٿا کي ممڪن بنائي سگهي ٿو. ممڪن آهي تہ هو ناسازگار ڳالهين تي سوچي ويچاري درپيش مشڪلاتن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري.

هن "فوجي چرپر، جنگي ترتيب ۽ چال" واري باب ۾ اشارو ڏنو آهي تہ. "تجربيڪار ڪمانڊر ان وقت پنهنجي دشمن کي نہ ڇيڙيندو آهي، جڏهن هن جا حوصلا بلند هوندا آهن. هن کي جڳائي تہ دشمن تي ان وقت

حملو ڪري، جڏهن اهو سست لڳو وڃو هجي ۽ سندس فوجي سپاهي وطن ورڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ ويٺا هجن. هيءَ ڳالهه اخلاقي ضابطي سان تعلق رکي ٿي. جيڪڏهن اوهان صحيح طريقي سان منظم آهيو ته دشمن تي حملي لاءِ ان وقت تائين ترسڻ گهرجي، جيستائين ان جي فوج ۾ بدنظمي پيدا نه ٿي ٿئي. جڏهن دشمن جي فوج ۾ شور، گوڙ ۽ گهمسان هجي ته اوهان کي سڪون ۽ اطمينان ۾ هئڻ کپي. اهو پڻ اخلاق تي ضابطي رکڻ جو اصول آهي. اوهان پنهنجي فوجي ڪئمپ، جنگي ميدان ڀرسان قائم ڪريو. اوهان جو دشمن پري کان ايندو، جنهن کي آرام جي ضرورت هوندي. اوهان جي تازه دم فوج کي ٿڪل دشمن جو انتظار ڪرڻ کپي. دشمن ان وقت سفر جي ڪري گهٽو بکايل به هوندو آهي. هيءَ ڳالهه فوج جي جسماني تندرستيءَ جي اصولن سان واسطو رکي ٿي. جيڪڏهن دشمن پوري منظم طريقي سان پيش قدمي ڪري رهيو هجي يا ان جي چرپر ۾ سگهاري فوجي ترتيب ۽ صفبندي موجود آهي ته مٿس حملو ڪرڻ نه کپي. هي تبديل ٿيل حالتن تي ضابطي رکڻ جو اصول آهي."

سن زوءَ جي مٿين بيان ڪيل اصولن مان اسان کي هيءَ حقيقت نظر ايندي ته سندس آڏو جدلياتي نظريا هئا. جن سان گڏ "مخالف اتحاد" جو عالمگير قانون موجود آهي.

جيڪڏهن سن زوءَ جي اصولن جي ڇنڊڇاڻ ڪبي ته سندس سوچ ۽ فڪر ۾ ترتيب ۽ مقصد نظر ايندو. جيڪڏهن هن جي فطرت، ۽ دنيا جي قانون بابت نقطئه نظر تي ويچاربو ته سندس منطقي سوچ ۾ بي پناهه سگهه نظر ايندي. تنهنڪري ٿي ان ۾ شان ۽ مرتبو به موجود آهي.

باب ڏهون

جنگ جا عالمگير قانون

سن زوءَ پنهنجي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" جي باب "جاسوسن جي استعمال" ۾ اشارو ڪيو آهي تہ، "سچيت حڪمران ۽ ڏاهو جنرل پنهنجي دشمن کي فقط تڏهن شڪست ڏئي سگهندو آهي، جڏهن هنن جنگ بابت صحيح اندازا ڪيا هوندا." صحيح نموني واري اڳڪٿي نهايت ضروري ڳالهہ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تہ جنگ کان اڳ اوهان پنهنجين ۽ دشمن جي حالتن جو صحيح اندازو ڪريو. سن زوءَ پنهنجي ڪتاب جي باب "اڳرائيءَ واري حڪمت عمليءَ" ۾ بيان ڪيو آهي تہ، "پهريائين پنهنجي دشمن کي تڪيو توريو، پوءِ پنهنجي وت ۽ سگهہ کي جاچي پرکي ڏسو تہ توهان بنا ڪنهن شڪست جي هڪ سؤ جنگيون وڙهي سگهو ٿا." جيڪڏهن اوهان دشمن کي تڪيو توريو نہ آهي؛ فقط پنهنجي وت ۽ سگهہ کي جاچي پرکي ڏٺو آهي. پر پنهنجي دشمن کي جاچي پرکي نہ ڏٺو آهي تہ پڪ سمجهڻ کپي تہ توهان هر جنگ ۾ هارائيندا." معلوم ائين ٿئي ٿو تہ چين يا دنيا جي جديد ۽ قديم دور جو ڪوبہ فوجي ڪمانڊر سن زوءَ جي قائم ڪيل هن جنگي اصول کان لاپرواهہ رهي نہ ٿو سگهي.

جنگ جو هي عالمگير قانون، جنهن جو ڪو مثال ئي نہ آهي، سن زوءَ جي سوچ ويچار جي تمام گهٽي نمائندگي ڪري رهيو آهي. فلسفي جي نقطئہ نگاهہ کان هي سادي ماديت جو هڪ روپ آهي. جنگي اصول جي نقطئہ نظر کان اندازن ۽ تجزين ڪرڻ واسطي هيءُ هڪ بنيادي قانون آهي. جنگ لاءِ حڪم ڏيڻ جي نقطئہ نگاهہ کان اهڙين حالتن جي چونڊ ڪري سگهجي ٿي، جن جو نتيجو فتح هوندو آهي. تنهن کان پوءِ اهڙن موقعن کي تاڙبو آهي، جن مان يقيني فتح جو اندازو ڪري سگهبو آهي.

جديد جاسوسي معلومات

موجوده دور ۾ سوويت يونين ۽ آمريڪا هڪ ٻئي جي جاسوسي ڪرڻ لاءِ ايترا تہ گهڻا پئسا خرچ ڪري رهيا آهن، جو ٻڌي ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون. آمريڪا جي جاسوسي کاتي جي جنرل جو بيان آهي تہ ٻي جنگ عظيم کان پوءِ آمريڪا جاسوسي جي مقصدن خاطر 50 کان 75 بلين ڊالر خرچ ڪري چڪو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو آهي تہ، "انهيءَ جي باوجود آمريڪا 1941ع ۾ پرل هاربر تي حملي واري دور کان بهتر حيثيت ۾ نہ آهي. جيتري قدر سوويت يونين جو تعلق آهي تہ هي ملڪ فوجي خرچن کي تمام ڳجهو رکندو آهي. ان ڪري اهو پتو نہ ٿو لڳائي سگهجي تہ ان جو جاسوسيءَ تي خرچ ڪيترو آهي.

مائوزي تونگ، سن زوءَ جي اصولن کي تمام گهڻو ساراهيو آهي. سندس بيان آهي تہ، "اِج اهي اصول سائنسي سچائيءَ جو درجو ماڻي چڪا آهن." ان سان گڏ هن پنهنجي مقالي "چين جي انقلابي جنگ ۾ حڪمت عمليءَ جا مسئلا" ۾ هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ، "ڪي ماڻهو پنهنجي وِتَ ۽ سگهہ کي تہ جاچي پرکي ڏسندا آهن، پر پنهنجي دشمن کي تڪيندا توريندا نہ آهن. ٻيا بہ ڪي اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي نہ جنگي قانون کي سکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، نہ ئي وري جنگي صورتحال موجب انهن کي لاڳو ڪندا آهن. قديم چين جي هڪ جنگي ماهر سن زوءَ جو هڪ مشهور قول آهي تہ، "ڀرپائين پنهنجي دشمن کي تڪيو توريو، پوءِ پنهنجي وت ۽ سگهہ کي جاچي پرکي ڏسو تہ توهان ٻنا ڪنهن شڪست جي هڪ سئو جنگيون وڙهي سگهو ٿا" هي قول ٻنهي ڳالهين، جهڙوڪ: جنگي قانون سکڻ ۽ انهن کي جنگ سان لاڳو ڪرڻ دشمن کي شڪست ڏيڻ واسطي پنهنجي ذاتي عملن بابت پڪي فيصلي ڪرڻ سان تعلق رکن ٿيون. اسان کي سندس مٿئين قول کي ڪا عام رواجي ڳالهہ سمجهڻ نہ گهرجي."

اڃو تہ سن زوءَ جي هنن خيالي اصولن کي سياسي، اقتصادي ۽ جنگي حڪمت واري فن سان پيٽائي، چڱيءَ ريت جاچي پرکي ڏسون.

سياسي پهلو

سن زوءَ اهڙين ٿورين ڳالهين تي بحث ڪيو آهي، جن جو سياسي پهلوءَ سان واسطو هجي. مثال طور هي چوي ٿو تہ، ”جنگ ملڪ لاءِ نهايت ڏکيو ۽ اهم مسئلو هوندي آهي. هي موت ۽ جياپي جو معاملو هوندو آهي. هي اهم بہ– واٽو آهي، جتان هڪ رستو حياتيءَ ڏانهن ۽ ٻيو تباهي ڏانهن ڦٽندو آهي، تنهن ڪري جنگ جي بهتر نتيجن لاءِ ان جو ڀوڳڙهو اپياس ڪرڻ، ان جي اهم پنجن ڳالهين تي سوچڻ ويچارڻ، پنهنجي ۽ دشمن جي مختلف حالتن جي ڇنڊڇاڻ نهايت ضروري آهي. انهن مان پهرئين ڳالهہ سياست، ٻي موسم، ٽين جاگرافيائي صورتحال، چوٿين ڏاهو ڪمانڊر ۽ پنجين اصولن جي سختيءَ سان پابندي هوندي آهي.“ ”جنگ دوران اهم ڳالهہ دشمن جي حڪمت عمليءَ تي حملو ڪرڻ هوندي آهي، پر اُن کان اُتم ڳالهہ دشمن کي سندس اتحادين کان ڇنڻ هوندو آهي.“

سندس گهڻا بيان هن حقيقت سان واسطو رکن ٿا تہ سياسي سرگرميون جنگ کان اڳ يا جنگ دوران شروع ڪيون وڃن. مٿي بيان ڪيل جنگي اصول سن زوءَ جي دور کان اڳ ڪڏهن بہ منظم طريقي سان ڪم نہ آندا ويا هئا. هي پهريون ماڻهو آهي، جنهن جنگي ڪارڪردگيءَ کي پنهنجي هڪ خاص طريقہ ڪار سان سياسي دائري ۾ آندو آهي. سياست بابت هن جو نظريو هي آهي تہ حڪمران ۽ رعيت جي وچ ۾ بهتر ناتا ۽ واسطا هئڻ گهرجن. جنهن جي معنيٰ اها ٿيندي تہ جيڪڏهن حاڪم جا عوام سان سٺا تعلقات هوندا تہ هو مٿن پنهنجي مرضي مڙهي سگهندو ۽ پنهنجي رعيت کي پاڻ سان وٺي بنا ڪنهن ڀوَ ڀولي جي جنگ ۾ شريڪ ٿي سگهندو. هن حقيقت کي هيئن بہ بيان ڪري سگهجي ٿو تہ اهڙي سياسي ڪاميابيءَ کان پوءِ دشمن کي شڪست ڏيڻ ممڪن ٿي سگهي ٿي. ڪمانڊر مان هن جو مطلب آهي، ڪمانڊر جي اهليت ۽ ڏاهپ: اصولن جي معنيٰ آهي: فوجي تنظيم ۽ ترتيب ۽ انهيءَ بابت ٺاهيل ضابطا ۽ قانون. مختصر تہ پنجن مان ٽي ڳالهيون سياست سان تعلق رکن ٿيون. سندس بيان ڪيل سٺن عنصرن مان پهريون، ٻيو، چوٿون، پنجون ۽ ستون سڌو سنئون سياست سان تعلق رکي ٿو. مثال طور ڪهڙو حڪمران سچيت ۽ ڏاهو آهي يا ڪهڙو ڪمانڊر

پنهنجي فوج کي فوجي اصولن ۽ ضابطن جي پابندي ڪرائڻ ۾ عقلمنديءَ کان ڪم وٺي رهيو آهي. ڪيس اها ڄاڻ هئڻ کپي ته ان جي فوج جو ڪهڙو حصو وڌيڪ مضبوط آهي، ڪهڙو حصو انعام لائق ۽ ڪهڙو حصو سزا جو مستحق آهي، پر اهڙين ڳالهين ۾ ڪمانڊر لاءِ روشن خيال هئڻ لازمي آهي.

سن زو قديم چين جو اهو پهريون ماڻهو آهي، جنهن سفارتڪاريءَ کي جنگي فتحن لاءِ نهايت اهم سمجهيو هو. هن ڏاهي ماڻهوءَ کان اڳ سفارتڪاريءَ جي موضوع تي هڪ جهڙو بحث هلندو هو، پر انهن هن ڳالهه کي سن زوءَ جيان اهم سمجهي ان جو نچوڙ نه ڪڍيو هو. سن زو جنگ ۽ سياست جي لاڳاپي تي گهڻو ڪجهه بحث ڪيو آهي. ان کان پوءِ هو اڳتي وڌي جنگ جي ظلم، سختيءَ ۽ تباهيءَ جو ذڪر ڪري ٿو. هي ڏاهو ماڻهو هن ڳالهه ڏانهن پڻ اشارو ڪري ٿو ته، "جڏهن جنگ جي ڪري اوهان جا هٿيار مڏا ۽ جنگي اشتياق ڍرو، سگهه ۽ خزانو ختم ٿي ويندو ته پر وارن ملڪن جا حڪمران توهان جي ملڪي مسئلن ۽ ڏچن جو فائدو وٺندا. اهڙين ڏکين حالتن کي ڪو بيحد ڏاهو ماڻهو به منهن ڏئي ملڪ کي تباهيءَ کان بچائي نه سگهندو."

اها هڪ حقيقت آهي ته سن زوءَ پنهنجن اصولن کي، جهڙوڪ: "جنگ سياست جو هڪ لڳاتار سلسلو آهي." "سياست، بنا رتوڇاڻ جي هڪ جنگ آهي." کي سائنسي ترتيب ڏئي نه سگهيو آهي، پر کيس اها چڱيءَ ريت ڄاڻ هئي ته، "يا تون سوپارو ٿيندين يا توکي شڪست ايندي." هو سمجهي ٿو ته ان ڳالهه جو هن حقيقت تي دارومدار آهي ته ڇا توهان جي حڪومت ايماندار ۽ بهادر آهي ۽ اوهان جي حڪومت جو طريقه ڪار بهتر آهي؟ هو پنهنجي ڪتاب جي باب "فوجي ترتيب ۽ تقسيم" ۾ چوي ٿو ته، "جيڪي حڪمران جنگ جا ماهر هوندا آهن، سي سياسي ماحول پيدا ڪندا آهن، قانون ۽ ادارن کي اهميت ڏيندا آهن، ان ڪري هو ڪامياب پاليسين کي مرتب ڪري سگهندا آهن." سن زو هن ڳالهه ۾ تعريف لائق آهي، جنهن جنگ تي سياسي اثر کي محسوس ڪري ورتو هو.

ڪارل وون ڪلازوز جو بيان آهي ته، "جنگ سياست جو هڪ سلسلو آهي." هن مشهور چوٽيءَ کي مغرب ۾ صاحب بصيرت ماڻهن تمام گهڻو ساراهيو آهي، پر هاڻي معلوم ٿئي ٿو ته اهڙو ساڳيو قول قديم چين جي

نڪت ۾ بہ موجود آهي. اهو پڻ معلوم ٿيندو تہ جنگي حڪمت عملين جو لاڳاپو "ڪن" گهرائي واري دور سان آهي. اسان کي واضح بيان نظر ايندو تہ. "ماٺ ڪري ويهي رهڻ مان ڪو فائدو نہ آهي. ڪوشش ڪان سواءِ ملڪ جون حدون وڌائي نہ ٿيون سگهجن. پنجن شهنشاهن ۽ ٽن بادشاهن بہ ماٺ ڪري ويهڻ مان ڪو فائدو حاصل نہ ڪيو هو. اهو مقصد فقط جنگ وسيلي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو." هن مان واضح ٿئي ٿو تہ فائدو حاصل ڪرڻ ۽ ملڪ جون سرحدون وڌائڻ سياسي مقصد آهي. اهڙا مقصد فقط جنگ وسيلي خاصل ڪري سگهجن ٿا.

"سن بن" بہ جنگي فن نالي هڪ ڪتاب لکيو هو. جيڪو "ين ڪيو" نالي جبل جي ڪوٺائيءَ مان هٿ لڳو آهي. هن ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ. "جيڪو بادشاهہ پنجن شهنشاهن ۽ ٽن بادشاهن جيترو سياڻو ۽ سچيت نہ آهي، سو انساني ڀلي، انصاف ۽ شرافت جو مجسم بڻجي نہ سگهندو. حقيقت اها آهي تہ ياٺو ۽ شن (قديم چين جا ڏند ڪٿائي حڪمران) جي دلين جي تمنا بہ اها هئي تہ. هو اهڙين سنين ڳالهين لاءِ ڪوششون ڪندا رهن، پر ڪين اهڙيون ڳالهيون ناممڪن نظر آيون هيون. انهن مان هڪ تہ ماٺهن جي مسئلي کي طاقت جي زور تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هيءَ حقيقت جنگ وسيلي سياسي مقصدن کي حاصل ڪرڻ برابر آهي."

اقتصادي پهلو

سن زوءَ جي اصول "اقتصاديات جا جنگ تي اثر" تي تيڪاتپڻي ڪرڻ کان اڳ اسان لاءِ ضروري آهي تہ. "گئان زي" نالي ڪتاب جو ابياس ڪريون، جيڪو سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" کان اٽڪل هڪ صدي اڳ ڇپيو هو. هن ڪتاب مان گئان زانگ (Guan Zhong) ڪتاب جي ليکڪ جي فوجي اقتصاديات بابت خيالن جو پتو پئجي وڃي ٿو. ان سان گڏ اها بہ معلومات ملي ٿي تہ قديم چين ۾ ڪهڙا فوجي اصول ۽ ضابطا موجود هوندا هئا. گئان زي نالي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ. "جيڪڏهن هڪ شاهوڪار ملڪ آهي تہ، اتي هر شيءِ ججهي انداز ۾ موجود هوندي ۽ جنگ پنهنجي اصلي وقت کان وڌيڪ اينگهي بہ وئي تہ ان کي ڪا اوڻائي محسوس نہ ٿيندي. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ وٽ شاندار هٿيار آهن تہ دشمن

جي بار بار حملن ڪري اهو ملڪ جنگ ڪان نہ ٿڪبو. فوج لاءِ اهم مسئلو هٿيار هوندا آهن. جيڪڏهن توهان وٽ گهربل ۽ بهتر هٿيار موجود نہ آهن تہ سمجهڻ کپي تہ توهان پنهنجي فوج مفت ۾ مارائي رهيا آهيو. جيڪڏهن توهان هڪ سال لاءِ دشمن سان وڙهندا تہ ڏهن سالن جا گڏ ڪيل هٿيار ختم ٿي ويندا. جيڪڏهن جنگ ڪٽڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لاتو ويندو تہ اوهان وٽ موجود هر شيءِ ختم ٿي ويندي." هنن سيني ڳالهين مان واضح ٿئي ٿو تہ پئسي ڏوڪڙ ۽ بهتر هٿيارن کان سواءِ جنگ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

سن زوءَ پڻ جنگي سرگرمين ۽ اقتصاديات وچ ۾ موجود لاڳاپن کي تمام گهٽي اهميت ڏني آهي. سندس بيان آهي تہ، "جنگ فقط تڏهن شروع ڪئي وڃي، جڏهن چئن گهوڙن وارا هزار رٿ، هڪ هزار وڏا رٿ ۽ هڪ هزار زرهہ پاتل فوجي سپاهي هجن. کاڌي خوراڪ ۽ جنگي سامان کي هڪ هزار "لي" تائين پهچائڻ جو پورو بندوبست هجي. ملڪ ۽ جنگي محاذ تي هلندڙ خرچ جو پورائو ٿيندو هجي. سفارتڪارن ۽ صلاحڪارن ۾ بهتر معاوضي جو بندوبست هجي. اهڙيءَ ريت ڪئونر، رنگ ۽ پالش لاءِ لاک، رٿن ۽ زرهن لاءِ ڏهاڙي هڪ هزار سونن سڪن جي ضرورت پوندي. جڏهن ايترا پئسا موجود هوندا، تڏهن هڪ لک فوج رواني ڪري سگهبي.... جيڪڏهن اوهان ايتري وڏي فوج وٺي دشمن سان جنگ ڪرڻ چاهيندؤ تہ توهان لاءِ ضروري آهي تہ دشمن کي بنا ڪنهن دير جي شڪست ڏيو. جيڪڏهن جنگ اينگهي وئي تہ فوج دلشڪستي ٿي ويندي ۽ هيانءُ هاري ويهندي، شهرن تي حملن ڪرڻ سان فوج جي سگهہ ضايع ٿي ويندي آهي."

سندس وڌيڪ بيان آهي تہ، "جنگي ماهر ٻي فوجي واهر ۽ کاڌي خوراڪ ۽ جي ٻن پيرن کان وڌيڪ رسد ڪونہ گهرندا آهن. اهڙا ڏاهان ڪمانڊر هٿيار پنهوار پنهنجي ملڪ مان کڻندا آهن، پر کاڌو خوراڪ ۽ کابي جو ٻيو سامان دشمن ملڪ مان هٿ ڪري وٺندا آهن. اهڙيءَ ريت فوج کي کاڌي پيتي سان لاڳاپيل ججهو سامان ملي ويندو آهي."

جيڪڏهن ملڪ جنگي سرگرمين جي ڪري جُوکو ۽ ڪنگال ٿي ويندو آهي تہ سمجهڻ کپي تہ کاڌي خوراڪ ۽ کابي جو ٻيو سامان گهٽي پنڌ تان ڪٽي فوج وٽ پهچايو ويو آهي. اهڙو سامان گهٽي پنڌ تائين ڪٽي

وجهڻ ماڻهن کي محتاج ڪري ڇڏي ٿو. جڏهن جنگ جي مقصد سان فوجون هڪ جاءِ تي گڏ ٿينديون آهن تہ هر شيءِ جو اگهہ چوٽ تي چڙهي ويندو آهي. ماڻهن وٽ سانڍي رکيل پئسا ڏوڪڙ بہ سندن هٿن مان نڪري ويندا آهن. ملڪ مان پئسي جي نڪري وڃڻ ڪري سارو بار وجي هارين نارين تي پوندو آهي، ۽ مٿن هيڪاندا محصول مڙهيا ويندا آهن. دولت جي ضايع ٿيڻ ۽ طاقت جي ختم ٿي وڃڻ سان وچ وارن ميداني علائقن جون گهرو حالتون ڏاڍيون خراب ٿي وينديون آهن. ۽ انهن جي دولت جو ست ڀاڱي ڏهہ حصو سندن هٿن مان نڪري ويندو آهي. ان کان سواءِ ڀڳل رٿن، ڦٽل زرهن ۽ هودن، ڀڳل ٽٽل تير ڪمانن، ڀالن، ٽڪل بار ڍوئيندڙ ڏاندن، جنگي گهوڙن لاءِ بندوبست، ڀڳل گاڏين جي مرمت لاءِ ملڪي دولت جو ست سيڪڙو خرچ ٿي ويندو آهي."

هن مان واضح ٿي وڃي ٿو تہ سن زوءَ اقتصاديات يا ملڪ جي مالي حالتن جي اهميت تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. هن جو "تڪڙي فيصلي لاءِ تيز رفتار جنگ" جو تصور بہ هن خيال سان واسطو رکي ٿو. سندس ويچار آهي تہ ڊگهي جنگ جي ڪري ملڪي ناڻو اجايو ضايع ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن ناڻي سان لاڳاپيل وسيلا ختم ٿي ويندا تہ ماڻهن تي اضافي محصول مڙهيو ويندو، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو جو ماڻهن جا گهر سجا سکڻا ٿي ويندا. اهڙين حالتن ۾ پر وارا حڪمران حملو ڪري ايندا. ان کان پوءِ جيڪي بہ اڻ وڻندڙ ڳالهيون ٿينديون، تن کي ڪهڙو بہ ڏاهو حڪمران منهن ڏئي نہ سگهندو.

سن زو حقيقت پسند ۽ عملي ماڻهو هو، جنهن جنگ ۽ اقتصاديات جي لاڳاپن کي بيان ڪندي، دشمن ملڪ جي وسيلن ۽ ماڻهن کي استعمال ڪرڻ تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. هن لکيو آهي تہ "دشمن ملڪ مان هٿ ڪيل کاڌي خوراڪ ۽ کاٻي جي شيءِ جو هڪ زونگ (جيڪو قديم چين جو هڪ تور جو وَٽُ آهي) پنهنجي کاڌي خوراڪ جي 20 ويهن زونگن برابر آهي. خوراڪ هڪ شي (قديم چين ۾ تور جو هڪ وَٽُ، جيڪو 60 ڪلو گرام برابر آد.) پنهنجي کاڌي خوراڪ جي 20 (ويهن) "شي" برابر ٿيندي. سندس هن ڳالهہ تي زور آهي تہ پنهنجي فوج جي بهادر سپاهين کي ڪشاده دليءَ سان انعام ڏنا وڃن ۽ جنگي ٻاندين سان بهتر سلوڪ

روا رکيو وڃي. جنگي امداد جي نقطئہ نظر کان هٿ آيل دشمن جي هٿيارن، جنگي سامان ۽ جنگي باندين کي پڻ ڪتب آندو وڃي. نئين پيدا ٿيندڙ جاگيردار طبقي لاءِ سندس اهڙيون ڳالهيون نهايت ترقي پسندانہ سمجهيون ٿي ويون.

چين جي آزاديءَ واري جنگ دوران جيانگ جيشي جي لکين فوج پي. ايل. اي هٿان جنگي باندي بڻجي وئي هئي، جيڪا سياسي ترتيب ۽ سکيا ڏيڻ کان پوءِ پي. ايل. اي سان ٻٽ ٿي چين دشمنن سان وڙهي هئي. اهڙيءَ ريت ڪينريون توبون، ٽئنڪون، هوائي جهاز بہ هٿ آيا هئا. جن جو چين جي سياسي تاريخ ۾ مثال ئي نٿو ملي. هن ڳالهہ کي جنگ ۾ سوپ ماڻڻ ۽ مضبوط ٿيڻ سڏيو ويو آهي.

قديم ۽ موجوده دور جي جنگين کي ڀيٽائي ڏسبو تہ پراڻي دور جي جنگين کان موجوده دور جي جنگين ۾ اقتصاديات جو وڌيڪ گهرو لاڳاپو آهي. مضبوط ۽ مالي طور وڌيڪ طاقتور ملڪ آمريڪا، ويٽنام واري ڊگهي جنگ ۾ هارائي چڪو آهي. ويٽنام ۾ مقرر آمريڪي جنرل "ويسٽ مور لئنڊ" پڻ پنهنجي فوج پوئتي هٽائڻ جي باري ۾ سن زوءَ جو حوالو ڏنو آهي تہ، "ڊگهيءَ جنگ مان ڪنهن بہ ملڪ کي فائدو نہ ٿيندو آهي."

تنهنڪري هيءَ ڳالهہ واضح آهي تہ جديد فوج جو وڏو دارومدار اقتصاديات تي هوندو آهي. نظر ايئن اچي ٿو تہ سن زوءَ جو "جنگ ۽ اقتصاديات وچ ۾ موجود لاڳاپي" وارو اصول وڏي وقت گذرڻ کان پوءِ اڄ بہ قائم آهي ۽ پنهنجي حيثيت نہ وڃائي آهي.

جنگ لاءِ حڪمن ڏيڻ جو فن

اسان اڳين بابن ۾ حڪمت عملين جي نقطئہ نگاهہ کان جنگي مسئلن تي گهڻو ڪجهہ بحث ڪري آيا آهيون. هتي اسان جنگي چال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪنداسون: جنهن جي معنيٰ آهي جنگ لاءِ حڪم احڪام ڏيڻ. سن زوءَ پنهنجي ڪتاب جي تيرهن بابن ۾ حڪمت عمليءَ ۽ جنگ لاءِ حڪمن احڪامن کي واضح ڪري نہ سمجهايو آهي. هن ڏاهي ماڻهوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" جي گهڻن بابن ۾ جنگ لاءِ حڪمن احڪامن جو ذڪر آهي. هتي اسان هن موضوع کي ٻن پهلوئن جهڙوڪ: پهلڪاريءَ (Initiative) ۽ لچڪ (Flexibility) تائين محدود رکون ٿا.

پهلڪاري

ماڻهوءَ کي پهلڪاريءَ ڪهڙي طريقي سان حاصل ٿيندي آهي؟ جنگ جي حڪمن احڪامن تي بحث ڪرڻ وقت هيءَ هڪ اهم سوال آهي. جيڪڏهن اوهان هلندي جنگ ۾ پهلڪاريءَ وڃائي ويهو ٿا تہ اوهان هڪ جاءِ تي ڄمي ويهي ويندا ۽ دشمن توهان تي پنهنجي طرف کان حملو ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو. پهلڪاريءَ بابت سن زوءَ جو خيال آهي تہ. ”اوهان پنهنجي پسند مطابق دشمن کي جنگ جي ميدان ڏانهن اچڻ لاءِ مجبور ڪريو، پر اوهان سندس پسند مطابق جنگ جي ميدان ڏانهن اچڻ لاءِ مجبور نہ ٿيو.“ ۽ فاتح فوج جنگ کان پهريائين فتح وارين حالتن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ ڏاهن ڪمانڊرن کي هنن اصولن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ گهرجي.

سن زو هن ڳالهہ جي وڪالت ۽ پنيرائي ڪري ٿو تہ، ”ڏاهي ڪمانڊر کي اهڙيءَ جڳهہ تي مورچي بند ٿيڻ کپي، جنهن مان کيس شڪست ممڪن نہ هجي ۽ دشمن کي شڪست ڏيڻ لاءِ هر سٺي موقعي کي دشمن کان زوري ڦري وٺي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ فاتح فوج جنگ کان اڳ ئي فتح واريون سموريون حالتون پنهنجي هٿ وس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. شڪست کائيندڙ فوج فتح لاءِ پاڳ آزمائيندي آهي ۽ اهڙيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکي وڙهندي آهي. عام طور تي جيڪو جنرل اڳ ۾ اچي جنگي ميدان پرسان فوجي ڪئمپ هڻندو آهي ۽ دشمن جي اچڻ جو انتظار ڪندو تنهن کي وڌيڪ سهوليتون ميسر ٿينديون آهن. دير سان ايندڙ جنرل تيز رفتاريءَ سان ايندو آهي، سندس فوج ٿڪل هوندي آهي ۽ اچڻ سان جنگ ۾ ڪاهي پوندو آهي. جنگ جو تجربيڪار ڪمانڊر دشمن کي پنهنجي پسند مطابق جنگ جي ميدان تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ هو پاڻ دشمن جي پسند مطابق مجبور ٿي جنگ جي ميدان تي ڪونہ ايندو آهي.“

اها هڪ حقيقت آهي تہ ڪمانڊر کي گهرجي تہ پنهنجي مرضي دشمن مٿان مڙهي. جيڪڏهن اوهان اهڙيءَ اهم جاءِ تي مورچا بند ٿيندؤ، جتي اوهان کي شڪست اچڻ ناممڪن آهي تہ ائين سمجهڻ کپي تہ اوهان پهلڪاريءَ کان ڪم ورتو آهي. ان کان پوءِ اوهان دشمن فوج کي اهڙي

علائقي ڏانهن پيش قدميءَ ڪرڻ لاءِ حالتون پيدا ڪندؤ جو شڪست سندس مقدر بڻجي ويندي.

جڏهن اوهان جنگ جي ميدان تي مناسب جڳهه والاريندو ۽ دشمن کي پنهنجي مرضيءَ موجب پيا ڦيرائيندو گهيرائيندو ته پوءِ سن زوءَ جي اصول مطابق، "دشمن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق استعمال ڪري سگهندؤ. سيئي فوجي سائنسدان پوءِ انهن جو تعلق قديم دور سان هجي يا موجوده زماني سان يا انهن جو تعلق چين سان هجي يا دنيا جي ٻين ملڪن سان، سيني کي ڄاڻ آهي ته جنگ، طاقت جي هڪ چٽاڀيٽي آهي ۽ ان سگهه کي ٻين ڪيترين ئي شڪلين ۾ بدلائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ٻئي ويڙهو ڌريون طاقت ۾ هڪ جهڙيون آهن يا دشمن وڌيڪ سگهارو آهي ته پوءِ جيڪڏهن اسان پهلڪاريءَ کان ڪم وٺنداسون ته ساري صورتحال کي پنهنجي فائدي ۾ بدلائي سگهون ٿا. جيڪڏهن آرامي دشمن کي ٿڪائي بيزار ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون ته اسان انهيءَ دل پسند صورتحال کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ ۾ ضرور سوپارا ٿينداسون، جنهن لاءِ اسان کي دشمن جي آمد جو انتظار هو.

روس ۽ جپان واري جنگ

ويهين صديءَ جي مُنڍ ۾ روس- جپان جنگ دوران، جپان، روس جي بالٽڪ آرماڙ کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. جپان جي ساموندي فوج جي جنرل مارشل توگوهيه اچيرو جو چوڻ آهي ته، "هن سن زوءَ جي اصول، "دشمن جڏهن ٿڪل ۽ پاڻ تازه دم هجو ته مٿس اوچتو وجي ڪڙڪو" تي عمل ڪري سوڀ ماڻي آهي." اها حقيقت آهي ته روس جو بالٽڪ آرماڙ سخت غلطيءَ ڪري مشرق بعيد ڏانهن لڳاتار سفر ڪندو رهيو، جنهن ڪري جهازن جو عملو ٿڪجي مري پيو هو. جپان جي فوج تازه دم هئي، جيڪا روسي فوجي ٻيڙي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ وڙهڻ لاءِ تيار ويٺي هئي.

بالٽڪ وارو سمنڊ جپان واري سمنڊ کان هزارين ڪلوميٽر پري آهي. ان سان گڏ روس جو هي بحري جنگي ٻيڙو ان حيثيت ۾ ڪونه هو ته مشرق بعيد پهچڻ لاءِ برطانوي تسلط هيٺ آيل جبرالٽر نارمان هاڪاري، ير يونوچ سمنڊ ۾ سوئيز ڪئنال وٽان لنگهيو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته انهن ڏينهن ۾ برطانيا، جپان جو اتحادي ملڪ هو. ان کان سواءِ هن ڪيپ

آف گڊ هوپ (Cape of Good Hope) کان ڦري وڏيڪ هزارين ڪلوميٽرن جو فاصلو طئہ ڪيو هو. ان کانسواءِ کيس ملاڪا واري نار مان گذرڻو پيو هو. جنهن ڪري روسي فوجي عملو تمام گهڻو ٿڪل ۽ سست ٿي چڪو هو. جپاني فوج سن زوءَ جي اصول مطابق "دوکي ڏيڻ جي مقصد" سان افواهہ هلايا هئا تہ جپان زار جي روسي جنگي آرماڙ سان چين جي ڏکڻ واري سمنڊ ۾ مقابلو ڪندو. بالڪل آرماڙ ان ڳالهہ تي اعتبار ڪري ويو ۽ هاڪارڻ وارو سارو وقت وڙهڻ لاءِ تيار رهندو آيو، تنهن ڪري روسي جڏهن سوشيما نار وٽ پهتا تہ ڏاڍا ٿڪجي پيا هئا. جتي جپان جي تازه دم فوج هنن جي تاڙ ۾ ويٺي هئي. اهوئي ڪارڻ آهي جو جپان وارن روسي بحري جنگي بيڙي کي سخت شڪست ڏني هئي.

لچڪ

سن زو جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" مطابق لچڪ بہ هڪ اهم اصول آهي. سندس بيان آهي تہ جهڙيءَ ريت پاڻي سدائين هڪ جهڙو نہ رهندو آهي، تهڙي ريت جنگ دوران سدائين ساڳيون حالتون ڪونہ هونديون آهن. اهڙيءَ ريت ڪوبہ ڪمانڊر پنهنجي دشمن جي جنگي صورتحال کي ڏسي جنگي چال ۾ ڦيرگهير آڻيندو رهندو آهي، جنهن کي عام طور تي شايد هڪ الهامي ڳالهہ ڪري سمجهيو وڃي!" هن جو وڌيڪ بيان آهي تہ فوج جڏهن چرير ۾ هوندي آهي تہ سندس سپاهہ چينگ جبل جي خطرناڪ نانگ وانگر هوندو آهي، جنهن کي جيڪڏهن "منهن واري پاسي کان ڌڪ هنيو ويندو آهي تہ هو پڇ واري طرف کان حملو ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن سندس پڇ تي ڌڪ هڻبو آهي تہ اهو ڦڻ واري پاسي کان ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهي."

مختصر تہ هو هن ڳالهہ جي حمايت ڪري ٿو تہ هر ڪمانڊر کي دشمن جي صورتحال کي سامهون رکندي، پنهنجيءَ فوج ۾ ضروري تبديليون ڪرڻ گهرجن. اهوئي سبب آهي جو هو جنگ ۾ فوجي ترتيب ۾ سختيءَ ۽ مشيني يا روايتي ماديت کي ننديو ٿو. ان کان سواءِ هو متروڪ ٿيل دقيانوسي جنگي طريقن جي بہ سخت خلاف هو ۽ عام رواجي ۽ خاص قسم جي فوجي يونٽن جي ترتيب ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ جو پرزور حامي هو. هي فوجي سائنسدان دشمنن جي جنگي صورتحال مطابق فوج اندر حقيقي ۽ دوکي وارين، سچين ۽ ڪوڙين تبديلين ڪرڻ تي زور ڏئي

ٿو. سندس خيال آهي تہ هن طريقي سان دشمن کي منجهائي واٽڙو ڪري فتح حاصل ڪري سگهجي ٿي.

پنهجي قابل عمل تجويزن کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ سن زوءَ پهلڪاريءَ واري ڳالهہ تي زور ڏنو آهي ۽ حفظ ماتقدم طور ڪن ڳالهين کي اختيار ڪرڻ جو مشورو ڏنو آهي: هو هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڏئي ٿو تہ، ”جنگ ۾ تيز رفتاري کي وڏي اهميت حاصل آهي. دشمن جي ويسلائيءَ مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪريو. توهان جي فوج کي اهڙن رستن تان پيش قدمي ڪرڻ گهرجي، جنهن لاءِ دشمن کي ڪو وهم گمان بہ نہ هجي. دشمن جي اهڙيءَ هنڌ تي حملو ڪريو، جتي سندس پهريدار مقرر ٿيل نہ هجن.“ سندس بيان ڪيل هن قسم جي لچڪدار جنگي چال ڪري دشمن فوج نہ پاڻ متحد ٿي سگهي ٿي، نہ هڪ ٻئي سان ملي ڪو ڪم ڪري سگهي ٿي، نہ وري مختلف يونٽ هڪٻئي جو سهارو بنجي سگهن ٿا.

هڪ فوجي ڪمانڊر کي جنگي ميدان بابت بلڪل واضح هئڻ کپي ۽ کيس جنگي حڪمن ۽ هدايتن ڏيڻ جو فن سکڻ کپي، جنهن جي مدد سان هو دشمن مان پنهنجو دل پسند مقصد ڪڍي سگهي. سن زو لکي ٿو تہ، ”هڪ ڏاهو ڪمانڊر اهو آهي جيڪو پنهنجي نقطہ نظر موجب دشمن کي پيش قدمي ڪرائي، پنهنجي دل پسند جڳهہ تائين اچڻ لاءِ مجبور ڪري يا هو دشمن کي دوکو ڏئي اهڙي جڳهہ تي وٺي اچي، جيڪا هو ڪانئس سولائيءَ سان ڇڏائي سگهي ٿو يا هو دشمن سان دولاب ڪري کيس اڳتي اچڻ لاءِ هرڪائي ۽ مناسب موقعي تي پنهنجي چونڊ فوج وسيلي مٿس اوچتو حملو ڪري ٿو.“

جيتري قدر دشمن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق استعمال ڪرڻ جو سوال آهي تہ ان بابت ڪتاب جي باب ”دوکو ۽ حقيقت“ ۾ هڪ واضح بيان موجود آهي تہ ”اوهان دشمن جي جنگي منصوبي بندي جو تجزيو ڪريو. انهيءَ سان اوهان کي دشمن جي اوٽاين جو پتو پئجي ويندو ۽ هن جا جيڪي مضبوط نڪتا آهن، تن جي بہ اوهان کي چڱيءَ جاڻ ملي ويندي. دشمن کي چيڙائڻ ۽ آيارڻ جي ڪوشش ڪريو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن سندس پيش قدميءَ جي طريقي جو پتو پئجي وڃي. کيس دوکو ڏئي ٻاهر نڪرڻ لاءِ لالچايو. انهيءَ مان پتو پئجي ويندو تہ سندس فوجي ترتيب ۽ تقسيم ڪهڙي نموني سان ٿيل آهي. ان سان گڏ هن جي اصلي حالت جي بہ جاڻ

ملي ويندي. انهيءَ خبر لهڻ لاءِ بہ حملا ڪريو تہ دشمن جي طاقت فوج جي ڪهڙي حصي ۾ آهي ۽ ڪهڙي جڳهہ تي ڪمزور آهي." ان ڪان پوءِ ئي هو اهو ڪجهہ حاصل ڪري سگهي ٿو، جنهن بابت سن زوءَ چيو آهي تہ، "جيڪڏهن اوهان ڪي دشمن جي اوٽاين جو پتو پئجي ويندو تہ توهان جي حملي جي مزاحمت جي ڪيس سگهہ ئي ڪانہ هوندي. جيڪڏهن اوهان تيز رفتاريءَ سان پوئتي هٽڻ چاهيو ٿا تہ دشمن اوهان سان ڪٿي بہ پڄي ڪونہ سگهندو... جڏهن آءُ پنهنجي مرضي مطابق حملو ڪندس تہ دشمن جون اوچيون ديوارون ۽ اونهيون کاهيون سندس ڪابہ واهر ڪري نہ سگهنديون ۽ مون سان وڙهڻ کان سواءِ هن لاءِ ڪو گس ڪونہ بچندو. چاڪاڻ تہ مان حملو ئي ان ارادي سان ڪيو آهي تہ جنهن جاءِ تي هو مورچابند ٿي وينو آهي، سا خالي ڪري هليو وڃي. جڏهن آءُ وڙهڻ نہ چاهيان تہ آءُ فقط زمين تي ليڪو ڪڍي پنهنجو بچاءُ ڪري سگهان ۽ دشمن مون تي انهيءَ ڪري حملو ڪري نہ سگهندو. چاڪاڻ تہ جنهن ماڳ ڏانهن هن وڃڻ چاهيو پئي تنهن کان، مون سندس رخ موڙي بئي پاسي ڪري ڇڏيو آهي."

جيڪڏهن اوهان سن زوءَ جي اصول مطابق لچڪدار نموني سان پيش قدمي ڪندا تہ پڪ سان جنگ جي ميدان تي غالب حيثيت جا مالڪ ٿي ويندا. سندس بيان آهي تہ، "آءُ چوان ٿو تہ فتح اوهان جي ٿي سگهي ٿي، يلي دشمن تعداد جي لحاظ کان سگهارو هجي، پر پوءِ بہ آءُ ڪيس (مون سان) وڙهڻ کان روڪي سگهندس."

فوج اندر لچڪ جي جوهر جي موجودگي هن اصول سان واسطو رکي ٿي تہ، "جنگ جو بنياد دوکو آهي." سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" جي باب "اندازا ڪرڻ" ۾ بيان آهي تہ، "سڀني جنگين جو دارومدار دوکي تي آهي. ان مطابق جيڪڏهن اوهان حملي ڪرڻ لائق آهيو تہ دشمن کي دوکو ڏيو تہ اوهان نبل ۽ هيڻا آهيو. جيڪڏهن پيش قدميءَ دوران اوهان ڦڙت ۽ چست آهيو تہ اوهان دشمن کي ڏيکاريو تہ اوهان سست ۽ ڪاهل آهيو. جڏهن دشمن جي ويجهو پهچو تہ اهڙو ڏيک ڪريو جو دشمن اوهان کي تمام پري سمجهي ۽ جڏهن اوهان پري هجو تہ دشمن سان دولاب ڪريو تہ جيئن هو سمجهي تہ اوهان ونس پهچي ويا آهيو."

اهو سڀ ڏيکاري ٿو ته توهان جي لچڪ برجستي يا اسمرتي، ڦڙت چست يا سست، پري يا ويجهو ٻين ڳالهين سان لاڳاپيل آهي. مثال طور هيءَ اصول ته، "توهان تمام گهڻو پري آهيو ۽ دشمن کي اهو سمجهڻ لاءِ دوکو ڏيو ٿا ته اوهان سندس ويجهو پهچي چڪا آهيو." جنهن جي معنيٰ ته اوهان اهڙي جنگي چال هلو ٿا. جو دشمن اوهان کي پنهنجي ويجهو سمجهي ۽ سندس وايون بتال ٿي وڃن، پر حقيقت ۾ اوهان ان کان ڪوهين ڏور هجو.

هيٺ ٻه اهڙا مثال ڏجن ٿا، جن مان هڪ جو واسطو قديم دور جي جنرل ۽ ٻيو موجوده دور جي جنرل سان آهي. هنن ٻنهي مٿين اصول تي عمل ڪري فتحون ماڻيون هيون.

"هن" جو "چو" تي حملو

205 ق. م ۾، "هن" ملڪ جي بادشاهه هن زين "چو" ملڪ جي حڪمران وي وئنگ بائو تي حملو ڪرڻ چاهيو. جيڪو پيلي نديءَ جي ٻئي پار هو. هن جي مرضي هئي ته، "وي" تي ٻنهين پاسي کان انيي تي حملو ڪري، (جيڪا هاٿي انيي واري علائقي ۽ شئنگري واري صوبي ۾ آهي) انهيءَ وقت هو تمام گهڻو پري زيائينگ واري علائقي ۾ هو.(هي ماڳ هاٿي هئنچن علائقي ۾ شئن زي صوبي ۾ موجود آهي) هن دوکو ڪري هيءَ ڏيکار ڏني ته هو پيلي نديءَ جي پر واري ماڳ لينمنگ وٽان اڪري رهيو آهي. ان ڪري فوجي سامان به ان ماڳ پرسان ڪٺو ڪيو ويو هو. وي وئنگ بائو هن دوکي کي سچ سمجهي مکيه فوج وٽي لينجنگ جي پر ۾ اچي مورچابند ٿي ويهي رهيو هو ۽ انيي بنا ڪنهن بچاءَ جي ڇڏي آيو هو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو "هن زين جو" لشڪر زيائينگ وٽان پيلي ندي اڪريو ۽ سندس مزاحمت لاءِ ڪير به ڪونه هو. "چو" ۽ "هن" ملڪن وچ ۾ هيءَ هڪ وڏي جنگي مهم هئي.

نارمنڊي تي حملو

ٻي جنگ عظيم ۾ يورپ ۾ خشڪي وارن حملن دوران آمريڪا جي جنرل آئزن هاور فيصلو ڪيو هو ته اتحادي فوجون فرانس جي اتر/اولهه ۾ نارمنڊيءَ وٽ پهچڻ گهرجن. پر هن دوکو ڪري اشارو ڏنو ته اها فوج

ڪالائس واري ايراضيءَ وٽ گڏ ٿي وڃٽي آهي. تنهنڪري ان علائقي ۾ هڪ فوجي هيڊ ڪوارٽر قائم ڪيو ويو ۽ اتحادي ڌر جي بحري، هوائي ۽ خشڪي فوج ان علائقي ۾ پهچڻ شروع ٿي وئي. اهڙيون جنگي سرگرميون دشمن پنهنجين اکين سان ڏسي رهيو هو. آئزن هاور، هٽلر کي منجهائڻ لاءِ ڪيترائي افواهہ اتاريا ۽ ڪيتريون ئي ڪوڙيون سچيون ٽيليفونون ڪري ورتيون. نازي جرمني دوکي ۾ ڦاسي پنهنجيءَ فوج جو مکيہ حصو ڪالائس واري علائقي ۾ آڻي گڏ ڪيو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو اتحادي فوجون بنا ڪنهن مزاحمت جي ڏاڍي سولائي، سان نارمنڊيءَ وٽ پهچڻ ۾ سوڀاريون ٿي ويون.

مائوزي تونگ وٽ پهلڪاريءَ ۽ لچڪ جي اهميت

مائوزي تونگ پنهنجي فوجي تصنيفن ۾ پهلڪاري ۽ لچڪ کي تمام گهٽي اهميت ڏني آهي. سندس ويچار آهي تہ. "اهي ٻئي ڳالهيون جنگ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون." هن پهلڪاريءَ کي فوج جي آزادانہ ڪارڪردگيءَ سان تشبيهہ ڏني آهي. "آزادانہ ڪارڪردگي فوج جي زندگي جهڙي اهم حيثيت رکي ٿي. جيڪڏهن اها ختم ٿي وئي تہ سمجهڻ کپي تہ فوج وڃي شڪست ۽ تباهيءَ جي ويجهو پهتي آهي." لچڪ بابت سندس نقطئہ نظر بہ نهايت چٽو آهي. سندس چوڻ آهي تہ. "لچڪ ڏاهي ڪمانڊر جي اهميت سان لاڳاپيل آهي تہ هو معروضي حالت تحت صورتحال کي جاچي پرکي، وقتائتا ۽ جوڳا قدم کڻي. (هن ڳالهہ ۾ پنهنجي جنگي حالتن، دشمن جي جنگي صورتحال ۽ جاگرافيائي وايومنڊل تي سوچڻو ويچارڻو پوندو.) اهڙيءَ ريت لچڪ تبديل ٿيندڙ جنگي چال ۾ ڏاهپ تدبر جي حيثيت رکي ٿي.

هيءَ هڪ عملي نوعيت جي ڳالهہ آهي تہ سن زوءَ جي خيالي اصولن کي هن قسم جي ماپي سان ڪچي ماپي ڏسجي. ان کان سواءِ عملي نوعيت جي خيالي اصولن تي پڻ تمام گهڻو بحث ڪيو ويو آهي. جنهن جو تعلق سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" ۾ بيان ڪيل جنگ جي حڪمن احڪامن ۽ هدايتن سان آهي. مذڪوره ڪتاب ۾ فقط ڪجهہ اعليٰ قسم جي خيالن تي بحث مباحثو ٿيل آهي.

باب يارهون

سن زوءَ جي ڪتاب ”ويڙهہ جو فن“ ۾ موجود ڪي متروڪ خيال

وقت جي رفتار جي سڏَ سان سچ بہ لڳاتار وڌندا ويجهندا ۽ ترقي ڪندا رهن ٿا. مائوزي تنگ پنهنجي تصنيف ”آن پريڪٽس“ (On Practice) ۾ هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ، ”دنيا ۾ معروضي سچائيءَ جو تغير ۽ تبديلين سان پربل سفر اڪٽ ۽ اپار آهي. اهڙيءَ ريت ماڻهوءَ جي سچ جي ساڃهہ جو عمل بہ مسلسل ۽ ڏگهو آهي.“ جيڪڏهن هن نقطئہ نظر کي خيال ۾ رکي، سن زوءَ جي ڪتاب ”ويڙهہ جو فن“ جي قدرن جو ڪاٿو ڪبو تہ اسان ضرور صحيح نتيجي تي پهچي سگهنداسون.

عام طور تي جڏهن قديم علمي تصنيفن کي ملائي سندن ڪاٿو ڪبو تہ اها ڳالهہ سامهون ايندي تہ ڪنهن ڳالهہ يا اصولن تي جمي بيهڻ، سچو سمجهڻ يا انهن کي ڪوڙو سمجهڻ غلط نہ آهي، ”ڇاڪاڻ تہ انهن مٿان وقت ۽ ڪنهن خاص طبقي پاران پابنديون مڙهيل آهن...“ جيڪڏهن پڙهندڙ ڪتاب لکڻ واري دور جي پس منظر ۾ وچي حالتن جو چڱيءَ ريت ڪاٿو ڪندو تہ قديم دور جي لکيل هن ڪتاب کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهندو.

سن زوءَ جي ڪتاب ”ويڙهہ جو فن“ ۾ هيءَ اوڻائي آهي تہ هن ماهر جنگ جي محرڪ ڪارڻن تي بحث نہ ڪيو آهي. مورخن جي گڏ ڪيل انگن اکرن مطابق سن زوءَ واري ”بهار ۽ خزان“ نالي دور ۾ ڇٽن سون کان پنجن سون تائين ننڍيون وڏيون جنگيون وڙهجي چڪيون هيون. سن زوءَ کان پوءِ جلد ئي مينشس (Mencious) پيدا ٿيو، جيڪو چين جو هڪ مشهور عالم هو. هن پنهنجي دور جي جنگين بابت راءِ جو اظهار ڪيو هو جن کي چين ۾ تمام گهڻي مڃتا ملي هئي. سندس بيان آهي تہ ”بهار ۽ خزان“ نالي واري دور ۾ لڳندڙ جنگيون بي انصافي تي ٻڌل هيون.“ ڇا سندس هي نتيجو صحيح آهي؟ ان جو جواب ”نہ“ آهي.

معلوم ٿيندو تہ انهيءَ زماني ۾ وڏين طاقتن وچ ۾ لڳل جنگيون برابر بي انصافيءَ تي ٻڌل هيون، پر ننڍڙن ملڪن پنهنجي بچاءَ لاءِ جيڪي وڏين طاقتن خلاف جنگيون ڪيون هيون، تن جو تعلق جارحيت، انياءَ ۽ نيت بد سان آهي. مثال طور سنگ هڪ ننڍڙو ملڪ هو، جنهن تي ٻن وڏين طاقتن جهڙوڪ "جن" ۽ "چو" حملو ڪيو هو. ڪاڌو خوراڪ کپي ويو. ماڻهن کي کائڻ لاءِ پنهنجا ٻار ٻچا هڪ ٻئي سان بدلايا هئا. اهڙيءَ ريت "سنگ" حملي آورن خلاف جنگ جوتي انصاف جون گهرجون پوريون ڪيون هيون.

زو زئان (Zou Zhoun) نالي واري تاريخي ڪتاب ۾ ڪي حقيقتون لکيل آهن تہ ستينءَ کان ڇهين صدي ق. م ۾ غلامن هلچل هلائي. انهن سيني ۾ "ڪي" واري بغاوت مشهور آهي، جيڪا غلامن شهر جي ديوارن اڏڻ خلاف ڪئي هئي. ان کان سواءِ "زين" جي بغاوت مشهور آهي، جيڪا اتان جي غلامن حڪمران طبقي خلاف ڪئي هئي. ڇا انهن غلامن پنهنجي مالڪن ۽ حڪمران طبقي خلاف بغاوت ڪري انصاف جون تقاضائون پوريون نہ ڪيون، جنهن سان طبقاتي تضاد اپري نروار ٿيا هئا؟ پر بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ اهڙيون ڳالهيون سن زوءَ جي ڪتاب "ويڙهہ جو فن" ۾ نظر ڪونہ ٿيون اچن. هن کي هڪ وڏي اوڻائي سڏي سگهجي ٿو. ايئن ان ڪري ڪيو ويو هو تہ جيئن اهڙين حقيقتن کان فوجي سپاهين کي بي خبر رکي سگهجي.

هي ظلم پسند حڪمت عملي آهي ۽ سن زوءَ جي ڪتاب ۾ موجود اهو هڪ وڏو عيب آهي. پر هن اهو ضرور لکيو آهي تہ، "فوجي سپاهين سان پنهنجي ٻارن جيترو پيار ڪريو. کين شريفاڻي نموني سان حڪم ڏيو ۽ سخت قسم جي نظم ۽ ضبط وسيلي کين ضابطي هيٺ رکو." هن مان معلوم ٿيندو تہ هو فوجي سپاهين کي عزت احترام ڏيڻ واري نقطئہ نظر کي عام ڪري رهيو هو. ان سان گڏ فوج ۾ نظم ۽ ضبط تي گهڻو ڌيان ڏئي رهيو هو. پر هن جيڪو جنگ دوران ڪيو هو سو سندس هن نقطئہ نظر جي بلڪل خلاف هو. هو هن ڳالهہ جي حمايت ڪري ٿو تہ، "فوجي ڪمانڊر کي گهرجي تہ جنگي منصوبہ بنديءَ کي فوج جي عام سپاهين کان ڳجهو رکي... هي پنهنجي فوجي سپاهين کي هڪ ريڍار وانگر ڪڏهن هيڏانهن

ڪڏهن هوڏانهن رڊن جيان ڊوڙائي ٿو ۽ ڪنهن کي به پتو ڪونه آهي ته هو ڪيڏانهن وڃڻ ٿو چاهي... ڪمانڊر کي گهرجي ته جڏهن سنڌس فوج مٿي ڪنهن اوچائيءَ تي پهچي ته هيٺان ڏاڪڻ ڪڍي ڇڏجي." انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته پورهيت طبقي لاءِ سنڌس خيال رجعت پسندانه هئا.

هن ڪتاب ۾ بي اوٿائي هيءَ آهي ته، هن فوجي جنرل کي هيڪاندي اهميت ڏني آهي. سنڌس بيان آهي ته، "جيڪو فوجي جنرلن فوجي صفبنديءَ ۾ سياڻو ۽ سچيت هوندو آهي ته هو قومن جي تقدير جو امين ۽ عام ماڻهن جي مقدر جو مختيار ڪل هوندو آهي." هن نقطئه نظر سان لاڳاپيل سنڌس هڪ ٻيو بيان به موجود آهي ته، "ڪڏهن ڪڏهن اهڙا موقعا به اچي ويندا آهن، جو بادشاهن جي حڪمن کي به ڪونه مڃيو ويندو آهي." اهڙا ٿورا جنرل ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي هن نقطئه نظر کان متاثر ٿيا هوندا ۽ هن اصول ڪري وقت جي حڪمران جي حڪمن مڃڻ کان انڪار ڪيو هونداٺون. ڇا سنڌس هي نقطئه نظر صحيح آهي؟ ماڻهن طرفان جوڙيل جنگ هميشه سياست سان لاڳاپيل هوندي آهي. اِهڙو ڪو مثال ئي نظر ڪونه ايندو جو جنگ ۽ سياست جو پاڻ ۾ ڪو واسطو ئي نه هجي. جيڪڏهن جنگ دوران ملڪ جي مستقل مفادن کان لاپرواهه ٿي، مقامي مفادن کي اهميت ڏني وئي ته اهڙو نقصان ٿيندو، جنهن جو ازالو ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هوندو.

هنن ڳالهين تي پڻ بحث ٿي رهيو آهي ته قديم زماني ۾ مواصلات جا وسيلا گهٽ ۽ ڪاپاري وارا هوندا هئا ۽ جنگي محاذ تي حالتون ڏاڍيءَ تيزيءَ سان تبديل ٿينديون رهنديون هيون ۽ ڪمانڊر کي وقتائتي معلومات ملي نه سگهندي هئي، تنهن ڪري تبديل ٿيل حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪمانڊر اندازن کان ڪم وٺندو هو. اهو بحث واقعي پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي. موجوده دور ۾ حالتون بلڪل تبديل ٿي چڪيون آهن. هاڻي ٽيليڪميونيڪشن، ٽيليويزن، هٿرادو سيارن وسيلي ڪمانڊر کي ترت ڄاڻ ملي سگهي ٿي ۽ هو جنگ جي ميدان تي ٿيندڙ تڪڙين تبديلين کي مهل سر منهن ڏئي سگهي ٿو. تنهنڪري جنگ جي نئين صورتحال مطابق هو پنهنجي فوج جي نئين سر ترتيب ڪري، نئين جنگي چال جي شروعات ڪري سگهي ٿو. هينئر هڪ ڪمانڊر کي اهو اختيار ڪونه آهي ته مقامي

مفادن ڪري سپريم ڪمانڊر جي حڪمن جي نافرماني ڪري، قديم دور جي جنگ جي عام اصول جي نقطئہ نظر کان سن زوءَ جو نظريو آهي تہ، "اهڙا ڪي موقعا بہ اچي ويندا آهن، جو ملڪ جي بادشاهہ جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ ضروري نہ هوندي آهي." سن زوءَ جو اهو اصول هاڻي شروع ٿي چڪو آهي.

سن زوءَ جون متضاد ڳالهيون

ٽيون نُڪتو هي آهي تہ سندس ڪي اصول ڏاڍا سخت ۽ مشيني آهن. مثال طور سندس بيان آهي تہ، "جنگ کان واپس موٽيندي گهرن ڏانهن ايندڙ فوجين جو بيهر جنگ ڏانهن رخ نہ موڙجي." گهيري ۾ آيل دشمن فوج کي پچڻ لاءِ ڳتو ڏيڻ گهرجي ۽ شڪست کاڌل يا مايوس دشمن سان اجائي زيادتي يا ان تي هروڀرو زور نہ رکيو وڃي."سندس هي اصول "ويڙهہ جو فن" نالي هن جي ڪتاب ۾ بيان ٿيل ڪيترن ئي اصولن جي بلڪل متضاد آهن. مثال طور سندس مشهور جملو آهي تہ، "بلند حوصلي واري دشمن کي ڇيڙڻ کان پاسو ڪيو وڃي. متس حملو تڏهن ڪيو وڃي، جڏهن ڏسو تہ دشمن سست ۽ ڪاهل لڳو وينو آهي ۽ فوج وطن وڃڻ لاءِ تيار ويٺي آهي." هي ذڪر مٿي بيان ڪيل سندس خيال کان بلڪل ابتڙ آهي. سندس پوئين اصول ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي ڪابہ گنجائش ڪانہ آهي ۽ اهو بلڪل صحيح آهي.

سن زوءَ پنهنجي جنگي فن جي باب "اڳرائيءَ واري حڪمت عملي" ۾ ٻڌائي ٿو تہ، "جڏهن اوهان دشمن کان ڏهوڻا هجو تہ دشمن تي ڪڙو چاڙهيو." هن کي تباهہ ڪرڻ واري جنگ چئبو آهي. سندس هي بيان بلڪل سچو ۽ کرو آهي. پر جيڪڏهن اوهان دشمن فوج جي چوڌاري ڪڙي چاڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيو تہ ان کي پچڻ جو موقعو ڏيڻ لاءِ ڪوبہ ڳتو نہ ڇڏيو. هوائي هاءِ واري محاذ تي جيڪڏهن پي. ايل. اي دشمن کي پچڻ لاءِ ڳتو ڏئي ها تہ اهو چيني کي جبل ڏانهن موٽڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ جي برابر هو. ڇا ائين ڪرڻ سان پي. ايل. اي دشمن کي ماري ناس ڪرڻ جو موقعو وڃائي ڪونہ ڇڏي ها؟ گهيري ۾ آيل دشمن کي پچڻ لاءِ "ضروري رستي" ڏيڻ کي نهايت سخت سمجهيو ويو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾

"ضرور" جو لفظ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر گهيري ۾ آيل دشمن کي ڳتو ڏيڻ فقط تڏهن ضروري سمجهيو ويو آهي، جڏهن اوهان جنگ کي جلديءَ ۾ ختم ڪرڻ گهرو ٿا. دشمن کي دوکو ڏئي ڪنهن مناسب جڳهہ تي متس اوچتو خطرناڪ حملو ڪرڻ چاهيو ٿا.

جيتري قدر "جان جوکي ۾ وجهڻ واري دشمن تي گهڻو زور نہ رکو" جي اصول جو تعلق آهي تہ اهو ڪل جهڙو پوڳ چرچو آهي. ان لاءِ مائوزي تونگ جي شاعريءَ ۾ بہ سٽون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جيڪي وڌيڪ صحيح آهن:

"اسان کي پنهنجي پوري سگهہ سان ۽ نقصان کان بچڻ لاءِ
پڄندڙ دشمن جو پيڇو ڪرڻ کپي."

۽ پوئي جهڙي زبانگ يو فاتح کي هرويرو شهرت نہ ملڻ گهرجي. سن زوءَ جو ڪتاب "ويڙهہ جو فن" اڄ کان بہ هزارن ورهين کان وڌيڪ عرصو اڳ لکيو ويو آهي، جنهن ۾ بيان ڪيل ڪيترا اصول ۽ ضابطا عملي طور سچا ۽ آفاقي حيثيت جا مالڪ آهن. تنهنڪري هي ڪتاب چيني ماڻهن لاءِ هڪ بي مثال ورثي جي حيثيت رکي ٿو ۽ جيڪو مستقبل ۾ ٿيندڙ اڳرائين خلاف جنگ جوٽڻ جا اصول ٻڌائي ٿو.

هي ڪتاب نئين پيدا ٿيندڙ جاگيردار طبقي جي مفادن لاءِ لکيو ويو هو. تنهن ڪري منجهس ڪي اوڻايون آهن. هن جا ڪي اصول رجعت پسندانہ پڻ آهن. اهو وقت جي ڪميءَ ۽ مصنف جي شخصي سماجي رتبي ڪري ٿيو آهي. تحقيق دوران هن ڪتاب جي اهڙين اوڻاين کي ضرور نظر ۾ رکجي. اهوئي طريقو آهي جنهن سان فوجي سائنس کي ترقي ملي سگهي ٿي ۽ نت نوان خيال بہ جنم وني سگهن ٿا.

پاڱو ٽيون

باب پهريون

اندازا (Estimates)

جنگ ڪنهن بہ ملڪ لاءِ اهم حيثيت رکي ٿي. هي موت ۽ زندگيءَ جي مسئلي سان واسطو رکي ٿي. هيءَ هڪ سڙڪ آهي، جيڪا زنده رهڻ يا تباهيءَ ڏانهن ويندي آهي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي تہ انهيءَ جو مطالعو پوريءَ ڳڻ ڳوت ۽ خبرداريءَ سان ڪيو وڃي.

جنگ جي نتيجن کي يقيني بنائڻ لاءِ پنجن اهم ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۽ دشمن جي جنگي حالتن جو هڪ تقابلي اڀياس ڪرڻو پوندو. مٿي بيان ڪيل پنجن ڳالهين مان پهرين سياست، ٻي موسم، ٽين مقامي فوجي مقصدن لاءِ مناسب علائقو، چوٿين ڪماندر ۽ پنجين ڳالهہ جنگي اصول هوندا آهن. سياست جي معنيٰ آهي: رعيت جا حڪمران سان بهتر تعلقات. جيڪڏهن حڪمران ۽ سندس رعيت وچ ۾ لڳ لاڳاپا سٺا هوندا تہ سندس چوڻ تي پنهنجون حياتيون قربان ڪري ڇڏيندا ۽ ڪنهن بہ خوف خطري جو خيال نہ ڪندا. موسم جو مطلب آهي: رات، ڏينهن، ٿڌ، ڪاڙهو، چئني ڏينهن يا مينهن يا موسم جي تبديلي وغيره. فوجي مقصدن لاءِ مناسب علائقي جي معنيٰ آهي: ان علائقي جو فاصلو. ان علائقي مان سولائيءَ سان گذري سگهجي ٿو يا تڪليف سان. اهو کليل آهي يا سوڙهو يا ان مان بچڻ جا امڪان وڌيڪ آهن يا موت جا ڪماندر کي فوجي جنرل جهڙو سياڻو سچيت، سچو، سخي، دلير ۽ نظم ضبط ۾ سخت مزاج هئڻ کپي. اصول ۽ ضابطا فوجي تنظيم، عملدارن جي عهدن ۾ ترقي، رسد وارن رستن جي باقاعدگي ۽ فوج کي کاڌي خوراڪ ۽ جنگي سامان جي فراهمي.

مٿي ذڪر ڪيل پنجن اهم ڳالهين کان هر فوجي جنرل کي واقف هئڻ گهرجي. جيڪي جنرل هنن ڳالهين کي چڱي ريت ذهن نشين ڪندا، اهي

جنگ ۾ ضرور سوپارا ٿيندا ۽ جيڪي هنن ڳالهين کان لاپرواهہ هوندا سي شڪستون کائيندا. تنهنڪري جنگ جي منصوبي بنديءَ ڪرڻ مهل هيٺ بيان ڪيل ستن نڪتن جو تقابلي اڀياس ڪجي ۽ ڏيان ۽ گيان سان انهن بابت اندازا ڪجن.

(1) ڪهڙو حڪمران وڌيڪ ڏاهو ۽ لائق آهي؟
(2) ڪهڙو ڪماندر وڌيڪ سياڻو ۽ سچيت آهي؟
(3) ڪهڙيءَ فوج کي فطري سهوليت ۽ فوجي مقصدن لاءِ مناسب علائقو هٿ ۾ آهي؟
(4) ڪهڙيءَ فوج ۾ اصول ۽ ضابطا آهن ۽ اها اعليٰ عملدارن جي ڏنل هدايتن جي سختيءَ سان پوئواري ڪري رهي آهي يا نہ؟
(5) ڪهڙي لشڪر جا فوجي يونٽ وڌيڪ مضبوط آهن؟
(6) ڪهڙي فوج ۾ وڌيڪ عملدار ۽ فوجي سپاهي سکيا ورتل آهن؟
(7) ڪهڙيءَ فوج انعامن ۽ سزائن ڏيڻ ۾ روشن ضميريءَ کان ڪم ورتو آهي ۽ بئي ڳالهيون نهايت صحيح طريقي سان ٿي رهيون آهن؟

هتي بيان ڪيل انهن ستن ڳالهين مان اڳواٽ ئي سمجهي وٺبو تہ ڪهڙي فوج جي جنگ ۾ سرسي ٿيندي ۽ ڪهڙي فوج هارائيندي.

جيڪو جنرل منهنجين هنن ڳالهين تي سختيءَ سان عمل ڪندو، سو جنگ ۾ ضرور سوپارو ٿيندو. اهڙي ئي جنرل کي فوج جو مهندار هئڻ کپي، پر منهنجي مشوري تي عمل نہ ڪندڙ جنرل پڪ سان هارائيندو ۽ اهڙي جنرل کي فوج جي مهنداري واري عهدي تان موقوف ڪرڻ کپي. منهنجي مشوري ۽ منصوبي بنديءَ تي عمل ڪرڻ سان جنرل اهڙي صورتحال بڻائي وٺندو، جيڪا فتح لاءِ لازم هوندي آهي. صورتحال مان منهنجو مطلب آهي جنگي ميدان واري وابو منڊل تي سوچڻ ويچارڻ ۽ سهوليتن مطابق ضروري ڳالهين تي عمل ڪرڻ.

سموري جنگي ڪارڪردگي دوکي تي مدار رکي ٿي. جڏهن سمجهو تہ اوهان دشمن تي حملي ڪرڻ لائق آهيو تہ ڪمزور هئڻ جو ڏيک ڏيو؛ جو دشمن سمجهي تہ اوهان ۾ ڪو وِت ۽ سگهہ ئي نہ آهي. جڏهن اوهان فوجي چرپر واسطي دشمن جي بلڪل ويجهو پهچو تہ دشمن کي ڏيکاريو تہ اوهان تمام گهڻو پري آهيو. جڏهن اوهان پري هجو تہ دشمن کي محسوس

ڪرايو ته اوهان سندس پرسان پهچي ويا آهيو. دشمن کي ترغيب ڏئي ڪيس دوکي سان ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪريو. دشمن تي ان وقت حملو ڪريو، جڏهن هو بدنظميءَ جو شڪار هجي. جڏهن دشمن هر نقطئه نظر کان محفوظ هجي ته اوهان جنگي تيارين ۾ لڳي وڃو. جيڪڏهن دشمن مضبوط آهي ته ٿوري وقت لاءِ ڪانئس پاسو ڪري وڃو. جيڪڏهن اوهان جو دشمن تيز ۽ ٽانڊي تپڻو آهي ته ڪيس چڙ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن آڪڙيل ۽ هنيلو آهي ته وڏيڪ آڪڙ ۽ وڏائي ڪرڻ لاءِ ڪيس ترغيب ڏيو ۽ سندس انا جي حوصلي افزائي ڪريو. جيڪڏهن نئين سر تنظيم ڪان پوءِ دشمن جا فوجي يونٽ وڙهڻ لاءِ بلڪل تيار آهن ته انهن کي ٽڪائي چوڙ ڪرڻ جا جتن ڪريو. جيڪڏهن دشمن فوج ۾ اتحاد آهي ته انهن ۾ نفاق وجهڻ جي ڪوشش ڪريو. اهڙي جڳهه تي حملو ڪريو، جتي دشمن مقابلي لاءِ تيار نه هجي ۽ ڪيس وهم گمان ئي نه هجي. جنگي حڪمت عملي جي ماهرن لاءِ فتح واسطي هي ڳالهيون ڪنجيءَ جي حيثيت رکن ٿيون. اهڙين ڳالهين کي وقت کان اڳي ۽ تفصيلي طور تشڪيل ڪرڻ ممڪن نه آهي.

جيڪڏهن جنگ کان اڳ سوچي ويچاري ڪي اندازا قائم ڪيا ويا آهن ته اها فتح جي علامت آهي. ڇاڪاڻ ته ڏيان ۽ گيان سان صحيح اڳڪٿيون ڪرڻ مان پتو پئجي ويندو آهي ته حالتون دشمن ذر بدران اوهان جي فائدي ۾ آهن ۽ فتح اوهان جي آهي. جيڪڏهن اهڙي سوچ ويچار مان پتو پوي ته شڪست ايندي ته سمجهڻ کپي ته جنگ دوران فائدي ملڻ وارا موقعا گهٽ آهن. جيڪڏهن سوچي ويچاري صحيح نموني سان تخمينا لڳائبا ته فتح حاصل ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن تخمينن لڳائڻ مهل سوچ ويچار کان ڪم نه ورتو ويو ته شڪست ملندي. جيڪڏهن جنگ کان اڳ سوچي ويچاري اندازا نه ڪيا ويندا ته فتح جا امڪان گهٽ هوندا. ان جو مطلب آهي ته ڪو ماڻهو جنگ کان اڳ ئي ان جي نتيجي بابت اڳڪٿي ڪري سگهي ٿو.

باب پيون

جنگ جوڙڻ

جنگ جي سرگرمي ان وقت شروع ڪئي وڃي، جڏهن چئن گهوڙن وارا هڪ هزار ۽ وڏا رٿ هڪ هزار ۽ هڪ هزار زرهه پوش فوجي سپاهي هجن، کاڌ خوراڪ ۽ جنگي سامان کي هڪ هزار "لي" پنڌ تائين کڻي وڃڻ جهڙي آمدرفت هٿ ۾ هجي، جنگي محاذ ۽ ملڪي ضرورتن مطابق خرچ پکو، سفيرن ۽ صلاحڪارن جي تفريح جو انتظام هجي. ان ڪانسواءِ ڪئونر، لاک، رٿن ۽ زرهن خريد ڪرڻ جيتري رقم موجود هجي، جيڪا اندازاً هڪ هزار سونا سڪا هر روز تي سگهي ٿي. ايتري خزاني هجڻ کان پوءِ جنگي محاذ تي هڪ لک فوج رواني ڪري سگهجي ٿي.

جنگ جو مکيه مقصد تيز رفتار فتح هوندو آهي. جيڪڏهن جنگ اينگهي وئي تہ هٿيار بيڪار ۽ فوجي حوصلو هاري ويهندا. فوج طرفان شهرن تي حملي ڪرڻ سان فوج جي سگهہ کي هاڃو رسندو. جنگ جي ڊگهي ٿي وڃڻ سان ملڪي وسيلا ڪٽي ويندا آهن. جڏهن هٿيار بيڪار، امنگ ۽ اتساهہ ٿڌا، طاقت ختم ۽ خزانا خالي ٿي ويندا تہ توهان جا پاڙيسري حڪمران اوهان جي اهڙن مسئلن جو فائدو وٺندا. ان کان پوءِ نڪرندڙ خراب نتيجن کي ڪوبہ ڏاهو حڪمران منهن ڏئي نہ سگهندو آهي. اسان جنگ ۾ بيوقوفيءَ سان ڪيل ابهرا حملا تہ ٻڌا آهن، پر اهو ڪونہ ٻڌو آهي تہ سياڻپ ۽ سچيتائيءَ سان ڪيل حملي سان جنگ ڊگهي ٿي وئي هجي. ڊگهيءَ جنگ مان ڪنهن بہ ملڪ کي فائدو نہ رسندو آهي. تنهن ڪري جيڪي ڪمانڊر فوجي ترتيب ۾ موجود اوڻاين کي سمجهي نہ سگهندا آهن، اُهي اهڙين فائدي وارين ڳالهين کي بہ سمجهي نہ سگهندا آهن.

جيڪي ڪمانڊر جنگ جي ابتدا ڪرڻ جا ماهر هوندا آهن، تن کي فوج جي نئين ڀرتيءَ ۽ فوجي سامان جي بہ ٻيهرا روانگي کان وڌيڪ ضرورت نہ

پوندي آهي. اهڙا ڪمانڊر فوجي سامان ته پنهنجي ملڪ مان ڪٽي هلندا آهن. پر کاڌو خوراڪ دشمن ملڪ مان هٿ ڪري وٺندا آهن. اهڙيءَ ريت فوج کي تمام گهڻو کاڌو خوراڪ ملي ويندو آهي.

جڏهن جنگ سبب ملڪ ڪنگال ٿي ويندو آهي ته ان جو ڪارڻ اهو هوندو آهي ته جنگ جي ميدان ڏانهن رسد وارو سامان گهڻي پنڌ تائين ڪٽي محتاج ٿي پوندا آهن. جن علائقن ۾ فوج پهچندي آهي، اتي ڪاپي جي شين جا اگهه چوٽ تي چڙهي ويندا آهن. اگهن جي چڙهڻ سان دولت ماڻهن جي هٿن مان ڪسڪي ويندي آهي. اهڙين حالتن ۾ ماڻهن تي ڳاٽي ٽوڙ محصول مڙهيا ويندا آهن. ملڪ جي ڪنگال ٿيڻ ۽ طاقت جي ختم ٿي وڃڻ ڪري گهريلو استعمال جي شين جو معيار ڪِري پوندو آهي ۽ ماڻهن جي دولت جو ست ڀاڱي ڏهه سيڪڙو حصو اهڙين ڳالهين تي خرچ ٿي ويندو آهي. جيتري قدر سرڪاري خرچ پڪي جو تعلق آهي ته ان سڄي پيداوار جو سٺ سيڪڙو ڀڳل رٿن، ڪمانن، تيرن، ڍالن، ڀالن جي مرمت، ٽڪل گهوڙن، ڳاڏي ڇڪڻ وارن ڍڳن ڏاندن جي خريداريءَ تي خرچ ٿي ويندو آهي.

تنهنڪري هڪ سچيت فوجي جنرل کي لشڪر جي کاڌي خوراڪ لاءِ دشمن ملڪ تي ڀاڙڻو پوندو آهي. دشمن ملڪ مان هٿ ڪيل هڪ "زونگ" جيترو سيڌو سامان پنهنجي ملڪ جي ويهن "زونگن" برابر ٿيندو. اهڙيءَ ريت دشمن ملڪ ۾ وهٽن جي چاري لاءِ خرچ ٿيندڙ هڪ شي (Shi) پنهنجي ملڪ جي ويهن "شي" جي برابر هوندي.

دشمن کي شڪست ڏيڻ جي مقصد سان پنهنجي فوجي سپاهين جي دل وڌائي وجي ۽ سندن حوصلا بلند رکيا وڃن. ان کان سواءِ منجهن دشمن خلاف غصي پيدا ڪرڻ واسطي اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن. اهو پڻ اعلان ڪيو وڃي ته جيڪو فوجي سپاهي دشمن جو وڌ ۾ وڌ مال غنيمت هٿ ڪندو، ان کي وڏو انعام ڏنو ويندو.

جيڪڏهن رٿن واريءَ ويڙهه ۾ دشمن جا ڏهه رٿ هٿ لڳي ٿا وڃن ته اهڙي فوجي سپاهيءَ کي انعام سان نوازيو وڃي، جنهن سڀني کان پهرين دشمن جو رٿ هٿ ڪري ورتو هجي. دشمن جي جهنڊن ۽ نشانن کي پنهنجن جهنڊن ۽ نشانن ۾ تبديل ڪريو. دشمنن جي هٿ آيل رٿن کي

پنهنجن سان گڏائي ڪم آڻيو. جنگي باندين جو گهڻو خيال رکيو وڃي ۽ انهن جي سار سنڀال ۾ گهٽتائي نہ ڪئي وڃي. اهڙين ڳالهين کي "جنگ کٽڻ ۽ طاقتور ٿيڻ" سڏيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري سڀ کان وڏيڪ قيمتي شيءِ اها سوڀ آهي، جيڪا تيز رفتاريءَ سان ماڻي وڃي. جيڪو جنرل فوجي ترتيب ۽ صفبنديءَ جو ماهر هوندو آهي، ان کي ماڻهن جي مقدر جو مختار ۽ قوم جي تقدير جو امين سڏيو ويندو آهي.

باب ٽيون

اڳرائيءَ واري حڪمت عملي

عام طور تي جنگ جي بهتر حڪمت عملي اها آهي ته دشمن ملڪ کي ڦٽائي ناس ڪرڻ بدران ان کي هڪ سالم شڪل ۾ فتح ڪيو وڃي. دشمن جي سموري فوج کي جنگي باندي بنائڻ ان جي قتل ڪرڻ کان بهتر آهي. (چيني ٻوليءَ ۾ ريجمينٽ، ڪمپني ۽ اسڪواڊ کي ترتيبوار لو، زو ۽ وو سڏيو ويندو آهي. قديم چين ۾ لو ۾ پنج سئو، زو ۾ هڪ سئو ۽ وو ۾ پنج فوجي سپاهي هوندا هئا.) هڪ سئو جنگين ۾ هڪ سئو فتحون ماڻڻ وڏي ڳالهه ڪانه آهي، پر دشمن کي بنا جنگ ڪرڻ جي ڳالهه ٻولهه وسيلي آڻ مڃائڻ اعليٰ عقلمندي آهي.

جنگ ۾ اهم ڳالهه دشمن جي جوڙيل قلعن ۽ حڪمت عملين تي حملو ڪرڻ سمجهيو ويندو آهي. ان کان پوءِ بهتر ڳالهه سفارت وسيلي دشمن جي ٻين بادشاهن سان ڪيل اتحاد کي ڊانوانڊول ڪرڻ آهي. ٽئين نمبر تي پلي ڳالهه دشمن فوج تي حملو ڪرڻ سمجهي وڃي ٿي. سڀ کان خراب جنگي حڪمت عملي شهرن تي حملو ڪرڻ آهي. شهرن تي فقط تڏهن حملو ڪيو وڃي، جڏهن ان جو ٻيو متبادل نه هجي، ڇاڪاڻ ته ايئن ڪرڻ لاءِ وڏيون ڍالون ۽ فوج لاءِ وڏيون گاڏيون تيار ڪرائيون پونديون. ان کان سواءِ وڌيڪ فوجي سامان جي ضرورت پوندي، جنهن کي هٿ ڪرڻ لاءِ ٽن مهينن جي گهرج پوندي فوجين کي حڪم ڪيو ويندو ته اُهي ان کان پوءِ دشمن جي قلعي جي چوڌاري ڪيڙين ماڪوڙن جيان گڏ ٿي وڃن، ۽ پوءِ نتيجو اهو نڪرندو ته هو پنهنجيءَ فوج جو پورو ٽيون حصو ڪهائي وجهندو ۽ شهر به فتح ڪونه ٿيندو، ان ڪري شهرن تي حملو ڪرڻ وڏي ڪاپاري ۽ ڏچي جو ڪم آهي.

جنگين جا ماهر ڪمانڊر دشمن فوج کي بنا جنگ ڪرڻ جي فقط ڳالهه

ٻولهہ وسيلي آڻ مڃائيندا آهن. ان ڪان سواءِ هو دشمن ڏر جي شهرن تي بنا رتوڇاڻ جي قبضو ڪري وٺندا آهن ۽ ڊگهي جنگ ڪان سواءِ ملڪ سندن راڄ ۾ شامل ٿي ويندو آهي. سندن اختيار ڪيل حڪمت عملي اهڙي هوندي آهي، جو بنا ڪنهن تباهيءَ جي سارو ملڪ هڪ سالم شڪل ۾ فتح ڪري وٺندا آهن. انهيءَ طريقي سان هنن جي فوج بہ زيان نہ ٿيندي آهي ۽ فائدو تمام گهڻو ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح اڱرائيءَ جي حڪمت عملي بہ هڪ فن آهي

جيڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪامياب نہ ٿيون ٿين تہ پوءِ فوج کي ڪتب آڻڻ جو فن هيءُ آهي تہ جڏهن اوهان جي فوج دشمن لشڪر ڪان ڏهوڻ تي وڌيڪ آهي تہ مٿس حملو ڪريو. جيڪڏهن اوهان دشمن ڪان پيٽا آهيو تہ توهان دشمن جي فوج کي ٻن حصن ۾ ورهائجڻ لاءِ مجبور ڪريو ۽ جيڪڏهن اوهان جي دشمن جي فوج هڪ جيتري آهي تہ پوءِ اوهان هڪ بهترين جنگي رٿابندي ڪريو. جيڪڏهن اوهان دشمن ڪان تعداد ۾ تورا آهيو تہ پوءِ عقلمنديءَ سان جنگ تان هٿ ڪڍي وڃو. پر جيڪڏهن اوهان سيني پاسن ڪان هيٺا آهيو تہ ان کي دوکو ڏئي پڇي هليا وڃو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هڪ طاقتور فوج وڏي جوش ۽ جذبي سان جنگ ڪندي تہ ٿورو لشڪر ان جي بکيءَ ترار جو ڪاچ بڻجي ويندو.

فوجي جنرل ملڪ جي حڪمران جو ٻانهن ٻيلي يا مددگار هوندو آهي. جيڪڏهن هيءُ حڪمران سان هر ملڪي مسئلي تي مخلص آهي تہ ملڪ پڪ سان طاقتور ٿي ويندو. ٻيءَ صورت ۾ ملڪ يقينن ڪمزور ٿي ويندو. هيٺ اهڙيون ٽي ڳالهيون بيان ڪجن ٿيون، جن وسيلي نااهل جنرل، فوج کي تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي.

(1) جڏهن کيس خبر ڪانہ آهي تہ فوج پيش قدمي ڇو نہ ٿي ڪري ۽ ان کي پيش قدمي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو يا جڏهن کيس اها خبر ڪانہ آهي تہ فوج آرام ڇو نہ ٿي ڪري.تہ ان کي آرام ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو. اهڙيءَ ڳالهہ کي "فوج کي ڏانوڻ وجهڻ" سڏبو آهي.

(2) جڏهن حڪمران فوجي معاملن ڪان بي خبر هوندو آهي ۽ هرويرو ان جي انتظامي معاملن ۾ دست اندازي ڪندو آهي تہ ان عمل سبب فوجي عملدار منجهي وائڙا ٿي پوندا آهن.

(3) جڏهن حڪمران کي فوجي حڪمن جو پتو نه هوندو آهي، ۽ هو جنگ ڪرڻ جا حڪم صادر ڪندو آهي ته ائين ڪرڻ سان فوجي عملدارن جي دلين ۾ شڪ ۽ شبها پيدا ٿيندا آهن.

جيڪڏهن فوج منجهيل ۽ وهمن ۾ وسوڙيل هوندي ته پاڙي جا بادشاهه اهڙيءَ منڊل صورتحال مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جنهن جي معنيٰ اها ٿيندي ته منجهيل فوج دشمن جي فتح جو ڪارڻ ٿيندي آهي. اهڙيءَ ريت پنجن نڪتن وسيلي ان فتح جي اڳڪٿي ڪري سگهجي ٿي.

(i) جنهن جنرل کي اها سوڌي ڄاڻ هوندي آهي ته هن کي ڪڏهن وڙهڻ ۽ ڪڏهن نه وڙهڻ کپي ته اهو جنرل جنگ ۾ ضرور سوڀارو ٿيندو.

(ii) جنهن جنرل کي خبر آهي ته دشمن فوج جي سگهه کي نظر ۾ رکي ڪهڙيءَ ريت وڙهجي، سو ضرور فتح ماڻيندو.

(iii) جنهن جنرل جي فوج جو هر يونٽ پنهنجي مقصد ماڻڻ ۾ متحد ۽ مخلص آهي، سو جنگ ۾ ضرور سوڀارو ٿيندو.

(iv) جيڪو جنرل ذهني طور جنگ لاءِ تيار آهي ۽ اهڙي دشمن تي اوچتي حملي لاءِ گهٽ تاڙيو ويٺو آهي، جيڪو جنگ لاءِ تيار ئي ڪونه آهي سو جنگ ۾ ضرور فتحياب ٿيندو.

(v) جنهن حڪمران جا فوجي جنرل جنگ ۾ ماهر آهن ۽ هو جنرلن جي فوجي معاملن ۾ دست اندازي ڪونه ٿو ڪري سو حڪمران ضرور سوڀارو ٿيندو.

مٿي بيان ڪيل پنج نڪتا اهڙا آهن، جن جي مدد سان فتح واري گس کي سڃاڻي سگهجي ٿو. ان ڪري منهنجو چوڻ آهي ته پهريائين پنهنجي دشمن کي تڪيو توريو. پوءِ اوهان پنهنجي وِتَ سگهه کي جاچي پرکي ڏسو، ائين ڪرڻ سان اوهان بنا ڪنهن شڪست جي هڪ سئو جنگيون وڙهي سگهو ٿا. جڏهن اوهان دشمن بابت ڪجهه به نه ٿا ڄاڻو، پر اوهان کي پنهنجي وت ۽ سگهه جي خبر آهي ته جنگين کٽڻ ۽ هارائڻ جا موقعا هڪ جهڙا هوندا آهن. پر جيڪڏهن اوهان دشمن بابت به ڪجهه نه ٿا ڄاڻو ۽ پنهنجي وَت سگهه جو به پتو ڪونه اٿوَ ته پوءِ توهان هر جنگ ۾ شڪست کائيندؤ.

باب چوٿون

فوجي جوڙجڪ ۽ ڦهلاءُ

قديم زماني ۾ ڏاها ويڙهاڪ پهريائين پاڻ کي ناقابل شڪست بنائيندا هئا ۽ پوءِ دشمن جي ڪمزور ٽيڻ جو انتظار ڪندا هئا. ناقابل شڪست ٿيڻ پاڻ تي مدار رکي ٿو ۽ دشمن جي ڪمزور ٿيڻ جو لاڳاپو اُن سان واسطو رکي ٿو. ان جو مقصد اهو آهي تہ ڏاها ويڙهاڪ پاڻ کي مضبوط تہ ڪري سگهندا آهن، پر اهي پنهنجي دشمن کي ڪمزور ڪري نہ سگهندا آهن، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ڪمانڊر کي خبر هوندي آهي تہ فتح ڪهڙي طريقي سان حاصل ڪري سگهجي ٿي، پر اهو ضروري نہ هوندو آهي تہ هو فتح حاصل بہ ڪري سگهي.

جڏهن تون دشمن کي شڪست ڏئي نہ ٿو سگهين تہ تون پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪر. دشمن تي حملو فقط ان وقت ڪر جڏهن تون سمجهين تہ تون مٿس حملي ڪرڻ لائق ٿي ويو آهين.

جنرل پنهنجو بچاءُ تڏهن ڳوليندو آهي، جڏهن هو سمجهندو آهي تہ سندس طاقت اڻپوري آهي. انهيءَ ڪري حملو فقط تڏهن ڪندو آهي جڏهن اهو سمجهندو آهي تہ وٽس تمام گهڻي طاقت آهي. جيڪي جنرل پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جا ماهر هوندا آهن تہ اهي ائين لڪي ويندا آهن، ڄڻ هن ڌرتيءَ جي ٻن تهن هيٺان وڃي پنهنجي سر جو بچاءُ ڪندا آهن. (قديم چين ۾ نون جو انگ تمام وڏو سمجهيو ويندو هو.) جيڪڏهن حملو ڪيو وڃي تہ اهڙيءَ ريت ڪيو وڃي، جو سمجهيو وڃي تہ ڄڻ نون اڀن (آسمانن) تان وڄ ڪري آهي. اهڙيءَ ريت پاڻ کي بہ بچائيو آهي ۽ سوڀ بہ ماڻي ورتي آهي.

هڪ جنرل کي عام ماڻهوءَ جيان فتح جي اڳڪٿي ڪرڻ نہ کپي. جيڪڏهن هو ائين ڪندو تہ سندس اها ڏاهپ ڪانہ چئبي. جيڪڏهن توهان ڪا جنگ کٽي آهي تہ توهان کي دنيا جو "جنگي ماهر" سڏڻ غلط آهي. جيڪڏهن توهان خزان کي هيٺ آڻيندؤ تہ اها توهان جي طاقت جي علامت

ڪانہ آهي. سچ ۽ چنڊ ۾ پيٺ ڪرڻ توهان جي نور بصيرت جي پرک نہ آهي. گجگوڙ جي آواز ٻڌي سگهڻ سان اهو سمجهڻ نہ کپي تہ اوهان ڪنن جا ڏاڍا سرلا آهيو. قديم زماني جي چوٽي آهي تہ جيڪي جنگي ماهر دشمن کي سولائيءَ سان فتح ڪندا آهن، اُهي پاڻ بہ سولائيءَ سان فتح ٿي سگهندا آهن. تنهنڪري جنگ کٽيندڙ ماهر پاڻ نہ ڏاهو سڏائيندو آهي ۽ نہ وري پاڻ کي دلير سمجهندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو غلطيون ڪرڻ کان سواءِ فتح حاصل ڪري وٺندو آهي. کيس فتح جي پڪ ان ڪري هوندي آهي، جو هن کا غلطي ڪانہ ڪئي هوندي آهي. ان مان اِيئن سمجهڻ کپي تہ هن اهڙي دشمن مٿان سوڀ حاصل ڪئي آهي، جيڪو جنگ ڪرڻ کان اڳ هارائي چڪو آهي. تنهنڪري هڪ ڏاهو فوجي ڪمانڊر اهڙي بيهڪ وٺندو آهي، جنهن ۾ هن کي شڪست نہ ڏيئي سگهجي ۽ هي ڪڏهن بہ دشمن تي غلبي حاصل ڪرڻ جو موقعو هٿان نہ وڃائي. ان ڪري فاتح فوج هميشہ منصوبي بندي مطابق وڙهندي آهي، جنهن مان سمجهيو ويندو آهي تہ فتح ممڪن آهي. پر شڪست کائيندڙ فوج فتح جي نلهي آسري تي وڙهندي آهي. وٽس ڪابہ اڳواٽ منصوبابندي نہ هوندي آهي. جنگ جا ماهر جنرل پنهنجون جنگي حڪمت عمليون جوڙيندا آهن ۽ ضابطن ۽ اصولن جي سختيءَ سان پابندي ڪندا آهن. تنهن ڪري وٽن اهڙي طاقت هوندي آهي جو فتح تي ضابطو ڪري وٺندا آهن.

جنگ جي فن جا اهم جزا هي آهن: فاصلي جي ماپ، مقدار جو اندازو، صحيح تخمينو، پروسي جوڳا ساٿي، فتح جا موقعا.

فاصلي جي ماپ: ميدان جي حساب سان ڪئي ويندي آهي. مقدار، ماپ ۽ تعداد انگن اکرن مان ورتو ويندو آهي. انگن اکرن جي تقابلي مطالعي مان فتح حاصل ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت هڪ فاتح فوج هڪ يي (قديم چين جو هڪ وٽ: جيڪو 24 اونسن جي برابر آهي.) جنهن کي هڪ داڻي سان توريو ويندو آهي ۽ شڪست کاڌل فوج هڪ اهڙي داڻي وانگر آهي جنهن کي يي سان توريو وڃي ٿو.

اها فوج جي ترتيب ۽ تقسيم هوندي آهي، جنهن سان فاتح جنرل پنهنجي فوج کي جيل جي چوٽيءَ تان ڪرندڙ پاڻيءَ جهڙي طاقت جيان ويڙهائيندو آهي، جيڪو جڏهن هيٺ زور سان وهندو آهي تہ آڏو ايندڙ هر شيءِ کي نهوڙيندو، ناس ڪندو وڃي پاتال ۾ توڙ ڪندو آهي.

باب پنجون

دشمن جي فوجي بيهڪ ۽ ترتيب

عام طور تي وڏي فوج جو انتظام ٽورن ماڻهن جي انتظام رکڻ جهڙو هوندو آهي ۽ اهو تنظيمي معاملي سان واسطو رکندو آهي. هڪ وڏيءَ فوج کي به ساڳيءَ ريت منظم ڪري سگهجي ٿو. جهڙيءَ ريت هڪ مختصر فوج کي. ۽ اهو معاملو فوجي دستن جي خاص ترتيب ۽ اشارن سان واسطو رکي ٿو. ان جي معنيٰ اها ٿيندي ته فوج، دشمن لشڪر جي بنا شڪست کائڻ جي حملي جي سٽ سهي ويندي. اهو ان ڪري ٿيندو آهي، جو خاص ۽ عام فوج جي جنگي سرگرمي بهتر هوندي آهي. فوج دشمن مٿان اهڙيءَ طرح زور سان حملو ڪندي آهي، جهڙيءَ ريت هڪ وزني پٿر کي مٿان اڇليو ويندو آهي. ان جو مثال ايئن آهي ته نهري شيءِ کي هڪ خالي شيءِ مٿان اڇليو وڃي.

جنگ ۾ عام قسم جي فوج کي دشمن سان وڙهڻ لاءِ مقرر ڪيو وڃي ۽ خاص قسم جي فوج فقط فتح جي مقصدن لاءِ ڪم آڻجي. خاص قسم جي فوج کي استعمال ڪرڻ وارن لاءِ وسيلا، زمين ۽ آسمان توڙي وسيع ۽ وڏن درياهن جي وهڪرن جيان اڻکٽ هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته اهي ختم ٿي وري نئين سر پاڻ مرادو وهڻ شروع ٿيندا آهن. چنڊ ۽ سج وانگر سدائين پيا ڦرندا رهندا آهن. اهي مرندا ۽ وري جمندا آهن. گذريل موسم وانگر جيڪا وري به موٽي ايندي آهي. ڳائڪيءَ جا مکيه سُر پنج آهن، پر انهن جي ميلاپ سان بيشمار سُر جڙي پوندا آهن، جن کي ڪير ٻڌي نه سگهندو آهي. ڳڏوڳڏ عام ۽ خاص قسم جي ڪاڏي وارين شين جي ميلاپ سان بيشمار ذائقا پيدا ٿي پوندا آهن، جن کي ماڻهو چکي نه سگهندو آهي. جنگ ۾ به فقط خاص ۽ عام قسم جي نوج هوندي آهي. پر انهن کي ملائڻ سان فوج جا بيشمار نمونا جڙي پوندا آهن، جن کي ڪير سمجهي به نه سگهندو

آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻن قسمن جي هيءَ فوج، فوجي يونٽن جي بيشمار نمونن کي جنم ڏيندي آهي. اها هڪ قسم جي اڻ کٽ گول دائري ۾ ڦرندي رهندي آهي. ڇا انهن جي ميلاپ واري سگهہ کي ختم ڪرڻ جو امڪان آهي؟

جبل جي چوٽين تان ڪرندڙ نئيون وڏن پٿرن کي پري اڇلائي ڇڏينديون آهن، ڇو تہ انهن جي رفتار بي انتها تيز هوندي آهي. جڏهن باز تيز رفتاريءَ سان پنهنجي شڪار تي حملو ڪندو آهي تہ ان جي جسم جي هڏي هڏي ڀڃي ڇڏيندو آهي، ڇو تہ اهڙو حملو وقت جي تيزيءَ وارو عمل هوندو آهي. جنگي ماهر لاءِ تيز رفتاري تمام اهم هوندي آهي ۽ سندس حملو وقتائو ٿيندو آهي. سندس امڪاني طاقت زور سان ڇڪيل ڪمان وانگر ۽ ان جي رفتار دٻايل ٽرگر وانگر نهايت تيز هوندي آهي.

وڳوڙ ۽ گوڙ گهمسانن ۾ جنگ بہ بدنظميءَ ۽ انتظار جو شڪار ٿي ويندي آهي، پر جنرل جي فوجي يونٽن ۾ بدنظمي هئڻ نہ گهرجي. جنگي ميدان تي ڀلي بدنظمي ۽ وڳوڙ هجي، پر فوج ۾ نظم ۽ ضبط هئڻ لازمي آهي. ان مان ثابت ٿي ويندو تہ اوهان شڪست نہ کائيندا. ظاهر ٿيندڙ مونجهارو بهتر نظم ۽ ضبط جي پيداوار هوندو آهي. ڪوڪلي بهادريءَ مان گيدي پڻو ۽ ڪوڪلي طاقت مان ڪمزوري پيدا ٿي ويندي آهي. نظم ضبط، بدنظمي ۽ انتظام، جنرلن جي حڪمن تي بنياد رکي ٿو. بهادري ۽ گيدي پڻو حالتن سان لاڳاپيل هوندا آهن. طاقت ۽ ڪمزوري، جنگي چال ۽ فوجي ترتيب ۽ تقسيم سان تعلق رکن ٿا. اهڙيءَ ريت ڏاهو ڪمانڊر جڏهن پنهنجي پسند مطابق دشمن فوج کي پنهنجي ضرورت مطابق برغلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ڪا لالچ ڏئي نڳي ڪري ڪيس پيش قدميءَ ڪرڻ لاءِ هرکائيندو آهي. جنهن ڪانپوءِ هو پنهنجي چونڊ بهادر فوج وٺي مناسب جاءِ تي مٿس وڃي حملو ڪندو آهي.

تنهنڪري هڪ ماهر ڪمانڊر پنهنجي ماتحت عملدارن کان فتح جي تقاضا نہ ڪندو آهي، پر صورتحال مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو ٻاڻ چونڊ فوجي ساڻ کڻي صورتحال مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. صورتحال مطابق ڪم ڪندڙ ۽ پنهنجن ماڻهن کي ويڙهہ ۾ صحيح نموني ڪتب آڻيندڙ جنرل اهڙو ڪم ڪندو آهي، جڻ تہ جبل جي چوٽيءَ تان ڪاٺ جا وڏا بنڊ يا وڏا پٿر هيٺ اڇليندو هجي. ڪاٺ جا بنڊ ۽

وڏا پٿر مضبوط ڌرتيءَ تي ڪيڏانهن بہ ڪونہ ڇُرندا آهن، پر هيٺاهينءَ تي سِرڪڻ شروع ڪندا آهن. ڪاٺ جو بُنڊ ۽ پٿر جيڪڏهن چوڪندو هوندو تہ هيٺاهين ڏانهن ڪونہ سِرڪندو، جيڪڏهن گول هوندو تہ ڦري ويندو. جيڪڏهن جنگ ۾ فوجي طاقت کي ڏاهپ سان ڪم آڻبو تہ ائين محسوس ٿيندو ڄڻ هزارن فوٽن جي اوچن جبلن تان گول قسم جي وڏن پٿرن کي هيٺ اچلايو پيو وڃي. اهي تيز رفتاريءَ سان جتان بہ ويندا، هر چيز کي نهوڙيندا ناس ڪندا ويندا.

باب ڇهون

دوکو ۽ حقيقت

عام اصول اهو هوندو آهي تہ جيڪو جنرل اڳ ۾ اچي جنگي ميدان پرسان منزل ڪندو ۽ اتي ويهي دشمن جي اچڻ جو انتظار ڪندو آهي، تنهن کي وڌيڪ جنگي سهوليتون ميسر هونديون آهن. جيڪو فوجي جنرل دير سان پهچندو آهي ۽ ابهرائي ڪري جنگ ۾ ڪُڏي پوندو آهي، سو پري کان اچڻ ڪري گهٽو ٿڪل هوندو آهي. جنگ جا ماهر دشمن کي هرڪائي کيس جنگ جي ميدان ڏانهن اچڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن، پر انهن کي دشمن لانچائي جنگ جي ميدان ڏانهن اچڻ لاءِ مجبور نہ ڪندو آهي. جڏهن ڪو ڪمانڊر پنهنجي پسند سبب دشمن کي جنگ جي ميدان ڏانهن آڻيندو آهي تہ دوکو ڪري ۽ ڪا لالچ ڏئي کيس ايئن ڪرڻ لاءِ آماده ڪندو آهي، ۽ جڏهن ڪو ڪمانڊر دشمن کي اڳتي وڌڻ کان روڪيندو آهي تہ بہ ايئن ڪرڻ لاءِ کين دوکي يا لالچ وارو ڍونگ ڪرڻو پوندو آهي.

جڏهن دشمن کي سهوليتون ميسر هجن تہ کيس ٿڪائڻ جا جتن ڪريو. جڏهن وٽس کاڌي خوراڪ جو سامان ججهو هجي تہ اوهان کيس بک مارڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن هو هڪ جائتو آرام سان وينو آهي تہ ان کي پيش قدمي لاءِ مجبور ڪريو.

انهن جڳهن تي حملا ڪريو، جن کي هو بچائڻ ۾ ناڪام ٿئي. تيز رفتاريءَ سان ان پاسي پيش قدمي ڪري پهچو، جنهن لاءِ دشمن کي وهم گمان بہ نہ هجي.

جيڪڏهن اوهان بنا ٿڪ جي هڪ هزار "لي" سفر ڪيو ٿا تہ سمجهڻ کپي تہ اوهان دشمن جي غير موجودگيءَ ۾ سفر ڪري رهيا آهيو. جيڪڏهن اوهان کي پڪ آهي تہ جنهن جڳهہ تي حملو ڪريو ٿا، سا اوهان سولائيءَ سان فتح ڪري وٺندو تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ دشمن وٽ ان

جڳهه کي بچائڻ جيتري سگهه نه آهي. جيڪڏهن اوهان کي پڪ آهي ته جنهن جڳهه کي اوهان بچائڻ گهرو ٿا سا ڪنهن به طرح اوهان بچائي سگهندو ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته دشمن کي ان جڳهه تي حملي ڪرڻ جي جرئت ئي ڪانه آهي يا ڪيس حملي ڪرڻ جيتري سگهه ئي ڪانه آهي. تنهن ڪري جڏهن حملي جو ماهر جنرل حملو ڪندو آهي ته دشمن سمجهي نه سگهندو آهي ته ڪهڙيءَ جڳهه کي بچائجي ۽ حملو ڪهڙيءَ جڳهه تي ڪرڻ گهرجي.

جنگي ماهر جنرل اهڙي دوکي دولاب سان ڪسڪي نڪري ويندو آهي ۽ جو پنهنجي پنيان ڪو نشان ئي ڇڏي نه ويندو آهي. اهڙي ڳجهي طريقي سان هليو ويندو آهي، جو ڪيس ڪير به ڏسي وائسي نه سگهندو آهي. ڇو ته سندس دشمن کي مزاحمت ڪرڻ جي طاقت ئي نه هوندي آهي. جڏهن هو تيز رفتاريءَ سان پوئتي هٽندو آهي ته دشمن ڪيس پڄي نه سگهندو آهي. جڏهن آءٌ دشمن سان وڙهڻ چاهيان ته قلعي جي اوچين ديوارن ۽ قلعي جي چوڌاري اونهي کاهيءَ هوندي به دشمن مون سان مقابلي لاءِ مجبور هجي، ڇاڪاڻ ته مون اهڙيءَ نازڪ جاءِ تي حملو ڪيو آهي، جنهن کي هو بچائڻ جي ڪوشش ڪندو. پر جڏهن مان وڙهڻ نه ٿو چاهيان ته ڌرتيءَ تي فقط ليڪو ڪڍي پاڻ کي بچائي سگهان ٿو ۽ دشمن مون تي حملي ڪرڻ جي لائق ٿي ئي نه سگهندو، ڇاڪاڻ ته جيڏانهن هن جي پيش قدميءَ جي مرضي هئي، اوڏانهن کان مون سندس رخ ئي موڙي ڇڏيو آهي.

جيڪڏهن مون دشمن جي ترتيب ۽ تقسيم جو پورو تعين ڪري ورتو آهي. ساڳئي وقت آءٌ دشمن جي نظر کان پاڻ لڪائڻ ۾ به سوڀارو ٿي ويو آهيان ته پوءِ آءٌ پنهنجي فوج کي هڪ جاءِ تي گڏي ۽ دشمن فوج کي منتشر ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهن آءٌ فوجي سگهه کي هڪ جائتو ڪري رهيو آهيان ۽ دشمن منتشر ٿي رهيو آهي ته پوءِ سندس انتشار ۽ بدنظميءَ جو فائدو وٺي مٿس حملو ڪرڻ کپي. ان مان سمجهڻ کپي ته منهنجو فوجي تعداد وڌيڪ هوندو. جيڪڏهن مان ڪن خاص گهٽن تي گهٽي فوج سان ٿوريءَ فوج تي حملو ڪندس ته اها ٿوري فوج وچي سوڙهن گهٽن ۾ ڦاسندي. دشمن جي جوڻءِ کي به پتو نه پوي ته آءٌ ڪهڙيءَ جاءِ تي جنگ ڪرڻ چاهيان ٿو. جيڪڏهن ڪيس اهو پتو پئجي نه سگهيو ته آءٌ

کهڙي جاءِ تي سائس مقابلو ڪرڻ چاهيان ٿو تہ هو گهٽين جاين تي فوجي تياريون ڪندو. جيڪڏهن هو تمام گهٽين جڳهن تي جنگي تياري ڪندو تہ آءٌ تمام ٿورين جاين تي وڙهندس. جيڪڏهن هو فوج جو مهاڙي دستو مضبوط ڪندو تہ سندس پويون پاسو ڪمزور رهندو. جيڪڏهن پنين پاسي کي مضبوط ڪندو تہ فوج جو مهاڙيءَ وارو حصو ڪمزور هوندو. جيڪڏهن هو ساڄي پاسي کي مضبوط ڪندو تہ ان جو کابو پاسو ڪمزور هوندو. جيڪڏهن هو پنهنجي فوج کي هيڏانهن هوڏانهن موڪليندو تہ هو هر هنڌ ڪمزور هوندو. تعداد جي نقطئہ نظر کان تڏهن ڪمزور ٿيو آهي، جڏهن امڪاني حملن جو ڊپ هوندو آهي ۽ فوج جيڏانهن ڪيڏانهن ورهائجي ويندي آهي. اهڙي ريت دشمن جي تعداد ۽ سگهہ امڪاني جنگ جي محاذن تي ورهائجي ختم ٿي ويندي آهي.

جيڪڏهن دشمن کي چڱيءَ جاڻ آهي تہ جنگ ڪٿي ۽ ڪڏهن وڙهي ويندي تہ هو پنهنجي سموري فوج وٺي هڪ هزار "لي" سفر ڪري اچي جنگ جي ميدان تي پهچندو. پر جيڪڏهن دشمن کي جنگ جي ميدان ۽ وقت جي خبر نہ هوندي تہ ان جي فوج جو ساڄو پاسو کابي جي واهر ڪري نہ سگهندو، ۽ نہ ئي وري کابو اڳتي وڌي اچي ساڄي جي مدد ڪندو. نہ وري فوج جي مهاڙي پٺئين پاسي جي مدد ڪري سگهندو، نہ وري پٺئين پاسي واري فوج اوکيءَ ۾ مهڙ جي ڪارٽي ٿي سگهندي. فرض ڪريو تہ منهنجو اندازو ڪرڻ تہ "يوئي" جي فوج تعداد ۾ تمام گهٽي آهي، جيڪڏهن جنگ جو نتيجو ان جي خلاف آهي تہ فوج جي گهٽائيءَ مان ڪهڙو فائدو؟ تنهنڪري آءٌ چوان ٿو تہ فتح لاءِ ڪوشش تمام ضروري آهي. جيڪڏهن دشمن جي فوج ڳاڻاٽي ۾ گهٽي آهي تہ پوءِ ان کي جنگ ڪرڻ کان روڪي سگهان ٿو.

دشمن جي منصوبي بنديءَ جي چڱيءَ ريت ڇنڊڇاڻ ڪريو تہ جيئن توهان کي ان جي ڪمزور ۽ طاقتور نڪتن جي پروڙ پئجي سگهي. سندس پيش قدميءَ جي نموني کي سمجهڻ لاءِ ان کي ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪريو. ڪيس دوکو يا لالچ ڏئي سندس قائم ڪيل مرڪز کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريو تہ جيئن توهان کي سندس فوجي ترتيب، تقسيم ۽ محل وقوع جو سارو پتو پئجي سگهي. سندس بنيادي سگهہ ۽ ڪمزوريءَ جي

پٽي لڳائڻ واسطي مٿس ڪي آزمائشي حملا بہ ڪيا وڃن، ڪنهن فوج جي قطعي ترتيب ۽ تقسيم ڪرڻ معنيٰ اُن فوج جي اصلي سگهہ کي لڪائڻ آهي. ايئن ڪرڻ کان پوءِ دشمن جو جاسوس يا ڪنهن ماهر جي منصوبي بندي اوهان جو وار بہ ونگو ڪري ڪانہ سگهندي. فتح لاءِ منصوبابندي بہ صورتحال کي نظر ۾ رکي تيار ڪئي ويندي آهي، پر گهڻا ماڻهو اهڙين ڳالهين کي سمجهي نہ سگهندا آهن. هرڪو ماڻهو ٻاهريون ڳالهيون ڏسندو آهي، پر اها ڳالهہ سمجهي نہ سگهندو آهي تہ فتح ڪهڙي طريقي سان حاصل ڪئي ويندي آهي. تنهن ڪري فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان ڪمانڊر جي جنگي چال کي وري ورجايو نہ ويندو آهي. هر ڪمانڊر کي حالتن کي مختلف پهلوئن کان جاچي ڏسڻ کپي.

هڪ فوج کي پاڻيءَ جي وهڪري وانگر هجڻ گهرجي. جهڙيءَ ريت پاڻي مٿاهين کي ڇڏي هيٺاهينءَ ڏانهن لهي پوندو آهي، تهڙي ريت فوج کي دشمن جي طاقتور حصن کان پاسو ڪرڻ ۽ ڪمزور جڳهين تي حملو ڪرڻ گهرجي. جهڙيءَ ريت پاڻي ڌرتيءَ جي مٿاڇري جي صورتحال مطابق پنهنجو وهڪرو اختيار ڪندو آهي، تهڙي طرح فتح حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ فوج کي دشمن جي صورتحال ڏسي تبديليون ڪرڻ گهرجن. جهڙيءَ طرح پاڻيءَ جي وهڪري ۾ سدائين هڪ جهڙائي نہ هوندي آهي، تهڙيءَ ريت جنگي سرگرميون بہ سدائين هڪ جهڙيون نہ هونديون آهن. ان ڪري ڪمانڊر کي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ دشمن جي فوجي صورتحال کي نظر ۾ رکي، پنهنجي فوج ۾ تبديليون ڪرڻ گهرجن ۽ اها هڪ فطري ڳالهہ آهي. پنجن عنصرن، جهڙوڪ: پاڻي، باهہ، ڌاتوءَ، ڪاٺ ۽ ڌرتيءَ مان ڪو بہ عنصر سدائين غالب حيثيت نہ رکندو آهي. ڇئن موسمن مان ڪابہ موسم سدائين ساڳي ڪانہ رهندي آهي. ڏينهن مان بہ ڪي وڏا ۽ ڪي ننڍا هوندا آهن. چنڊ بہ ڪڏهن وڏو ۽ ڪڏهن ننڍو ٿي ويندو آهي. فوج کي ترتيب ڏيڻ لاءِ بہ ساڳيو اصول هوندو آهي.

باب ستون

فوجي چرپر، جنگي سٿاءُ ۽ چال

اها هڪ عام ڳالهه آهي تہ جنگ دوران فوجي ڪمانڊر ڪي پنهنجي ملڪي سربراهہ وٽان ڪي حڪم احڪام ملندا رهندا آهن. فوج کي مختلف جڳهين تان اٿي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ، عام ماڻهن کي ڪنو ڪرڻ ۽ انهن کي فوج سان ملائي هڪ ڪرڻ ۽ فوجي ڪئمپ ۾ رهائڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي. پر ان کان وڌيڪ جنگي نقطئہ نگاهہ کان اهم مهل وقوع لاءِ فوجي چرپر، جنگي ترتيب ۽ چال تمام ڏکيو مرحلو هوندو آهي ۽ نقصان کي فائدي ۾ تبديل ڪرڻ جو موقعو پڻ. انهيءَ کان مشڪل ڪم اهو هوندو تہ ڏنگي ڦڏي رستي سان سڌي سفر ڪرڻ ۽ هر ڏکيءَ ڳالهہ کي سولو بنائڻ. اهڙيءَ ريت ڪنهن پاسي وارو رستو اختيار ڪري دشمن کي دلبو ڏئي سندس سفر جو رخ موڙي جنگ جي ميدان وٽ ان کان اڳ پهچڻ نهايت اهم هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو بہ ڪمانڊر ايئن ڪرڻ ۾ سوپارو ٿي ويندو تہ سمجهبو تہ هو دشمن جي سفر جي رخ ڦيرائڻ واري فن ۾ ماهر آهي.

ڪنهن سولي مهل وقوع هٿ ڪرڻ واسطي اختيار ڪيل جنگي ترتيب، چال ۽ فوجي چرپر ۾ سهوليت سان گڏ بي انتها خطرو بہ موجود هوندو آهي. هڪ ماڻهو جيڪو سولي محل وقوع کي حاصل ڪرڻ واسطي، وڏين رنڊڪن ۽ رڪاوٽن هوندي، پنهنجيءَ پوري فوج سان پيش قدمي ڪندو آهي تہ ان کي پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي نہ ملي سگهندي آهي. جيڪڏهن اهڙي سهوليت هٿ ڪرڻ لاءِ فوجي مهل وقوع ڇڏيندو ۽ رستي ۾ بي انتها رنڊڪون موجود هونديون تہ سندس ڪاڌي خوراڪ سان فوجي سامان بہ کپي ويندو. پر جيڪڏهن ڪو پنهنجي فوج کي بنا هٿيارن پنهوارن جي تيز رفتاريءَ سان سفر ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو ۽ رات ڏينهن هٽندو هڪليندو يڪساهي عام پنڌ کان ٻيڻو پنڌ هٽي ۽ هڪ سو "لي" فاصلو

طئي ڪري دشمن کان سهوليت وارو محل وقوع ڪسي وٺي ٿو تہ اهو ممڪن آهي تہ ايئن ڪرڻ سان ڪماندرن جي گرفتاري ٿي وڃي. طاقتور، جنگ جي ميدان وٽ جلد پهچندو آهي، جڏهن تہ ڪمزور پنيان گهلبو ايندو آهي. جيڪڏهن تيز رفتاريءَ سان سفر ڪبو تہ سموري فوج جي ڏهين پتي منزل تي پهچي سگهندي. پنجاهہ ”لي“ جي تيز رفتار سفر ۾ هر اول دستي جو ڪماندر دهي بہ سگهي ٿو، پر فوج جو اڌ حصو منزل مقصود تي پهچي ويندو. جيڪڏهن تيز رفتاريءَ سان ٽيهہ لي سفر ڪبو تہ سموري فوج جي بہ ياڳي ٽي حصي پهچڻ جو امڪان هوندو آهي. هنن ڳالهين مان هيءَ ڄاڻ بہ ملي سگهي ٿي تہ جيڪڏهن ان فوج وٽ مڪمل فوجي سامان، کاڌ خوراڪ ۽ وهٽن لاءِ گاهہ چارو گهٽ هوندو تہ ناس ٿي ويندي.

ملڪ جو حڪمران پاڙيسري ملڪن کان واقف نہ آهي تہ انهن سان اتحاد نہ ڪري. جيڪڏهن فوجي مهندار کي جابلو حالتن، ٻيلن، لڪن، ڍنڍن ۽ تلائن جي ڪا ڄاڻ ڪانہ آهي، تہ پيش قدميءَ دوران فوج جي اڳواڻي ڪري ڪونہ سگهندو. جيڪڏهن ڪير مقامي رهبر کي ساڻ نہ ڪڻندو تہ سفر دوران زمين جي آسان مٿاڇري تان سفر ڪري نہ سگهندو. جنگ جو بنياد دوکي تي بيهاريل هوندو آهي. سهوليت کي ڏسي پيش قدمي ڪريو. صورتحال کي ڏسي فوج کي پکيڙي ڇڏيو ۽ هڪ جاٽنو ڪريو. جڏهن اوهان جنگي مهم تي نڪرو تہ واچ مينهن واري رفتار اختيار ڪريو. ڊيرج واري سفر ۾ ايئن هلو، جيئن شان ۽ مان وارا هجو، ڦرلٽ دوران باهہ واري سگهہ رکو. جيڪڏهن هڪ جاءِ تي بيهو ٿا تہ جبل وانگر اٽل ۽ اڏول بڻجي وڃو. جيڪڏهن اوهان دشمن کان لڪڻ چاهيو ٿا تہ ايئن لڪي وڃو، ڄڻ ڪو گهاٽي جهڙ پنيان ڇپي ويو هجي. پر جڏهن اوهان پيش قدمي ڪري رهيا آهيو تہ وڄ وانگر ڏيکائي ڏيو. جڏهن اوهان ٻهراڙيءَ کي ڦريو ڦيو تہ لشڪر کي ورهائي ڇڏيو. جڏهن ڪنهن علائقي کي فتح ڪريو ٿا تہ اتان جي اهم ماڳن جو تحفظ ڪريو. پيش قدميءَ کان اڳ وايومنڊل کي چڱي ريت پرکي ڏسو. جيڪو ماڻهو دشمن فوج جو رخ موڙڻ ۾ ماهر آهي، سو ضرور جنگ ۾ سوڀارو ٿيندو. اهو ئي فوجي چرپر، جنگي ترتيب ۽ چال جو فن آهي.

”ملٽري ائڊمنسٽريشن“ نالي ڪتاب جو بيان آهي تہ، ”جنگ ۾ ڪوبہ آواز ٻڌي نہ سگهبو آهي، تنهنڪري دهل، گهنڊ ۽ گهڙيال وڄايا ويندا

آهن. جنگ دوران فوجي يونٽ بہ هڪ ٻئي کي چڱيءَ ريت ڏسي نہ سگهندا آهن، تنهنڪري جهنڊا ۽ نشان استعمال ڪيا ويندا آهن." اڄڪلهہ دهل، گهنڊ، نشان ۽ جهنڊا ان لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن تہ فوجين جي عمل ۾ هڪجهڙائي هجي چو تہ جيڪڏهن فوجون هن طريقي سان متحد ٿينديون تہ بهادر فوجي علائقي ڏانهن اڳتي وڌندي آڪڙ ڪري ڪونہ سگهندا ۽ نہ وري گيدي فوجي سپاهي جنگ مان هٽ ڪڍي سگهندا. هي فوج جي وڏي تعداد کي جنگي هدايتن ڏيڻ جو هڪ فن آهي. رات واريءَ جنگ ۾ گهڻا شمعدان ۽ دهل ڪم آندا وڃن. ڏينهن واري جنگ ۾ جهنڊن ۽ نشانن جو ڪم آڻڻ، ضروري آهي، انهيءَ لاءَ تہ جيئن فوجي اکين ۽ ڪنن سان جنگي سرگرميءَ بابت ڏسي ۽ ٻڌي سگهن.

فوج جي بلند حوصلن کي ختم ڪرڻ ۽ ڪمانڊر جي اعتماد کي نهوڙي ناس ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون وينديون آهن. جنگ جي شروعاتي مرحلن ۾ فوج جا حوصلا بلند هوندا آهن. پر ٿوري وقت جي ويڙهہ کان پوءِ سندن جنگي سرگرمين ۾ ٽذائي اچي ويندي آهي ۽ کين گهر ياد اچي ويندا آهن. تنهنڪري جنگ جا ڪوڏيا ۽ ماهر بہ جنگ کان پيا لنوائيندا آهن. جڏهن فوج جا حوصلا بلند هوندا آهن تہ مٿن جنگي جنون سوار هوندو آهي ۽ جڏهن دليون هاري ويهندا آهن تہ سست ۽ ڪاهل ٿي ويندا آهن ۽ گهر جي سڪ کين ستائڻ لڳندي آهي. هي اخلاق تي ضابطي رکڻ جو معاملو آهي. جڏهن انهن ۾ نظم ۽ ضبط هوندو آهي تہ بدنظميءَ جي شڪار ٿيل دشمن کي ماري مات ڪرڻ لاءِ واجهہ پيا وجهندا آهن. جنگ نہ هوندي آهي تہ گوڙ گهمسان ڪرڻ ۾ مشغول هوندا آهن. هي ذهن تي ضابطي رکڻ جو معاملو آهي. جڏهن اها فوج جنگ جي ميدان پرسان هوندي آهي تہ پري کان ايندڙ دشمن تي اوچتي حملي لاءِ تاڙ ۾ رهندي آهي. جڏهن اها آرام ڪندي آهي تہ ٿڪل دشمن تي حملي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندي آهي. ان فوج ۾ جڏهن ڪاڏي خوراڪ جو سامان گهڻو هوندو آهي تہ بکايل دشمن تي حملي لاءِ وجهہ ڳوليندي آهي. اهو مزاج تي ضابطي جو معاملو آهي. اهي اهڙي دشمن کي نہ ڇيڙيندا آهن، جيڪو منظم نموني سان پيش قدمي ڪري رهيو هوندو آهيءَ ئي ان کي ڇيڙيندا آهن، جنهن جي فوجي ترتيب موثر هوندي آهي. هي تبديل ٿيل حالتن تي ضابطي رکڻ جو عنصر آهي.

فوج کي ترتيب ۾ رکڻ جو فن اهو آهي ته جڏهن دشمن جبل تي منزل ڪيو وينو آهي ته مٿي وڃي انهيءَ سان مهاڏو نه ڏجي. جڏهن دشمن فوج جو هراول دستو جبل تي آرامي هجي ته مُهڙ واري فوج تي حملو ڪرڻ غلط ٿيندو. جيڪڏهن دشمن پٺڻ جو ڍونگ ڪري رهيو آهي ته ان جو پيڇو نه ڪريو. جيڪڏهن دشمن فوج جا حوصلا بلند آهن ته مٿس حملو نه ڪريو. جيڪڏهن دشمن اوهان کي لالچائي دوکي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته اوهان ان جي اهڙي دوکي ۾ ڦاسڻ کان بچو. جيڪڏهن دشمن گهرن ڏانهن وڃڻ لاءِ پوئتي هٽي رهيو آهي ته ان جي سامهون نه ٿيو. جيڪڏهن ڪنهن دشمن کي ڪڙو چاڙهيو ته پڄندڙ دشمن کي وڃڻ لاءِ گُٿو ڏيو. جان کي جوکي ۾ وجهڻ واري دشمن کي حد کان وڌيڪ تنگ نه ڪريو. جنگ ۾ فوج کان ڪم وٺڻ جو فن اهو آهي.

باب اٺون

نَوَ مختلف ڳالهيون

عام طور تي فوج ۾ ملازم رکڻ جو طريقو اهو هوندو آهي تہ ملڪ جو حڪمران، ڪمانڊر کي فوج ڀرتي ڪرڻ ۽ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جو اختيار ڏيندو آهي.

توهان کي اهڙي جڳهہ تي منزل ڪرڻ نہ گهرجي، جيڪا جنگ واري ميدان کان گهٽو پري هجي. توهان پنهنجن اتحادين سان اهڙيءَ جڳهہ تي ملو، جتي اچڻ وڃڻ جا رستا جام هجن. ڪنهن رڻ پٽ ۾ ڍري رفتار سان پيش قدمي نہ ڪريو. جنهن ميدان جي چوڌاري جبل آهن تہ دشمن سان فريب ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. جنهن ميدان تي موت ئي موت نظر اچي تہ دشمن سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ ۾ سر ۽ جان جي بازي لڳايو.

ڪي اهڙا رستا بہ هوندا آهن، جن مان نڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪبي آهي، دشمن جا ڪي فوجي يونٽ اهڙا بہ هوندا آهن جن تي حملو نہ ڪبو آهي. ڪن شهرن تي حملي کان پاسو ڪري وڃبو آهي. ڪي اهڙا ميدان بہ هوندا آهن جتي دشمن سان مقابلو نہ ڪبو آهي. ڪي اهڙا بہ موقعا اچي ويندا آهن، جو بادشاهہ جي احڪامن جي پوئواري ڪري نہ سگهبي آهي، تنهنڪري هڪ جنرل کي فوج کي ڪم آڻڻ لاءِ نون مختلف ڳالهين مان فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ حالتن کان ضرور واقف هئڻ گهرجي تہ جيئن هو پنهنجي فوج کي چڱيءَ ريت استعمال ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪو جنرل انهن نون ڳالهين مان فائدي وٺڻ کان واقف نہ آهي تہ اهو مقامي جاگرافيءَ کان واقف هوندي بہ ان جي خوبين مان فائدو ماڻي نہ سگهندو.

فوجي ڪارڪردگيءَ جي نقطئہ نظر کان جيڪڏهن جنرل مٿين نون ڳالهين مطابق جنگي چال کي سمجهي نہ سگهندو تہ هو پنهنجيءَ فوج کي مناسب نموني سان ڪتب ئي نہ آڻي سگهندو، توڙي جو ڪيس پنجن

سهولتن بابت پوري ڄاڻ ٻہ هجي، جن جي منڍ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هڪ سڄاڻ جنرل لاءِ هيءَ ڳالهہ ضروري آهي تہ جنگي منصوبي جوڙڻ مهل ان جي خوبين ۽ خامين بابت بہ سوچي ويچاري. خوبين وارين ڳالهين تي ويچارڻ سان ان منصوبي کي عمل لائق بنائي سگهجي ٿو، خامين تي غور ڪرڻ سان فوج کي ڪن امڪاني خطرن کان بچائي سگهجي ٿو. هي، جيڪو چاهي ٿو تہ پر وارن ملڪن جي بادشاهن کي آڻ مڃائجي، سو ان آڙ ۾ سدائين پيو ساڻن جُنبيون ڪندو آهي. حڪمران جيڪو چاهي ٿو تہ آءٌ سندن مٿان سدائين قابض رهان تہ هو مستقل قبضي جاري رکڻ لاءِ سرگردان هوندو آهي ۽ ڪو حڪمران جيڪو چاهي ٿو تہ هو وتس قطارون ڪري اچي ويهن تہ پوءِ کيس کين سهوليتون ڏيڻون پونديون.

جنگ جو هيءُ بہ اصول آهي تہ دشمن لاءِ اهو ڪڏهن بہ سوچڻ نہ کپي تہ هو مقابلي لاءِ نہ ايندو. پر سمجهڻ کپي تہ اهو ضرور ايندو ۽ ان سان مهاڏي ڏيڻ واسطي پربور تيار رهڻ گهرجي، ۽ نہ ئي اهو فرض ڪرڻ گهرجي تہ دشمن پنهنجي ملڪ تي ڪاهي نہ ايندو. پر ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي پاڻ کي ناقابل شڪست بنائڻو پوندو.

جنرل ۾ پنج خوبيون ضرور هئڻ کپن: جيڪڏهن هو ڪنهن ڳالهہ تي سوچ ويچار نہ ڪندو تہ قتل ٿي ويندو. جيڪڏهن بهادر نہ هوندو تہ جنگي باندي بڻجي ويندو. جيڪڏهن هو تيسارو ۽ ٿانڊي تپڻو هوندو تہ دشمن کيس چيڙي پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيندو. جيڪڏهن هو نازڪ ۽ نفيس هوندو تہ منجهس عزت نفس موجود هوندي ۽ کيس اک ڇنڀ ۾ بي عزتو ڪري سگهبو. جيڪڏهن هو رحمدل هوندو تہ ان کي جلد ڏهڪائي سگهجي ٿو.

مٿي بيان ڪيل اهي پنج ئي ڳالهيون جنرل لاءِ عيب وانگر آهن ۽ جنگ دوران اهڙيون خاميون ڏاڍيون خطرناڪ ثابت ٿينديون آهن. اهڙين خامين جي ڪري جنرل جو موت بہ واقع ٿي سگهي ٿو. اهڙين خامين تي سوچڻ ويچارڻ نهايت لازمي آهي.

باب نائون

پيش قدمي

جڏهن فوج مورچابند ٿي ويندي آهي ۽ دشمن فوج سان مقابلو ڪندي آهي تہ ان کي دشمن فوج جي صورتحال کي جاچڻو پرکڻو پوندو آهي.

ان ڪري هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻو پوندو. جبلن کي اُڪرڻ مهل وادين جي ڪنڌين پرسان منزل ڪرڻ گهرجي صورتحال جو چڱيءَ طرح جائزو وٺڻ گهرجي. منزل ڪرڻ مهل فوجي پڙاءُ مٿاهينءَ تي ۽ سج سامهون هئڻ کپي. پر جيڪڏهن مٿاهون پٽ دشمن والاري ڇڏيو آهي تہ ان مٿان حملي لاءِ جبل تي چڙهڻ جي غلطي نہ ڪرڻ کپي. بهر صورت منزل جبلن ۾ ڪرڻ ضروري آهي.

درياهہ اڪري پار ٿيو تہ توهان کي ٿورو پنڌ ڪري درياهہ کان وٿيرڪو ٿي منزل ڪرڻ کپي. جيڪڏهن دشمن درياهہ اُڪري رهيو آهي تہ وچ درياهہ ۾ پهچي سانس مقابلو ڪرڻ نہ گهرجي. کيس اڌ لشڪر اُڪارڻ جيتري مهلت ڏني وڃي. ان کان پوءِ مٿس حملو ڪريو. منزل مٿاهينءَ تي ۽ سج سامهون هئڻ کپي. پنهنجي فوجي منزل دشمن پرسان هيناهينءَ تي قائم ڪرڻ صحيح نہ ٿيندي. هي اصول درياهہ جي ڪنڌيءَ سان قائم ڪيل منزل سان واسطو رکي ٿو.

لوڻ واريون پاڻيءَ جون ڇرون نهايت تيز رفتاريءَ سان اڪري وڃڻ کپن. اهڙي علائقي ۾ سست رفتاريءَ کان ڪم وٺڻ نہ کپي. جيڪڏهن دشمن اهڙي ڇَرَ جي وچ ۾ مقابلي لاءِ اچي ٿو تہ توهان گاهہ پرسان مورچا سنڀاليو. اهڙيءَ ريت جو پاڻي ۽ وڻ اوهان جي لشڪر جي پٺين پاسي هجن. هن قسم جي مورچابندي لوڻ واري پاڻيءَ سان تعلق رکي ٿي.

جڏهن اوهان ڪلئي ۽ سنئين پٽ تي هجو تہ اوهان اهڙي مهل وقوع جي چونڊ ڪريو، جيڪو اوهان جي جنگي سرگرميءَ لاءِ سهوليت وارو هجي.

ڪوشش اها ڪئي وڃي ته مٿاهين اوهان جي پٺ ۾ ساڄي پاسي هجي يا جنگي ميدان سامهون. انهيءَ سان پُٺ کي ڪو خطرو نه هوندو. هن قسم جي مورچي بندي سنئين سڌي ميدان سان تعلق رکي ٿي.

هي ڇئن مختلف وايومنڊلن ۾ فوجي منزل سان لاڳاپيل اصول آهن. هنن اصولن تي عمل ڪري پيلي شهنشاهه پنهنجي پر وارن حڪمرانن کي شڪست ڏني هئي. (هيءَ ڳالهه هڪ ڏند ڪٿا سان واسطو رکي ٿي ته هي پيلو شهنشاهه قديم دور واري چين ۾ راڄ ڪندو هو ۽ سندس حڪومت پنج هزار سال هلي هئي.)

جنگ دوران هر فوج مٿاهينءَ تي مورچابند ٿيڻ چاهيندي آهي ۽ وٺڪار کان وڌيڪ اُس کي ترجيح ڏيندي آهي. جيڪڏهن ڪا فوج اڳ ۾ مٿاهين جڳهه والاري ڇڏيندي آهي ته اها ان جي رهائش لاءِ وڌيڪ سولي هوندي آهي، ۽ اها فوج گهٽن مرضن کان به بچي پوندي آهي ۽ سندس فتح جا امڪان وڌيڪ روشن هوندا آهن. جڏهن اوهان جابلو علائقي ۾ پهچو يا ڪنهن اوچي بند تي هجو ته اوهان اُس واري پاسي تي منزل ڪريو. اهڙا طريقا جنگ ۾ وڏي سهوليت جي حيثيت رکن ٿا ۽ اهڙيون سهوليتون زمين جي مٿاڇري ڪري ملي وينديون آهن. مينهن پوندو آهي ته مٿاهينءَ تان اينڊڙ پاڻي درياهه ۾ پوندو آهي. درياهه کي ان وقت پار نه ڪجي، پر ان جي لاٿ تائين ترسڻ ضروري آهي. جتي "جابلو نيون"، "قدرتي کوهه"، "قدرتي ڍنڍون"، "قدرتي ور"، "قدرتي وهڪرا" ۽ "قدرتي ڦاٽ" هجن ته اهڙن هنڌن مان تيز رفتاريءَ سان پار اُڪري وڃجي. اهڙين جڳهن جي پرسان وڃڻ نه کپي ۽ انهن کان گهٽي فاصلي تي رهڻ کپي. پر دوکو ڏئي دشمن کي انهن جي پرسان وٺي اچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهڙيون خطرناڪ جايون اوهان جي سامهون ۽ دشمن جي پُٺ ۾ هئڻ کپن. جيڪڏهن اوهان جي فوج جي پاسي ۾ خطرناڪ سوڙها گهٽ يا گاهه سان ڇانيل پاڻيءَ جا تلاءُ آهن، انهن جاين تي بوڙا تمام گهٽا هوندا آهن يا اهڙي گهاٽي جهنگ سان ڍڪيل جبل هوندا آهن، جن جو هيٺيون حصو ڏاڍو گهاٽو هوندو آهي، ته اوهان لاءِ ضروري آهي ته اهڙين جاين کي چڱيءَ ريت جاچيو پرکيو، ڇاڪاڻ ته اهڙين جاين وٽ دشمن لڪي حملا ڪندو آهي ۽ جاسوس لڪائي ويهاريندو آهي.

دشمن اوهان جي پرسان ۽ ماٺ ۾ هجي ته سمجهڻ کپي ته هن جنهن مهل وقوع جي چونڊ ڪئي آهي، سو هن لاءِ سهوليت وارو آهي. جڏهن اوهان کي وڻ هلندا محسوس ٿين ته سمجهو ته دشمن اوهان ڏانهن اڳتي وڌي رهيو آهي. جڏهن هو پري کان اوهان کي جنگ لاءِ للڪاري ته اوهان کي سمجهڻ کپي ته هو دوکو ڪري اوهان کي اڳتي وڌي اچڻ لاءِ هرکائي رهيو آهي. جيڪڏهن وڻن جي جهرمٽ ۾ پردن جهڙا اهڃاڻ موجود آهن ته اوهان کي سمجهي وڃڻ کپي ته دشمن دوکو ڪري رهيو آهي. جنهن جاءِ تان پکي تورا اڏامي مٿي نظر اچن ته سهي ڪرڻ کپي ته ان جاءِ تي دشمن اوچتي حملي لاءِ لڪو ويٺو آهي. جڏهن جهنگلي جانور ڇرڪي ڀڄڻ شروع ڪن ته سمجهڻ کپي ته دشمن اوهان مٿان اوچتو حملو ڪرڻ ٿو چاهي.

مٿي اڏامندڙ ڌوڙ سڌين ليڪن ۾ ڏسجي ته سمجهڻ کپي ته دشمن جا رٿ ۽ گهوڙا اچي ويجها پهتا آهن. جيڪڏهن اڏامندڙ ڌوڙ هيٺ پري ۽ پکڙيل آهي ته سمجهڻ گهرجي ته مٿي آسمان ۾ پيادل فوج ويجهو اچي پهتي آهي. جيڪڏهن اڏامندڙ مٽي ڏسجي رهي آهي ته سمجهڻ کپي ته دشمن فوجي ڪئمپ نصب ڪري رهيو آهي. جڏهن دشمن جو سفير اوهان سان نرميءَ سان ڳالهائي رهيو آهي ۽ سندس فوج تيارين ۾ مشغول آهي ته سمجهڻ کپي ته دشمن حملي لاءِ تيار آهي. جڏهن سفير جو ڳالهائڻ ڪرو ۽ رکو آهي ۽ سندس فوج اڳتي وڌي رهي آهي ته سمجهڻ کپي ته دشمن پوئتي هٽڻ ٿو گهري. جيڪڏهن هلڪي قسم جا رٿ سيني کان پهريائين ٻاهر نڪري فوج جي پاسي ۾ ترتيب ۾ بيهي رهن ته سمجهڻ گهرجي ته دشمن تيارين ۾ مشغول آهي.

جيڪڏهن ڳالهه ٻولهه کان اڳ دشمن عارضي جنگ بنديءَ لاءِ چوي ته سمجهڻ کپي ته هو ڪو نئون منصوبو تيار ڪري رهيو آهي. جڏهن هن جي فوج تيز رفتاريءَ سان وڌي رهي آهي ۽ هو جنگي رٿن جون مشقون ڪري رهيو آهي ته سمجهڻ کپي ته هو نئين ايندڙ فوج جي توقع ڪري رهيو آهي. جڏهن هن جي اڌ فوج پيش قدميءَ ڪري رهي آهي ۽ اڌ فوج پوئتي رهيل آهي ته سمجهڻ کپي ته هو اوهان کي دوکو ڏئي رهيو آهي. جڏهن ڏسو ته دشمن جو لشڪر هٿيارن تي ٽيڪ ڏئي هلي رهيو آهي، سمجهو ته هو بک وگهي مري رهيا آهن. جڏهن ڏسو ته فوجي ڪئمپ ڏانهن ڪٽي وڃڻ کان

پهريائين پاڻ پاڻي پي رهيا آهن تہ سمجهي وڃو تہ فوجي اُڃايل آهن. جيڪڏهن دشمن سونهري وجهہ ڏسي بہ توهان کي جهلي نہ ٿو تہ سمجهڻ کپي تہ هو ٿڪجي چڪو آهي. جيڪڏهن دشمن جي ڪئمپ واري ماڳن تي پکي لهي رهيا آهن تہ سمجهو تہ دشمن منزل ڇڏي ويو آهي ۽ ماڳ خالي آهي. جڏهن ڏسو تہ رات جي وڳڙي ۾ دشمن شور ۽ گوڙ گمسان مچائي رهيو آهي تہ سمجهو تہ هو گهبرائجي ويو آهي.

فوج ۾ نظم ضبط نہ آهي تہ سمجهڻ کپي تہ جنرل پنهنجو وقار وڃائي چڪو آهي. جڏهن سندس جهنڊا ۽ نشان ڪڏهن هتي ڪڏهن هتي ڏسجي رهيا آهن تہ سمجهو تہ جنرل ۾ بدنظمي پيدا ٿي چڪي آهي. جڏهن عملدار چيڙاڪ ٿي پون تہ سمجهو تہ ٿڪجي پيا آهن. جڏهن فوج، اناج گهوڙن کي کارائي ۽ پاڻ کائڻ کان پاسو ڪرڻ شروع ڪري ۽ رڌ پچاءَ وارا ٿانو نہ ٽنگين ۽ بچاءَ وارين جڳهن ۾ پناهہ وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪن تہ سمجهو اهي جان کي جوکي ۾ وجهڻ لاءِ تيار آهن. جڏهن فوج لڳاتار ٽولن ۾ ورهائجي سس پس ڪري تہ سمجهڻ گهرجي تہ جنرل فوج جو اعتماد وڃائي چڪو آهي.

جنرل غير اهم ڳالهہ تي انعام ورهائي رهيو آهي تہ سمجهڻ کپي تہ جنرل وٽ موجود ذريعا ختم ٿي چڪا آهن. جيڪڏهن جنرل ٿوري ٿوري ڳالهہ تي فوج کي سزا ڏئي رهيو آهي تہ سمجهڻ کپي تہ هو ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا آهي. جيڪڏهن شروع ۾ عملدار فوجين کي سخت سزائون ڏئي رهيا آهن ۽ پوءِ وري هنن کان ڊڄي رهيا آهن تہ سمجهڻ کپي تہ انهن مان فڪري عمل ختم ٿي چڪو آهي. جڏهن دشمن فوج غم ۽ غصي ۾ پيش قدمي ڪري رهي آهي ۽ اوهان کي ڏسي گهڻي وقت لاءِ جنگ نہ ٿي ڪري، نہ وري اوهان کي ڇڏڻ لاءِ تيار آهن تہ اهڙي صورتحال کان خبردار رهڻ کپي ۽ جاچ ڪجي تہ ائين ڇو آهي.

جنگ ۾ رڳو فوج جي گهٽائي هئڻ سني ڳالهہ نہ هوندي آهي. اهوئي ڪافي آهي تہ اوهان جنگي قوت جي آسري تي لڳي پيش قدمي نہ ٿا ڪريو. جيڪڏهن اوهان دشمن جي صورتحال بابت صحيح اندازو ڪيو آهي ۽ دشمن مٿان غالب ٿيڻ واسطي فوج کي آئي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو آهي تہ اهو اوهان بلڪل صحيح ڪم ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ۾ دورانديشيءَ

يا سچيتائيءَ نه آهي ۽ دشمن کي گهٽ ڪري ٿو سمجهي ته پڪ سمجهو ته دشمن کيس جهلي جنگي باندي بنائي ونندو.

جيڪڏهن فوج کي سندن وفاداريءَ پرکڻ کان سواءِ سزا ڏني ويندي ته اها حڪم ڪانه مڃيندي، جيڪڏهن فوجي سپاهي وفادار نه آهن ته پوءِ اوهان انهن کان ڪم وٺي ڪونه سگهندا. پر جيڪڏهن فوجي توسان پڪل آهن، پر منجهن نظم ۽ ضبط نه آهي ته توهان انهن مان ڪم وٺي نه سگهندا. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته توهان انهن کي شرافت سان حڪم ڪريو ۽ کين نظم ۽ ضبط سان پنهنجي اثر ۽ ضابطي هيٺ رکڻ جي ڪوشش ڪريو. انهيءَ طريقي سان فتح ماڻي سگهجي ٿي. جيڪڏهن فوجين کي هدايتن ڏيڻ وقت حڪمن جي چڱي ريت پوئواري ڪئي پئي وڃي ته سمجهو ته فوجي فرمانبردار آهن. پر جيڪڏهن انهن کي هدايتن ڏيڻ مهل، مليل حڪمن جي پوئواري نه ٿي ڪئي وڃي ته فوجي فرمانبردار نه ٿي سگهندا.

جيڪڏهن حڪم اعتماد جوڳا آهن ۽ انهن تي عمل به ٿي رهيو آهي ته پوءِ سمجهڻ کپي ته ڪمانڊر ۽ فوج جي وچ ۾ لاڳاپو اطمينان جوڳو آهي.

باب ڏهون

فوجي مقصدن لاءِ مناسب هنڌ

جنگ جي ميدان پرسان فوجي منزل لاءِ اهڙي هنڌ يا جوءِ جي چونڊ ڪئي وڃي، جيڪا پهچ جوڳي، منجهائيندڙ، موقعي سان مناسب، ايڪيري، وڻيرڪي ۽ سوڙهن گهٽن واري هجي، جنان فوج هڪ هڪ تي قطار ۾ گذري سگهي. جنهن ميدان مان اسان جي يا دشمن جي فوج آرام سان لنگهي وڃي ته ان کي پهچ جوڳو علائقو سڏيو ويندو آهي. اهڙي ميدان تي جيڪا ڌر پهريائين والار ڪندي ۽ اُس واري مٿاهين جڳهه تي منزل ڪندي ۽ رسد جي آمدرفت وارن رستن تي ضابطو ڪري وٺندي سا ڏاڍي سولائيءَ سان جنگ جوٽي سگهندي.

جنهن ميدان تي پهچي ته سولائيءَ سان وڃجي، پر ٻاهر نڪرڻ ڏکيو هجي ته ان کي مشڪل ۽ مجهائيندڙ جوءِ سڏبو آهي. ميدان جو مٿاچرو اهڙو هجي جو جيڪڏهن دشمن ويسلو هجي ۽ اسان اوچتو وڃي مٿس ڪڙڪون ته کيس شڪست ڏئي سگهون. جيڪڏهن دشمن تيار ويٺو هجي ۽ اوهان مٿانئس اوچتو حملو ڪريو ٿا ۽ سوڀ ماڻي نه ٿا سگهو، ۽ توهان لاءِ موٽڻ ڏکيو آهي ته ان مان ڪوبه فائدو نه آهي. اهو ميدان جيڪو اسان ۽ دشمن لاءِ هڪ جهڙو ڏکيو هجي، تنهن کي وقت ڪڍڻ جهڙو ميدان سڏيو ويندو آهي. هن ميدان جو مٿاچرو اهڙو هوندو آهي، جڻ ته دشمن دوکي ڏيڻ جي غرض سان ڪا لالچ ڏيندو هجي. پر آءٌ ان جو خيال نه ڪري کيس برغلائڻ واسطي ٻاهر نڪرڻ جي ڏيکاري ڏئي پيش قدمي ڪريان. مون کي ائين ٻاهر نڪرندو ڏسي سندس اڌ فوج منهنجي ڪڍ لڳي پوي ته مون کي مٿس اوچتي حملي ڪرڻ جي سهوليت ميسر هجي. جيڪڏهن آءٌ سوڙهن گهٽن کي پهريائين وڃي والاريو آهي ته آءٌ دشمن جا سيئي لنگهه بند ڪري ڇڏيندس. جيڪڏهن اهي ساڳيا گهٽ پهريائين دشمن والاري وڃي ٿو ته

مون کي مٿس حملو ڪرڻ نه گهرجي. جيڪڏهن هو انهن سيني سوڙهن گهٽن تي والارڻ ۽ بند ڪرڻ ۾ سوڀارو نه ٿيو آهي ته پوءِ مون کي رهيل گهٽن کي والارڻ بند ڪري ڇڏڻ گهرجي. ايڪيري ميدان جي اُس وارين مٿاهين تي منزل ڪرڻ گهرجي ۽ دشمن جي اچڻ جو انتظار ڪجي. جيڪڏهن اهڙو ميدان مون کان اڳ ۾ دشمن والاري ويو آهي ته پوءِ مون کي اهڙيءَ جوءِ کان ٻاهر هليو وڃڻ گهرجي. مون کي مٿس حملو ڪرڻ نه کپي. جيڪڏهن اوهان پنهنجي هڪ جهڙي طاقت واري دشمن کان پري آهيو ته ان کي جنگ ڪرڻ لاءِ اُڀارڻ مشڪل آهي ۽ ان سان جنگ ڪرڻ سان ڪوبه فائدو نه ٿيندو.

اِهي جوءِ يا علائقي جي ڇهن قسمن سان لاڳاپيل اصول آهن. فوجي جنرل تي هي فرض عائد ٿئي ٿو ته پنهنجي دشمن بابت نهايت خبرداريءَ سان معلومات حاصل ڪري.

هتي اهڙيون ڇهه حالتون بيان ڪجن ٿيون، جن ڪري فوج ناڪام ٿي ويندي آهي، جن ۾ ڀڄڻ، نافرماني، بي ترتيبيءَ سبب ڍير ٿي پوڻ، تباهي، بدانتظامي ۽ فتنو ۽ فساد شامل آهن.

هنن ڳالهين جي نتيجن ۾ ٿيندڙ تباهيءَ کي فطري ڪارڻ ڏانهن منسوب نٿو ڪري سگهجي، پر انهن جو ڪارڻ فوجي جنرل هوندو آهي. جيڪڏهن ڏهوڻي طاقت واري دشمن مٿان حملو ڪبو ته ان جو لازمي نتيجو ڀاڄ هوندي. جيڪڏهن فوجي سپاهي طاقتور ۽ بهادر هوندا ۽ عملدار ڪمزور هوندا ته نتيجي ۾ فوجي سپاهي نافرمان ٿيندا. جيڪڏهن عملدار بهادر ۽ فوجي سپاهي ڪمزور هوندا ته فوج بي ترتيبيءَ جو شڪار ٿي ڍهي پوندي. جڏهن فوجي عملدار ڪاوڙيل ۽ نافرمان هوندا آهن. دشمن سان مقابلي وقت ابهرائي ڪري جنگ ۾ ڪاهي پوندا آهن، جنگي امڪانن کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪندا آهن ۽ اهي ڪمانڊر جي حڪمن جو انتظار نه ڪندا آهن ته فوج تباهه ٿي ويندي آهي. جڏهن جنرل اخلاقي طور ڪمزور هوندو آهي ۽ وٽس ڪي اختيار نه هوندا آهن، سندس هدايت ۽ رهبريءَ ۾ روشن ضميري نه هوندي آهي، عملدارن ۽ فوجي سپاهين جي رهبري وارن اصولن ۾ هڪجهڙائي ڪانه هوندي آهي، فوجي ترتيب ۽ تشڪيل ۾ انتشار ڪاهي پوي ته ان جو نتيجو فوجي بدنظمي جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندو آهي.

جڏهن جنرل صحيح تخمينو ڪري نہ سگهندو آهي ۽ پنهنجي ٿوري فوج کي دشمن جي گهڻي فوج تي حملي لاءِ موڪليندو آهي يا پنهنجي ڪمزور فوج دشمن جي طاقتور فوج جي مقابلي لاءِ رواني ڪندو آهي يا جڏهن هر اول دَستي لاءِ طاقتور ۽ باصلاحيت ماڻهن جي چونڊ نہ ڪندو آهي تہ ان جو نتيجو فتنو ۽ فساد نڪرندو آهي. جڏهن هنن ڇهن حالتن مان ڪابہ حالت ظاهر ٿئي تہ فوج کي ضرور شڪست ايندي. جنرل جي نهايت اهم ذميواري هيءَ آهي تہ هنن ڳالهين تي نهايت خبرداريءَ سان سوچي. جنگ ۾ ميدان جي جوڙجڪ ۽ مطابقت نهايت اهم آهي، ان ڪري هڪ بهترين جنرل جي اهم خوبي اها آهي تہ فتح حاصل ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي دشمن جي جنگي صورتحال جو صحيح نموني سان اندازو ڪري ۽ جنگي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ علائقي يا ميدان جي فاصلي ۽ مشڪلاتن کي چڱيءَ ريت ڌيان ۾ رکي. جنهن بہ جنرل کي هنن ڳالهين جي پوري ڄاڻ هوندي سو ضرور جنگ ۾ فتح حاصل ڪندو ۽ اهڙين ڳالهين کان بي خبر جنرل ضرور شڪست کائيندو. جيڪڏهن صورتحال مان معلوم ٿئي تہ فتح يقيني آهي، پر ملڪ جو حڪمران جنگ نہ ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو تہ ان حالت ۾ جنرل کي جنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ کپي. جيڪڏهن صورتحال مان شڪست جو انومان آهي، پر ملڪ جو بادشاهہ جنگ ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو تہ جنرل لاءِ جنگ نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ ضروري آهي. جيڪو جنرل دشمن ملڪ تي ڪاهي وڃي رهيو آهي ۽ کيس پنهنجي شهرت ۽ ناليءَ جي بہ پرواهہ نہ آهي يا هو پوئتي هٽڻ کي پنهنجي بي عزتي ۽ توهين تصور نٿو ڪري، سندس اولين مقصد پنهنجي ملڪ کي بچائڻ ۽ ملڪ جي حڪمرانن جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ آهي تہ اهڙو فوجي جنرل پنهنجي ملڪ لاءِ شاندار ملهہ هيرو هوندو آهي.

جيڪو جنرل پنهنجن فوجي سپاهين کي ٻارن جهڙو بي عقل سمجهي ٿو تہ هو پيش قدمي ڪري وڃي اونهيءَ کڏ ۾ ڪرندو. جيڪو جنرل پنهنجن فوجي سپاهين سان پنهنجي محبوب پيارن ٻارن وانگر اڻ ميو پيار ڪندو آهي تہ فوجي سپاهي بہ هن لاءِ سرتريءَ تي رکڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ هن سان گڏجي مرڻ لاءِ تيار رهندا آهن. جيڪو جنرل پنهنجي فوجين کان ڪم وٺي ڪونہ ٿو سگهي، رڳو سندن نازبرداريءَ ڪري ٿو يا فوجي

سپاهي بدنظمي جو شڪار آهن ۽ ڪماندر مٿن ضابطو رکي ڪونہ ٿو سگهي تہ اهڙن فوجي سپاهين کي لاڏلن پٽن جيان چريو ڪريو ڇڏي سگهجي ٿو ۽ اهي ڪنهن بہ ڪم جا نہ هوندا آهن. جيڪڏهن مون کي خبر آهي تہ منهنجي فوج دشمن سان جهيڙي ڪرڻ لائق آهي، پر اهو نہ ٿو ڄاڻان تہ هو ان حملي ۾ شڪست نہ کائيندي تہ ان حالت ۾ اڌ فتح جي توقع ڪرڻ کپي. پر جيڪڏهن مون کي خبر آهي تہ دشمن شڪست کائي ويندو. پر مون کي اها خبر نہ آهي تہ منهنجي فوج ان تي حملي ڪرڻ جي لائق آهي يا نہ، تہ ان حالت ۾ بہ اڌ فتح جي توقع ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن مون کي خبر آهي تہ منهنجي فوج دشمن سان هٿ ڳنڍڻ جي طاقت رکي ٿي ۽ اها بہ خبر آهي تہ دشمن منهنجي فوج جي سٽ سهي نہ سگهندو، پر مون کي اها خبر نہ آهي تہ ميدان جي ساخت جنگ لاءِ مناسب نہ آهي تہ ان صورت ۾ بہ اڌ فتح جي توقع ڪرڻ گهري. تنهن ڪري تجربيڪار جنرل جڏهن جنگ لاءِ پيش قدمي ڪندا آهن تہ اهي ڪڏهن بہ پريشان ۽ وائڙا نہ ٿيندا آهن ۽ جڏهن اهي جنگي سرگرمي شروع ڪندا آهن تہ وٽن ڪيترا ذريعا پيدا ٿي پوندا آهن. تنهنڪري آئون وري بہ چئي رهيو آهيان تہ، ”دشمن کي پرکيو، ڏسو وائسو ۽ پوءِ پنهنجي وت ۽ سگهہ کي بہ جاچيو پرکيو تہ توهان جي فتح کي ڪوبہ ڪنڪو نہ آهي ۽ ميدان ۽ موسم کي بہ جاڻڻ جي ڪوشش ڪريو تہ اوهان جي فتح جي تڪميل ٿي ويندي.“

باب يارهون

جنگ واري علائقي جون نو خاصيتون

فوج کي ويڙهه ۾ استعمال ڪرڻ کان اڳ ميدان کي هيٺين قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پنهنجي ملڪ اندر گهٽي علائقي ۾ پکڙيل ميدان، سرحد ويجهو ميدان، مکيه ۽ سولو، کليل ۽ آسان، ٽن طرفن کان جدا ملڪن جي سرحدن ڪري مرڪزي حيثيت وارو ميدان، محنت طلب، پوائنٽو، ڏکيو، چوڌاري وڪوڙيل ۽ خطرناڪ ميدان.

جڏهن حڪمران پنهنجي ملڪي سرحدن اندر وڙهندو آهي ته هو هڪ کليل ميدان ۾ هوندو آهي. جڏهن هو ڌارين ملڪ جي سرحد اندر ٿوري پنڌ تائين اندر ويندو آهي ۽ جنگ ڪندو آهي ته اهڙي ميدان کي سرحد ويجهو ميدان سڏبو آهي. جنهن ميدان کي ٻئي ڌريون آسانيءَ سان والاري سگهنديون آهن، تنهن کي مکيه ۽ سولو ميدان ڪري سڏجي ٿو. جيڪڏهن ڪو ميدان ٻنهي ڌرين لاءِ پهچ جوڳو هوندو آهي، ته ان کي آسان ۽ کليل ميدان چئجي ٿو. جنهن ملڪ جي چوڌاري ٽن ملڪن جون سرحدون هجن، تنهن کي ”مرڪزي حيثيت وارو ميدان“ سڏيو ويندو آهي. جيڪا ڌر اُن ميدان تي پهريائين والار ڪندي، سا چوڌاري موجود ملڪن جي مدد آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهندي. جڏهن فوج دشمن ملڪ جي حدن اندر گهڻو اڳتي نڪري وئي هجي ۽ دشمن ملڪ جا ننڍا وڏا شهر پوئتي ڇڏي وئي هجي ته اهڙي ميدان کي محنت طلب ميدان سڏبو. جڏهن فوج جبل، ٻيلا، ايڪيرو علائقو، پاڻيءَ واري جوءِ، سوڙها گهٽ، ڏٻڻ ۽ پاڻيءَ جي ڇر وارا علائقا يا اهڙا علائقا جن مان لنگهڻ مشڪل هجي، لنگهي پار پوي ته اهڙن علائقن کي مشڪل ۽ ڏکيا علائقا سڏبو. جنهن علائقي تائين پهچ محدود هجي، ٻاهر نڪرڻ وارو دگ ڏنگو ڦڏو هجي يا جتي دشمن جو مختصر تعداد وڏيءَ فوج جي سولائيءَ سان مزاحمت ڪري سگهي ته

اهڙي ميدان کي "وڪوڙيل" سڏيو ويندو آهي. جنهن ميدان تي فوج پنهنجي سر بچاءَ لاءِ جان جوکي ۾ وجهي بهادريءَ سان وڙهڻ لاءِ مجبور هوندي آهي. تنهن کي خطرناڪ ميدان چئجي ٿو. ان ڪري اوهان لاءِ ضروري آهي تہ ڪنهن ملڪ اندر کليل ميدان ۾ ڪڏهن بہ جنگ نہ ڪريو ۽ سرحدي ميدان تي بيهي نہ رهو.

جڏهن دشمن مکيہ ۽ سولي ميدان تي پهريائين قبضو ڪري وٺي تہ اوهان ان سان جنگ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. جيڪڏهن اوهان آسان ۽ کليل ميدان ۾ آهيو تہ توهان جي فوجي ترتيب وٺيرڪي نہ، پر ڳتيل هجي. جيڪڏهن ائين ڪندؤ تہ اوهان جو رابطو ختم ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اوهان مرڪزي ميدان تي قبضو ڪري ورتو هجي تہ پوءِ پر وارن ملڪن سان اتحاد جوڙ ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن اوهان محنت طلب ۽ پوائتي ميدان ۾ آهيو تہ دشمن جي ڦرلٽ ڪرڻ مهل هڪ هنڌ گڏجي وڃو. ڏکئي ميدان تي هجڻ مهل دشمن تي دباءُ رکو. دشمن طرفان وڪوڙيل ميدان ۾ موجود هئڻ وقت نئين حڪمت عمليءَ بابت سوچيو ويچاريو. جيڪڏهن اوهان خوفناڪ ميدان تي آهيو تہ هيانءَ نہ هاريو، پر دشمن سان بهادريءَ سان مقابلو ڪريو.

قديم دور ۾ ماهر جنرل لاءِ چيو ويندو هو تہ هو دشمن فوج جي محاذي ۽ هراول دستي کي پاڻ ۾ ملڻ ئي ڪونہ ڏيندا هئا. چاڪاڻ تہ ائين ٿيڻ سان سندن وڏيون ڊويزنون ننڍين ڊويزنن جي ۽ محاذي (Front) ماهر ويڙهاڪ ۽ پوياڙي (Rear) ويڙهاڪ هستي گهٽ چاڻ وارن فوجين ۽ فوجي عملدارن ۽ عام فوجي سپاهين جي تمام گهٽي مدد ڪري پئي سگهيا. جيڪا جنرل ڪرڻ ڪونہ ڏيندا هئا. جڏهن دشمن فوج ڇڙوڇڙ ٿي ويندي هئي تہ ان کي وري هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ کان روڪي ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن دشمن ملي گڏجي ويندا هئا تہ کين وري ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيندا هئا. جڏهن ضروري سمجهندا هئا تہ صفبندي ڪري پيش قدمي ڪندا هئا. جڏهن ضروري نہ سمجهندا هئا تہ منزل ڪري وچي رهندا هئا. ڪو ماڻهو هي سوال بہ پڇي سگهي ٿو تہ، "جيڪڏهن نظم ۽ ضبط واري هڪ طاقتور فوج حملو ڪري تہ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي." تہ ان لاءِ منهنجو جواب هي آهي تہ، "جيڪا شيءِ هن حاصل ڪري ورتي آهي، تنهن کان اها شيءِ

ڪنهي وٽ تہ هو تنهنجي خواهش جو احترام ڪندو." جنگ جو اصلي جوهر تيز رفتاري آهي. دشمن جي ويسلائيءَ مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪريو. پيش قدمي اهڙن رستن سان ڪريو، جن جو دشمن کي وهم گمان بہ نہ هجي. حملو ان جاءِ تي ڪريو، جنهن لاءِ هن اڳوات حفاظتي خيال کان ڪو بندوبست بہ نہ ڪيو هجي.

حملي آور فوج لاءِ اهم اصول هي آهن تہ جڏهن اوهان دشمن جي سرحدن کان گهڻو اڳتي نڪري وڃو تہ پنهنجي فوج کي متحد رکو. اهڙي طرح بچاءُ ڪندڙ ملڪ اوهان مٿان غالب پئجي نہ سگهندو. سگهي ٿي سائي ستابي علائقي کي ڦري لٽي پنهنجيءَ فوج لاءِ ڪاڌي خوراڪ جو بندوبست ڪريو. پنهنجيءَ فوج کي سٺي ڪاڌي خوراڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪريو. کين غير ضروري نہ ٿڪايو. سمورن جا هڪ جهڙا حوصلا بلند ڪريو. انهن جي طاقت کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريو. پنهنجيءَ فوج جي چرپر بابت اهڙا منصوبا جوڙيو، جو دشمن کي انهن بابت ڪا جاڻ ملي نہ سگهي. توهان پنهنجي فوج کي اهڙيءَ اهم جڳهہ تي مورچابند ٿيڻ جو حڪم ڏيو، جو کين اتان ڀڄڻ جي واهہ نہ ملي ۽ خوفناڪ صورتحال هوندي بہ هو ڪيڏانهن ڀڄي نہ سگهن. جيڪڏهن هو مرڻ مارڻ لاءِ تيار هوندا تہ ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا هو حاصل ڪري نہ سگهندا؟ ان صورتحال ۾ عملدار ۽ فوجي سپاهي متحد ٿي وڙهندا ۽ ڪنهن کان بہ نہ ڊڄندا. جڏهن سندن ڀڄڻ جون سڀ واهون بند هونديون تہ جان جوکي ۾ وجهي سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ شروع ڪري ڏيندا.

جڏهن دشمن جي سرحدن اندر گهڻو اڳتي نڪري وڃو تہ متحد رهڻ جي ڪوشش ڪريو. ٻيو ڪو رستو نہ ڏسي دشمن سان دست بدست وڙهي، ان سان هڪ هڪائي ڪرڻ گهرندا. اهڙيءَ صورتحال ۾ فوج کي خبردار رکڻ يا ڪنهن حوصلي ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانہ آهي. جنرل ڪائنس ڪنهن امداد جي تقاضا نہ ڪندو، پر پوءِ بہ کيس اها ملي ويندي. ڪائنس پيار محبت جي تقاضا نہ ڪندو، پر پوءِ بہ فوج ساڻس بي انتها محبت ڪرڻ شروع ڪري ڏيندي. منجهن نظم ۽ ضبط رکڻ جو ڪڏهن زور ڪونہ ڀريندو، پر پوءِ بہ هو پاڻ هرتو نظم ۽ ضبط رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا. منهنجي فوجي عملدارن وٽ ڪنهن بہ قسم جي ڌن دولت ڪانہ

آهي، ان جو ڪارڻ اهو آهي جو هو ڌن ڪان نفرت ڪندا آهن. ڪين ڊگهي عمر جي بہ خواهش ڪانہ آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هو ڊگهي ڄمار ڪان ونءُ ويندا آهن. جنهن ڏينهن فوج کي ٻاهر نڪرڻ جو حڪم ملندو آهي تہ گهر ويلن جي اکين جا ڳوڙها سندن پاند پسائي ڇڏيندا آهن ۽ سندن ڳلن تان بہ ڳوڙها نہ سڪندا آهن. پر اوهان انهن کي خوفناڪ صورتحال ۾ اڇلي ڇڏيو تہ اهي "ژئان زو" "چائو ڪوئي" جهڙا بهادر بنجي ويندا. (ژئان زو ۽ چائو ڪوئي لاءِ چيو ويندو آهي تہ هو بهار ۽ خزان واري دور سان تعلق رکندا هئا. بي انتها بهادر ۽ جنگجو هئا ۽ موت کان ڪونہ گهبرائيندا هئا.)

جنگ جي هيراڪ فوج چئنگ جبلن جي نانگ جيان وڙهندي آهي. جڏهن هن نانگ جي منڍيءَ تي ڌڪ هنيو ويندو آهي تہ پُڇ سان حملو ڪندو آهي ۽ جڏهن ڪيس پُڇ تي ڌڪ هنيو ويندو آهي تہ وات واري پاسي کان حملو ڪندو آهي. ڇا فوج ۾ بہ هم آهنگيءَ وسيلي اهڙي خوبي پيدا ٿي سگهي ٿي؟ انهيءَ لاءِ منهنجو جواب آهي تہ هائو. فوج ائين ڪري سگهي ٿي. جيئوٽيڪ وو ۽ يوئي جا ماڻهو هڪٻئي جا جاني دشمن آهن، اهي هڪ ٻيڙيءَ ۾ سوار آهن ۽ تيز هوا، ٻيڙي توائي ڪري وجي ڪنهن ڪارونڀار ۾ هنئي، تڏهن بہ هو پنهنجي سر بچاءَ لاءِ هڪ ٻئي جي واهر ائين ڪندا، جيئن ضرورت مهل ساڄو هٿ کاٻي جي مدد ڪندو آهي. فوجي سپاهين کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ سندن گهوڙن کي ڏانوڻ ڏيڻ ۽ رٿن جي ڦيٿن کي ڌرتيءَ ۾ پورو سُڪ ڪرڻ لازمي نہ آهي. بهادريءَ جي هڪ جهڙي معيار کي قائم ڪرڻ لاءِ "بهتر فوجي انتظام" رکڻ ضروري آهي. ان لاءِ ميدان جو صحيح استعمال بہ ضروري آهي، جتي طاقتور ۽ ڪمزور فوج کي هڪ جهڙي سهوليت ملي ويندي آهي. جنرل جي ڏاهپ انهيءَ ڳالهہ ۾ آهي تہ هو وڏيءَ فوج جي اڳواڻي ائين ڪري، ڄڻ هڪ اڪيلي ماڻهوءَ کي هٿ مان وني سندس مهنداري ڪري رهيو آهي.

هڪ بهتر جنرل جو ڪم آهي تہ هو پرسڪون، بااخلاق، اڻ ڌريو ۽ پاڻ تي ضابطو رکي سگهي. ڪيس گهرجي تہ پنهنجو منصوبو عملدارن ۽ فوجي سپاهين کان ڳجهو رکي، ڇاڪاڻ تہ هو صورتحال مطابق پنهنجي طريقہ ڪار ۾ تبديلي ۽ منصوبي ۾ ردوبدل ڪري سگهي. ان ڪري اهو ضروري

آهي تہ ڪنهن بہ ماڻهو کي اها خبر نہ پوي تہ هو ڇا ڪري رهيو آهي. پنهنجي فوجي ڪئمپ بدلائيندو رهڻ ۽ ڏنگو ڦڏو رستو ڏئي پيش قدمي ڪرڻ گهرجي. ان نموني ڪنهن کي بہ سندس مقصدن بابت ڪا اڳواٽ خبر پئجي نہ سگهندي. ڏاهي جنرل جو اهو بہ ڪم آهي تہ جڏهن فوج مٿي جبل تي چڙهي وڃي تہ هيٺان ڏاڪڻ ڪيرائي ڇڏي، ڇو جو هو فوج جي اڳوڻي ڪندي دشمن ملڪ ۾ گهڻو اڳتي هليو ويندو آهي ۽ اتي پهچي ٽراڻگر دبائي ڇڏيندو آهي. هو فوج جون ٻيڙيون ساڙائي ۽ رڌ پچاءَ جا ٿانوَ ٽپا ڀڃرائي ڇڏيندو آهي. ان وقت پنهنجي فوج کي رڍن جي ڌڻ جيان هيڏانهن هوڏانهن وني ويندو آهي ۽ ڪنهن کي بہ پتو نہ پوندو آهي تہ جنرل ڪيڏانهن هلڻ ٿو گهري. فوج هڪ جاءِ تي گڏ ڪري فوج کي جوکم واري هنڌ موڪلي ڇڏڻ بہ ڏاهي ڪمانڊر جو ڪم هوندو آهي. ميدان جي نؤ خوبين کي ڏسي ڪيس مختلف قسم جا قدم کڻڻا پوندا آهن. مختلف صورتحال کي ڏسي ڪڏهن اڳرائي ڪندو آهي تہ ڪڏهن بچاءَ وڙهندو آهي، مختلف حالتن ۾ فوجي سپاهين جي نفسيات کي سمجهڻ بہ ڏاهي جنرل جي فرض ۾ شمار ٿئي ٿو.

عام طور تي جڏهن دشمن ملڪ ۾ گهڻو اندر ڪاهي وڃبو آهي تہ فوج کي وڌيڪ متحد رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ٿوري پنڌ واري حملي ۾ فوج منتشر رهندي آهي. ان ڪري ڪليل ميدان واري جنگ ۾ منهنجي ڪوشش اها هوندي تہ جيئن سموري فوج جو هڪ گڏيل مقصد هئڻ کپي. سرحد واري ميدان ۾ آءٌ پنهنجي فوج کي هڪ ٻئي سان گڏ رکڻ جي ڪوشش ڪندس. مکيہ ۽ سولي ميدان ۾ مان چاهيندس تہ دشمن جي عقب تي وڃي حملو ڪريان. آسان ۽ کليل ميدان ۾ آءٌ پنهنجو سارو ڌيان بچاءَ تي ڏيندس. مرڪزي ميدان ۾ هجڻ مهل منهنجي ڪوشش هوندي تہ پاڙيسري حڪمران سان اتحاد قائم ڪريان. جڏهن آءٌ محنت طلب ۽ ٻوائتي ميدان تي هوندس تہ تيز رفتاريءَ سان پيش قدمي ڪندو رستن ڪان پري نڪري ويندس. وڪوڙيل ميدان ۾ آءٌ پهچڻ ۽ ٻاهر ويندڙ اهم هنڌن کي بند ڪري ڇڏيندس. جڏهن مان خطرناڪ ميدان ۾ هوندس تہ مان اهو ظاهر ڪندس تہ هاڻي نڪرڻ جي ڪا واهہ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ فوج گهيري ۾ اچي ويندي آهي تہ ڏاڍي مزاحمت ڪندي آهي. جڏهن بچڻ جو ڪو

ڳنتو نه هوندو ته سر ترڪيءَ تي رکي وڙهندي آهي. جڏهن فوج جي جان جوکي ۾ هوندي آهي ته جنرل جا حڪم اکين تي رکندي آهي.

پنهنجي پاڙيسري ملڪن جي منصوبن کان اڻ ڄاڻ ماڻهو انهن سان اتحاد ڪري نه سگهندو. جبلن، ٻيلن، پاڻيءَ جي چرن، ڍٻڻ، سوڙهن گهٽن کان ناواقف ماڻهو پنهنجي فوج جي اڳواڻي ڪري نه سگهندو. جيڪڏهن مقامي رهبرن کي استعمال نه ڪري سگهبو ته ڪيس صحيح محل وقوع جي خبر پئجي نه سگهندي. جيڪڏهن جنرل ميدان جي نوَ خوبين مان هڪ کان به غير واقف هوندو ته ڪيس اهم ۽ غالب بادشاهه جي فوج جو ڪمانڊر هجڻ نااهل سمجهيو ويندو. جيڪڏهن سيني مٿان غالب بادشاهه ڪنهن طاقتور حڪمران مٿان حملو ڪندو ته پنهنجي دشمن کي فوج جي صفبنديءَ جي مهلت نه ڏيندو. هو دشمن کي ايترو ڌمڪائي ڇڏيندو آهي، جو سندس اتحادي به سندس مدد ڪري نه سگهندا آهن.

ان مان اهو معلوم ٿيندو ته وڏي حڪمران کي طاقتور اتحادي سان جنگ ڪرڻ جي ضرورت ڪانه ٿي پوي، ۽ طاقتور ملڪن جي حوصلي افزائيءَ جي ڪا گهرج پوندي آهي. هو پنهنجي دشمن کي ڌمڪائي سندن ملڪن جي شهرن تي قبضو ڪري سندس راڄ کي ڊانواڊول ڪري سگهي ٿو. انعام به ملڪ ۾ موجود رسم رواج ۽ روايت کي ڇڏي پنهنجي طريقي سان ڏئي ٿو. اهڙا حڪم احڪام ۽ فرمان جاري ڪري، جن جو مثال اڳي موجود ئي نه آهي. اهڙيءَ ريت تون سڄيءَ فوج کي هڪ اڪيلي ماڻهو جيان ڪم آڻي سگهين ٿو. تون پنهنجي مرضيءَ مٿانئن مڙهڻ کان سواءِ فوج کي ڇڙواڳ ڇڏي سگهين ٿو، ته انهن کي جيڪي وڻي سو ڪن. تون پنهنجي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ کين آزاد ڇڏي سگهين ٿو ۽ کين اهو به نه ٻڌائيندين ته انهن کي ڪهڙا خطرا درپيش اچي سگهن ٿا؟ انهن کي نهايت خطرناڪ صورتحال ۾ اڇلائي ڇڏ پر اُهي ڪوشش ڪري انهيءَ مان به بچي نڪرندا. تون انهن کي جان جوکي واري ميدان تي ڇڏي ڏيندين ته پوءِ به هو جيئرا رهي سگهندا. جڏهن فوج کي اهڙي خطرناڪ صورتحال ۾ ڇڏي ڏبو ته پنهنجي سگهه جي آڌار تي شڪست کي به فتح ۾ بدلائي ڇڏيندي. جنگي سرگرميءَ جو ڏکيو مرحلو دشمن جي ادارن جو پتو لڳائڻ هوندو آهي. جيڪڏهن اهڙو ڪو سراغ ملي ويو ته تون دشمن

خلاف فوج جي صفبندي ڪري سگهين ٿو. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن تون هزار لي ڪان بہ ڪٽڪ وٺي ڪاهي ايندين تہ بہ ان ملڪ جي جنرل کي قتل ڪري سگهندين. ان کي پنهنجي عقل ۽ ذهانت سان پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ سڏي سگهجي ٿو.

تنهنڪري، جڏهن منصوبي مطابق حملي ڪرڻ جو موقعو ملي تہ لڪن تي وجي قبضو ڪري نڪتل راهداريون رد ڪري ڇڏ. دشمن جي ايلچيءَ سان وڌيڪ مذاڪرات ختم ڪري ڇڏ ۽ مندر واري ڪائونسل کي منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ نصيحتون موڪل. جيڪڏهن دشمن توکي پاڻ موقعو ڏئي تہ تون نهايت تيز رفتاريءَ سان ان مان فائدي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. جنگ جو هنڌ مقرر ڪرڻ ڪان اڳ ان جاءِ تي قبضو ڪر، جيڪا دشمن جي لاءِ نهايت اهم آهي. پنهنجي منصوبي تي عمل ڪرڻ ۽ فتح حاصل ڪرڻ واسطي دشمن جي جنگي صورتحال مطابق تبديليون بہ ڪري سگهين ٿو. تنهن ڪري توکي ابتدا ۾ هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جيان شرميلو بہ ٿيڻو پوندو. جڏهن دشمن توکي لنگهي وڃڻ لاءِ ڪو ڳِڙو ڏئي تہ پوءِ سيهڙ وانگر تيز رفتاريءَ سان نڪري هليو وڃ. پوءِ هو توکي ڪڏهن بہ روڪي نہ سگهندا.

باب ٻارهون

ٻاهہ سان حملو

ٻاهہ سان حملي جا پنج قسم آهن، جن مان فوجي سپاهين کي ٻاهہ ڏيڻ، کاڌي خوراڪ جي سامان کي ٻاهہ ڏيڻ، ساز ۽ سامان کي ٻاهہ ڏيڻ، اسلحي خاني کي ٻاهہ ڏيڻ ۽ آمدرفت جي ذريعن کي ٻاهہ ڏيڻ. ٻاهہ ڏيڻ وارو ساز ۽ سامان هٿ ۾ هئڻ کپي. ٻاهہ ڏيڻ واسطي مناسب وقت ۽ ڏينهن جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي. ان مان وقت جي معنيٰ تہ جڏهن موسم سخت گرم ۽ سازبندڙ هجي. ڏينهن جو مطلب آهي، جڏهن چنڊ برج قسو الفاراز تارن جي ميڙ ۾ هجي، انهيءَ وقت تيز هوائون هونديون آهن.

اها ڳالهہ ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي تہ جنگ ۾ ٻاهہ جي حملن دوران تبديل ٿيل حالتن ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهڻو ضروري هوندو آهي.

جڏهن دشمن جي فوجي ڇانوڻي ۾ ٻاهہ ڀڙڪي اٿي تہ اوهان ٻاهران جلد ئي گڏيل حملي جي شروعات ڪريو. جيڪڏهن دشمن جا سپاهي ماٺ هجن تہ اوهان کي ڪنهن مناسب وقت لاءِ ترسڻو پوندو ۽ هڪدم حملو نہ ڪرڻو پوندو. جڏهن ٻاهہ جا ڀنبٽ ٿي وڃن تہ اوهان حملو ڪري ڏيو. جيڪڏهن اوهان نہ ٿا ڪري سگهو تہ پوءِ ٿوري دير انتظار ڪريو. جيڪڏهن اوهان دشمن فوجي ڪئمپ ٻاهران ٻاهہ لڳائڻ ۾ سوڀارا ٿي ويا آهيو تہ اوهان کي فوجي ڪئمپ جي اندر ٻاهہ لڳڻ تائين ويهي رهڻ نہ گهرجي. فوجي ڪئمپ کي ٻاهہ ڏيڻ لاءِ مناسب وقت جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي. ٻاهہ هوا جي رخ کي ڄاچي ڏيڻ گهرجي ۽ مٿئين طرف کان ڏيڻ کپي. پر هوا جي هيٺئين رخ کان ٻاهہ نہ ڏيڻ گهرجي ۽ حملو بہ هوا جي مٿئين پاسي کان ڪجي. جڏهن هوا ڏينهن جو تيز گهلندي آهي تہ رات جو ڪجهہ ماٺي ٿي ويندي آهي. فوج لاءِ ضروري آهي تہ اها ٻاهہ ڏيڻ لاءِ پنجن حالتن کان واقف هجي ۽ ڪيس مناسب وقت جو انتظار ڪرڻ گهرجي.

جيڪا فوج پنهنجن حملن کي وڌيڪ سگهاري ڪرڻ لاءِ باهہ کان بہ ڪم وٺندي، ان کي تمام گهڻو فائدو رسندو آهي. جڏهن ڪا فوج درياهہ کي ڪنڌ ڏيٺي دشمن جي واڌ روڪڻ جو بندوبست ڪندي آهي تہ ان کي دشمن جي ڪئمپ کي باهہ ڏيڻ کان بہ گهڻو فائدو پهچندو آهي. پاڻي دشمن کي اڪيلو ڪري ڇڏيندو آهي. پر فوجي سامان ۽ کاڌو خوراڪ جو ايڏو زيان نہ ٿيندو آهي. پاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ باهہ وڌيڪ نقصان ڪندي آهي.

تنهنڪري، جنگ ۾ فتح ۽ مقصد حاصل ڪرڻ واسطي، جيڪڏهن هي ڳالهيون نہ ٿا ڪريو ۽ پنهنجي ڪاميابين کي يقيني نہ ٿا بڻايو تہ اها هڪ قسم جي بدشگوني هوندي آهي. جنهن کي وقت جو اجايو زيان بہ تصور ڪيو ويندو آهي. ان ڪري چيو ويندو آهي تہ عقلمند حڪمران بهترين منصوبي بنديءَ کان پوءِ جنگ جي شروعات ڪندا آهن ۽ ڏاها جنرل ان منصوبابندي تي سختيءَ سان پابندي ڪندا آهن. جيڪڏهن اهڙي منصوبابندي ملڪي مفادن ۾ نہ هوندي آهي تہ ان کي ڇڏي ڏنو ويندو آهي ۽ عمل ڪونہ ڪيو ويندو آهي. جڏهن اوهان ڪو خوف ۽ خطرو محسوس نہ ٿا ڪريو تہ جنگ نہ ڪريو. هڪ حڪمران کي انهيءَ ڪري جنگ شروع نہ ڪرڻ گهرجي تہ هو دشمن ملڪ تي ڪاوڙيل آهي ۽ جنرل کي انهيءَ ڪري جنگ شروع ڪرڻي نہ آهي تہ هو ڪنهن ملڪ سان اختلاف راءِ رکي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ڪاوڙيل ماڻهو جي دل تان غصو لهي بہ ويندو آهي ۽ اختلاف راءِ رکڻ وارو جنرل ڪڏهن ساڳئي ملڪ مان خوش بہ ٿي ويندو آهي. پر جنگ جي ڪري جيڪو ملڪن کي هاڃو رسندو آهي، تنهن جو ازالو ٿي نہ سگهندو آهي، نہ وري جنگين ۾ مارجي ويل ماڻهو جيئرا ٿي سگهندا آهن. ان ڪري اهڙو روشن ضمير حڪمران جيڪو جنگ جي نتيجن کان واقف ۽ تيز فهم آهي، تنهن کي جنرل کي چتاءُ ڏيڻ گهرجي تہ اهڙي هاڃيڪار ڪم کان پاسو ڪري. اهڙيءَ ريت ملڪ محفوظ ٿي ويندو ۽ فوج بہ بچي ويندي.

باب تيرھون

جاسوسن جو استعمال

جڏھن لک فوج ڀرتي ڪري ڪنھن جنگي مھم لاءِ پري رواني ڪئي ويندي تہ حڪمران ۽ ماڻھن جو ڏھاڙي خرچ ھڪ ھزار سونا سڪا ٿي ويندو آھي. ان کان سواءِ ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاھر ھڪ مانڌاڻ مچي ويندو آھي. ماڻھو آمدرفت واري ڏچي ۾ ڦاسي پوندا آھن. ان سان گڏ ڪين پوکيءَ راھيءَ جو بہ ڪم اڪلائڻو پوندو آھي. اھڙيءَ ريت ست لک ماڻھو پريشان ٿي ويندا آھن. (قديم دور ۾ ھڪ نيات اٺن گھرن تي مشتمل ھوندي ھئي. جڏھن ھڪ گھر مان ھڪ ماڻھو جنگ تي موڪليو ويندو ھو تہ باقي ست گھران اُن جي مدد ڪندا ھئا. اھڙيءَ ريت جڏھن ھڪ لک فوج محاذ تي موڪلي ويندي ھئي تہ پوئتي رھيل ست لک گھر چڱيءَ ريت پوکي راھي ڪري ڪونہ سگھندا ھئا.)

دشمن ڏريون، فيصلائتي فتح واسطي ڪيئي سال پاڻ ۾ وڙھنديون پيون ھيون. جيڪو حڪمران پنھنجي سامان سان دلچسپي ۽ بہ ٿي سونا سڪا خرچ ڪري نہ سگھندو ھو، تنھن کي دشمن جي فوجي صورتحال جي خبر نہ پئجي سگھندي ھئي. اھڙي حڪمران کي نہ ملڪ جو اونو ھوندو آھي، نہ وري ماڻھو جي ڳڻتي ھوندي آھي، اھڙو جنرل نہ حڪمران جو گھٽگھرو ھوندو آھي، نہ وري اھڙو حڪمران ڪڏھن جنگ ۾ سوڀ حاصل ڪري سگھندو آھي. انھيءَ ڪري ذھين حڪمران ۽ ڏاھو جنرل جيڏانھن ويندا آھن، فتح ئي فتح حاصل ڪندا آھن، ڇاڪاڻ تہ ڪين دشمن جي فوجي صورتحال جو اڳواٽ ئي پتو پئجي ويندو آھي. اھڙو اڳواٽ پتو ڪين جنن ڀوتن يا ديوتائن وسيلي ڪونہ پوندو آھي، نہ وري گذريل واقعن يا علم نجوم وسيلي ڪين اھڙي معلومات ملي ويندي آھي، ھنن کي اھڙي ڄاڻ انھن ماڻھن وسيلي ملي ويندي آھي، جيڪي دشمن فوج جي صورتحال کان چڱيءَ ريت واقف ھوندا آھن.

اهڙيءَ ريت جاسوسن جا پنج قسم آهن، جهڙوڪ: ملڪي جاسوس، اندروني جاسوس، ٻٽي ڪردار وارا جاسوس، افواهہ پکيڙيندڙ جاسوس ۽ بچي ويندڙ جاسوس. جڏهن جاسوس جا اهي پنج قسم پنهنجي ڪم ۾ رڌل هوندا آهن ۽ سندن ڪارڪردگي ڳجهي هوندي آهي تہ اهڙي قسم جي ڳڌيل ڪم کي "هنرمنديءَ سان لاڳاپيل قدرتي تاجي پيٽو" سڏيو ويندو آهي. اهڙا جاسوس، ملڪ جي حڪمرن جو انمول خزانو هوندا آهن. ملڪي يا ڏيهي جاسوس دشمن ملڪ سان تعلق رکندا آهن، جن کي اسان مقرر ڪري ڪم وٺندا آهيون. اندروني جاسوس دشمن ملڪ جي سرڪاري عملدارن مان هوندا آهن، جيڪي اسان جو ڪم ڪندا آهن. ٻٽي ڪردار وارا جاسوس اهي هوندا آهن، جيڪي اصل ۾ دشمن جا جاسوس هوندا آهن، پر ڪين استعمال وري اسان ڪندا آهيون. افواهہ پکيڙيندڙ جاسوسن جو تعلق اسان سان هوندو آهي، جن کي دشمن فوج ۾ افواهہ پکيڙڻ لاءِ مقرر ڪيو ويندو آهي. بچي ايندڙ جاسوس دشمن فوج مان خير سلامتيءَ سان واپس موٽندڙن کي سڏيو ويندو آهي.

اهي سڀ جاسوس ڪمانڊر جي بلڪل ويجهو هوندا آهن. هنن کان وڌيڪ ڪمانڊر جي ڪير بہ قريب نہ ويندو آهي، جاسوسن کي تمام گهٽي آزادي مليل هوندي آهي، هنن جي سرگرمين کي تمام گهڻو ڳجهو رکيو ويندو آهي. جيڪو ماڻهو سياڻو، سچيت، صحيح انسان ۽ انصاف پسند نہ هوندو آهي، تنهن کي جاسوس مقرر نہ ڪيو ويندو آهي. دشمن فوج وٽان فقط ذهين ۽ عيار ماڻهو سچيون خبرون حاصل ڪري سگهندو آهي.

اهو ماڻهو صحيح معنيٰ ۾ ذهين هئڻ گهرجي، جنهن جڳهہ تي جاسوسي ممڪن نہ هجي تہ نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن جاسوسيءَ بابت تيار ڪيل منصوبو پڌرو ٿي پوندو ۽ جاسوسيءَ جي سرگرمين بابت سارو ڳجهہ دشمن کي معلوم ٿي ويندو تہ پوءِ ان ڪم سان لاڳاپيل جاسوس ۽ ان سان تعلق رکندڙ ماڻهو قتل بہ ٿي ويندا آهن.

عام طور تي جن فوجن تي اوهان حملو ڪرڻ گهرو ٿا، يا جن شهرن تي ڪنڪ وني ڪاهي وجڻ ٿا چاهيو، يا جن ماڻهن کي اوهان قتل ڪرڻ گهرو ٿا تہ پهريائين قلعي اندر رهيل فوج جي ڪمانڊر ۽ ٻئي عملي، رهبرن" قاتڪن جي رکوالن ۽ ذاتي پهريدارن" جي نالن جو پتو هئڻ ضروري آهي.

اوهان پنهنجي جاسوسن کي هدايتون ڏيو تہ ڪين ملندڙ خبرن جو پيرائتو ۽ سچو احوال هٿ ڪن. اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ اوهان جي فوج ۾ جيڪي دشمن جا جاسوس ڪم ڪري رهيا آهن، تن بابت بہ اوهان کي سچي ڪري ڄاڻ هٿ ڪيي ۽ انهن کي رشوت آڇي پنهنجي فوج جي جاسوسيءَ لاءِ ڪم سان لڳايو. کين هدايتون ڏيو ۽ سندن تمام گهڻو خيال رکو. ٻٽي جاسوسن وسيلي ملڪي يا ڏيهي جاسوس ۽ اندروني جاسوس مقرر ڪيا ۽ ڪم سان لاتا ويندا آهن. هنن جاسوسن جي مدد سان افواهہ پکيڙيندڙ جاسوس دشمن فوج وٽ پهچي سگهندا آهن. ان کان سواءِ بچي ايندڙ سپاهي پنهنجو مقرر ڪم ڪري دشمن فوج وٽان خير سلامتيءَ سان موٽي سگهندا آهن.

ملڪ جي حڪمران کي هنن پنجن قسمن جي جاسوسن کان باخبر هئڻ کپي. سيني کان مکيہ ۽ اهم ڳالهہ ٻٽي ڪردار وارن جاسوسن کي ڪتب آڻڻ سان واسطو رکي ٿي، تنهن ڪري اهو ضروري ٿيندو تہ کين پنهنجي فرض جي ادائگيءَ لاءِ مڪمل آزادي هئڻ کپي.

قديم دور ۾ شئنگ گهراڻي جو رتبو ۽ ڪمال يي زي (Yi Zhi) ڪري ٿيو هو. هن زيا (Xia) جي ماتحت بہ ڪم ڪيو هو. زائو گهراڻي (يا چائو گهراڻي) جو عروج ۽ ڪمال بہ لويا (Luya) جي ڪوشش جو نتيجو هو، جنهن ين (Yin) جي هٿ هيٺ ڪم ڪيو هو. تنهن ڪري فقط دورانديش حڪمران ۽ ڏاها جنرل جيڪي ذهين ماڻهن کي جاسوسي ڪرڻ جي غرض سان ملازم رکندا ۽ انهن کي صحيح استعمال ڪري سگهندا آهن، اُهي ئي ڪاميابيون حاصل ڪري سگهندا آهن. جنگ ۾ جاسوسي سرگرميون گهڻيون اهم هونديون آهن. فوج جي هر چرپر سندن ڏنل اطلاعن مطابق هوندي آهي.

◉

ويڙهه جو فن

سن زو / عطا محمد ڀنڀرو

عام طور تي ائين چيو ويندو آهي ته تاريخ اندر اقتصادي معاملن جي تاريخ کان سواءِ ڪي به قانون نظر ڪونه ٿا اچن. ساڳي ڳالهه جنگي تاريخ لاءِ پڻ چئي سگهجي ٿي. فن ۽ علم ۾ ڪٿي ڪيترين به تبديلين يا ماڻهن ۽ وسيلن ۾ ڪٿي ڪيترو به فرق اچي ويو هجي، پر پوءِ به جنگ ۾ ڪنهن نه ڪنهن قانون ڏانهن سچيتائيءَ سان ڌيان ضرور ڏريو ويندو آهي. اڄ کان 2400 سؤ سال اڳ "سن زوءَ" نالي هڪ ماڻهو چين جو حڪمران هوندو هو. هڪ اندازي موجب اهو زمانو ڪنفيوشس وارو هو. هي اهو ماڻهو هو، جنهن سڪندراعظم کان به گهڻو اڳ جنگ جا ڪي قانون ۽ ضابطا مقرر ڪيا هئا. معلوم ٿئي ٿو ته "سن زوءَ" جي جنگي ضابطن ۽ اصولن جي مطالعي کان پوءِ ڪيترائي فوجي مهندار غلط اندازن ۽ غلط ڳالهين کان بچي پيا هوندا. سن زوءَ جي جنگ جي فن بابت تحرير ڏات ۽ ڏانوَ وارو قيمتي ڪتاب آهي، جيڪو پنهنجي وقت کان گهڻو اڳ لکيو ويو. جيڪڏهن ائين چئجي ته اهو چيني ٻوليءَ ۾ لينن جي اصولن ۽ چين جي قديم فطري ۽ نج سڀيتا جو اظهار آهي ته غلط نه ٿيندو.

Rs.100/=

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪِبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جا ٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ڪي ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي چوء چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)